سدارت

سڌارٿ

(ناول)

(SIDHARTHA)

مصنف: هرمن هيس

(HERMAN HESSE)

سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ

1982ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ايڪٽيھون ڪتاب

ڇپائيندڙ	:	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ	:	پرفيڪٽ پرنٽنگ پريس ، ٣٧٤ صدر، حيدرآباد سنڌ.
پهريون ايڊيشن	:	جولائي 1982ع

قيمت : 10-00 رپيا

(سڀئي حق ۽ واسطا مصنف جا قائم)

SIDHARTHA (Novel) BY: HERMAN HESSE
Translated in Sindhi by Fazal Ahmed Bachani
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed. Hyderabad Sind. Pakistan.
First Edition July 1982.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم جي طرفان

سڄي انسان ذات هميشه کان بي حد دکي، حيران ۽ پريشان ۽ امن ۽ سڪون جي تلاش ۾ سرگردان رهي آهي. روحاني خوشيءَ جي هڪ هڪ پل لاءِ ٻڏڪندي رهي آهي، ڪڏهن وري ڪائنات، خدا ۽ بندي جا اسرار پروڙڻ خاطر جاکوڙون ڪندي رهي آهي. زندگي جا ڀيد معلوم ڪرڻ لاءِ ڏونگر ڏوريندي رهي آهي. ٻوءِ جن کي جيڪي ادراڪ ملي سگهيو آهي سو وس آهر ٻين تائين پهچائي پاڻ وري نيتي جي عميق ۾ هليا ويا آهن. هن ڪتاب جي سورمي کي به ڪائنات جي ڪتاب مان جيڪي ڪجهه پراپت ٿيو آهي سو ٻين تائين پهچائڻ لاءِ ليکڪ هي ڪتاب ويهي لکيو آهي.

هڪ فقير صفت صوفي طبيعت برهمڻ زادو، جنهن جو اندر ڪائنات ۽ تخليق جي اسرارن تان پردو کڻڻ لاءِ سدائين کان سڪندڙ آهي، سو پنهنجي "سچ" پسڻ لاءِ آتي ۽ اچايل دل ڪٺي، حيات ۽ سنسار جي مختلف دورن مان گذري، مختلف واٽون وٺي، مختلف آزمودا پرائي نيٺ ڪهڙي نتيجي تي ٿو پهچي. سو آهي هن ناول جو بنياد ۽ موضوع. زندگي ڇا آهي، سنسار ڇا آهي، ٻنهي جي لاڳاپي جي نوعيت ڇا آهي، سچي روحاني خوشيءَ جو راز ڪهڙو آهي، اها شانتي مذهب ۾ آهي يا مذهب کان ٻاهر؟ دنياداري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيش عشرت، ڪمن ڪارين يا لهو و لعب ۾ آهي يا مورکو دنيا کي تياڳڻ ۾؟ ويراڳ وٺي وڃي جهنگ جهر جهاڳڻ ۾ آهي يا دنيا جي مڙني شين سان تعلق رکڻ ۽ سهڪار ڪرڻ ۾؟ مذهبي ريتن رسمن کي پوريءَ طرح ورتائڻ ۾ آهي يا مورکو مذهب ئي سڄي رنج ۽ غم جو باعث آهي؟ بندي جي اندر ۾ ڇا آهي، سنسار جي شين ۾ ظاهر ڇا آهي ۽ لڪل ڇا؟ سچو سڪون، شانتي، نرواڻ، ڇوٽڪارو جيڪر ڪهڙي ريت ملي؟ــــ اهڙن ڪيترن سوالن جو جواب هن ناول مان ملندو.

هي ناول مشهور جرمن ليکڪ HERMAN HESSE جي بيحد مقبول ناول انگريزي SIDHARTHA جو مڪمل ترجمو آهي. جنهن جا فقط 1976ع تائين ڀاوير، ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن، دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي، ان تي فلمون ٺهي چڪيون آهن ۽ ليکڪ کي نوبيل انعام به ملي چڪو آهي. فقط هڪڙي سال 1973ع ۾ هن ناول جون ست ايڊيشن وڏي تعداد ۾ نڪتيون. واضح رهي ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ روحانيت جو ادب گهڻو ليکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو.

هن ڪتاب جي ترجمي وقت به ترجمي جا حق ادا ڪرڻ جي پوري ديانت داريءَ سان ڪوشش ڪئي اٿم. ترجمو مڪمل آهي البت ڪي ٽڪرا جي بنهه غير ضروري ورجاءَ ۽ اجايو اناءَ هئا سي ڇڏي ڏنا اٿم پر اهڙي طرح جو ڪهاڻي ۽ ان جي تسلسل تي ذرو به اثر نه پوي.

هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته ترجمو ڪيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسودي ۾ گهڻي ٺيٺ هندي اکر جي استعمال ٿيا آهن سو ان ڪري جو اصل مسودي ۾ به ڪي اهڙا اکر استعمال ڪيا ويا آهن ۽ ٻيو ته اهڙن اکرن جي استعمال کان سواءِ بيان ۾ اها سوڀيا نٿي رهي جا هن ناول جو اصل روح آهي

آءٌ محترم نظام الدين راشدي جو ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جو مسودو مون کي فيئر ڪري ڏنو.

پوري اميد اٿم ته منهنجي محنت جو قدر ٿيندو.

فضل احمد بچاڻي

١- جولاءِ ١٩٨٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي طرفان

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ايڪٽيهون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو شمار ڪلاسيڪل ادب جي مشهور ڪتابن ۾ ٿئي ٿو. جنهن جو اندازو اوهان کي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ خود ٿيندو.

اسان اڳ به واضح ڪري چڪا آهيون ته اسين نون ڪتابن سان گڏوگڏ اهڙا پراڻا، ناياب ۽ دلچسپ ڪتاب به شايع ڪندا رهنداسون، جن جي گهڻي عرصي کان ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. (ان سلسلي ۾ اسين ڪجهه ڪامياب ٿيا آهيون.) هاڻ اسين نه صرف اديب دوستن کي پر عام پڙهندڙن کي به گذارش ڪريون ٿا ته جيڪڏهن سندن نظر ۾ واقعي ڪي اهڙا ڪتاب هجن ته اسان سان تعاون ڪن.

اسان جي گذريل ڇهن مهينن کان اها ڪوشش رهندي اچي ته هر مهيني هڪ ڪتاب شايع ٿيندو رهي. ان ڪوشش ۾ اسين هن وقت تائين الله جي فضل ۽ پڙهندڙن جي سات ۽ اديب دوستن جي تعاون ڪري ڪامياب ٿيندا اچون. انشاالله اڳتي به اسين ضرور ڪامياب ٿينداسين.

— ادارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو پهريون

سڌارٿ، هڪ برهمڻ جو پٽ هو. سهڻو سلڇڻو، ننڍپڻ پنهنجي دوست گووند سان نديءَ جي ڪناري ڪاٺ جي ڪوليءَ ۾، پيڙين ۽ ٻوٽن جي ٽارين تي پپلي جي ڇنن ۾، انجيرن جي ڇانوَ ۾ ۽ نديءَ جي ڪناري تي جرڪندڙ آس ۾، راند روند ڪندي گذاريائين. نديءَ ۾ پوتر اشنان ڪندي آس ۾ هن جا پورا لڱ ڀڪڻ لڳندا هئا. انهن جي وڻن جي جهنڊ ۾ راندهون ڪندي هن جي اکين جي ڪارڻ وڏي ويندي هئي. هن جو برهمڻ پيءُ وديارٿين کي ويٺو سکيا ڏيندو هو، ته هن جي ماءُ ڪجهه نه ڪجهه ڳائيندي رهندي هئي.

سڌارٿ پڻ عالمن جي گفتگو ۾ گهڻو ڀرو وٺي چڪو هو. گووند سان بحث مباحثا ڪري چڪو هو، ۽ هن سان گڏجي ڌيان گيان جي مشق ڪري چڪو هو. ساهه کڻندي ڌيري سان "هري اوم" جو ڪلمو اچاريندو هو ته سندس پيشانيءَ تي نور جو سهاءُ پکڙجي ويندو هو. جو سندس روح جي اوچائي ۽ پاڪائي جو چٽو پاڇو هو. اندرجي اونهائيءَ ۾ جهاتي پائي، پنهنجي آتما جي اکين ۾ اکيون کپائڻ جو هنر هن سکي ورتو هو. آتما... جا ڪڏهن مرندي ناهي ۽ جا سچي سرشٽي ۾ هڪ ئي هڪ آهي.

هن جو برهمڻ پيءُ اهو ڏسي پيو گد گد ٿيندو هو ته،

سدارت ذهين آهي، علم حاصل ڪرڻ جو اتساهہ اٿس ۽ برهمڻن ۾ وڏي منزل جو مالڪ ٿيندو ٿو وڃي، ۽ ماءُ پنهنجي صحتمند ۽ سهڻي هانئي واري پٽ کي شان ۽ شڪوهہ سان اٿندو ويهندو ڏسي، فخر سان ڀئي ڀهہ ڀهہ ٿيندي هئي. هووَستيءَ جي گهٽين ۾ هلندو هو تہ برهمڻ نهنگرين جي دلين ۾ عشق اڇلون ڏيڻ لڳندو هو، هانئي ڌولائنتي، پيشاني بلند، ۽ اکيون شاهاڻيو جي هئس.

گووند کي تہ هن سان ئي عشق هو. هن جي هر ڳالهہ ۽ هر شئي سان عشق هو. توڙي هنجي اتساهہ وارن خيالات سان هن جي فهم سان، هن جي اڏول ارادن سان ۽ هن جي بلند خيالي سان عشق هو. هن جي دل شاهدي ٿي ڏني تہ هڪ ڏينهن سدارت، برهمڻن ۾ ڪو رواجي پروهت نہ پر هنن جو سرتاج ٿيندو.

گووند کي هن جو چاڪر، هن جو هردم جو ساٿي هن جو خدمتگار ۽ هر حال ۾ هن جو شريڪ بنجڻ جي آرزو هئي، ڀانيائين تہ هن سان ائين وامل ٿي وڃي، جيئن ڪو ڪنهن جو پاڇو هوندو آهي.

سدارت هرڪنهن جي اک جو تارو هو. پر سدارت پاڻ خوش نہ هو، انجيرن جي باغن ۾، گلن جي پيچرن تي گهمندي، وڻن جي جهڳٽن ۾ ويهي ڌيان ويچار ڪندي، ۽ روزانو پوتراشنان ڪندي پوري اهتمام سان پليدان جون رسمون ادا ڪندي، هرڪنهن جي سرهائي جو مرڪز هوندي بہ هو پاڻ اندر ۾ خوش نہ هو.

نديءَ جي وهڪري، ٽمڪندڙ تارن مان، سج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپاويڪ ڪرڻ مان طرح طرح جا خواب ۽ خيال هن جي ذهن ۾ لهي ايندا هئا. طرح طرح جا انومان هن جو پيڇو ڪندا هئا، ويچار ۽ وسواس هن کي ستائيندا هئا. بيقراري هن کي ستائيندي هئي. ٻليدان ڪيل شين جي دونهين مان، رگ وير جي شبدن مان ۽ برهمڻن جي اپديشن مان هن کي اهي ئي خواب ۽ خيال جڙندا محسوس ٿيندا هئا. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته ماءُ ۽ پيءُ جي محبت ٽوڙي گووند جو قرب به ته هن کي سدائين لاءِ خوش نه رکي سگهندو، نه شانتي ڏئي سگهندو نه ئي اهو ڪافي آهي. هن کي اهو شڪ ٿيڻ لڳو ته سندس پيءُ ٽوڙي ٻين سياڻن هن جي تانگهيندڙ روح جي مرتبان ۾ سندن عقل ۽ علم جو سڄو نچوڙ نائي ته ڇڏيو آهي، پر اهو مرتبان اڃا ٽار نه ٿيو آهي. وهنجي پاڪ ٿيڻ سٺي ڳالهه پر پاڻيءَ سان پاپ جا داغ ته نه ڌوپي سگهندا. نه ان سان ڏکي دل کي ڪو دلاسو ملندو! ديوتائن کي ٻاڏائڻ ۽ قربانيون ڏيڻ به چڱو ڪم پر اهو سڀڪجهه ڪافي ته نه آهي! ان ڪم مان ڪا خوشي ملي ٿي ڇا؟

۽ ديوتائن جو ڪهڙو اعتبار؟ ڇا و قعي سڀ سنسار انهيءَ هستيءَ خلقيو آهي، ۽ هي ديوتا به مٿان اسان وانگر ته نه خلقيا ويا آهن. فاني ۽ بي بقا! ته پوءِ اها ڪهڙي عقل ۽ انصاف جي ڳالهه آهي جو انهن کي قربانيون پيش ڪجن؟ ته پوءِ ڪنهن کي پيش ڪجن؟ ڪنهن جي اڳيان سر جهڪائجي؟ انهيءَ واحد خدا جي اڳيان! اهو ايشور ڪٿي ڳولجي؟ ڪٿي ٿو رهي؟ جي انسان جي اندر ۾ نٿو رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته پوءِ ڪٿي پيو وسي؟ اها ذات انسان جي اندر جي گهرائي ۾ ناهي ته پوءِ ڪٿي آهي؟

برهمڻ ته اهو سيکاريو آهي ته "هو" نه ڪو هڏ آهي نه ڪو ماس نه ڪو خيال آهي نه ڪو احساس، ته پوءِ ڇا آهي؟ هن کي ڳولهي لهڻ جو ڪو پيو طريقو آهي ڇا؟ اها وات ته ڪير به نٿو سيکاري، عالم ۽ پوڄاري سڀڪجهه ته ڄاڻي ويا آهن. دنيا جي تخليق گفتار جو اصل، ڪائنات پيدائش، ساه روڪڻ، حواسن جي جوڙ توڙ ديوتائن جا ڪم، پر اها اصل حقيقت جي شايد اجا ڄاڻي نه سگهيا آهن! سڀني پاڪ ڪتابن ۾، اپانيشد ۾ توڙي سام ويد ۾ اهو ذڪر ته آهي. انهن ڪتابن ۾، جي برهمڻ جي پيڙهين پوبان پيڙهين سنڀالي رکيا آهن. خدا جي سڄي معلومات ته آهي پر هنجو "ذڪر" ڪٿي به ڪونهي. هو چون ٿا ته هي سڄو سنسار اسان جي آتما آهي. ماڻهو جڏهن ننڊ ڪو پئي ته انهيءَ روح ۾ پيهي وڃي ٿو، پر اهڙو ڪو انسان آهي جيڪو ان روح ۾ پيهي وڃڻ کان پوءِ واپس اچي انهن احساسات ۽ معلومات جو اظهار به ڪري سگهي، جي هن کي روح ۾ ديرو ڪرڻ جي نتيجي مليا؟ هي سڀ پاوا توڙي منهنجو پيءُ لڳي ٿو ته اڃا پنڌ جا پانڌيڙا آهن، ڳولائو آهن، اڃيا آهن. جيڪو پنهنجي اندر پيڙو نه ٿيو سو پڻ ڪندڙ آهي ۽ پڻڪڻ جي اها پڻل ڪندو ٿي رهندو.

سدارٿ کي اهي خيال ستائيندا رهيا، هن جي پياس وڌندي رهي. هن جو ارمان وڌندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن هو گوونديءَ کي ساڻ ڪري، ڌيان گيان خاطر، ٻڙ جي وڻ هيٺان وڃي ويٺو هو. سوڪوتا جو پاٺ ڪرڻ لڳو: ”اوم ڪمان آهي ۽ روح ان جو تير، برهما ان تير جو نشانو آهي. جنهن تي بي ڌڙڪ تير چٽبا رهنتا!“

عبادت جو وقت پورو ٿيو ته گووند، سڌارٿ کي سڏڻ لڳو، مگر ڪيس ڪو به جواب نه مليو. سڌارٿ ته خاموش ٻولار ۾ ڪجهه، چٽائي ڏسڻ جي انداز ۾، اونهي فڪر ۾ غرق هو. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ڄڻ ساهه ئي نه پيو کڻي.

هڪ ڀيري سڌارٿ، ڪن واٽهڙو ويراڳين کي ڏٺو هو، سنهڙا سيپڪ جهور جهور ٽيل، ويراڳي جن جي عمرين جي ئي خبر نٿي پئي ته جوان آهن يا ٻڍا. لڳ ڦٽيل ۽ مٽيءَ هاڻا، ذري گهٽ سڃا اگهاڙا اُس سان لهسيل بدن، عجب جهڙا، ويڳاڻا ۽ ڄڻ پاڻ پنهنجا ويري، نفس ماريل، عبادتن جي جاڪوڙ سبب پڱل ٽٽل ۽ بي رحمي سان پنهنجو پاڻ فراموش ڪيل، ويراڳي ـــ ڄڻ انسانن جي وستيءَ ۾ گدڙ ڪاهي آيا آهن.

تڏهن سڌارٿ پنهنجي دوست گووند کي ٻڌايو ته ”آءٌ ويراڳي ٿيندس. ويراڳين سان وڃي ملندس.“ ۽ گووند هن جو اڏول ارادو ڏسي سوچڻ لڳو:

هاڻي سڌارٿ هڪ پنهنجي الڳ واٽ وٺڻ وارو آهي، هاڻي مقدر جا پيل هن جي اڳيان ڪلندا ويندا ۽ مقدر سان گڏ خود سندس پيڇ به........هن پڇيو، ”تنهنجو پيءُ توکي جوڳ پرائڻ جي اجازت به ڏيندو؟“ ”بحث تڪرار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا گنجائش نـاهي گووند-! صبح ٿيندي ئي آءٌ جوڳيءَ جي روپ ۾ جيون جي شروعات ڪندس. وري ان بـابت سوال جواب نه ڪجانءِ!“

رات جو پيءُ کي اڪيلو ڏسي، سڌارت جڏهن هن کان جوڳي بنجڻ جي اجازت گهري ته، پوڙهي برهمڻ کي پهرئين ته ماٺ لڳي وئي، ڪيترو وقت ٻئي چپ رهيا. برهمڻ تڏي تي ويٺل ۽ سڌارت ٻانهون ٻڌي سندس پير ۾ بيٺل. نيٺ برهمڻ ڳالهايو.

”برهمڻ تکو نه ڳالهائيندا آهن، پر تنهنجي ڳالهه ٻڌي منهنجي من ۾ ڪروڌ پرجي ويو آهي، اڳتي اهڙي ڳالهه نه ڪجانءِ.“

”برهمڻ اٿي کڙو ٿيو. سڌارت کي خاموش بيٺو ڏسي پڇيائين. ”هاڻي ڇاجي لاءِ بيٺو آهين؟“

”اوهين ڄاڻ چاڻو ٿا.“

برهمڻ چپ چاپ ۾ انهيءَ ڪوٺيءَ مان نڪري وڃي پنهنجي بستري تي ستو. هڪ ڪلاڪ گذري ويو پر هن کي ننڊ نه آئي. نيٺ هو اٿي پسار ڪرڻ لڳو. پنهنجي ڪوٺيءَ جي دريءَ مان ٻاهر نهاريائين ته سڌارت کي ڏٺائين جو بت بڻيو هڪ هنڌ ٻانهون ٻڌيو بيٺو هو.

برهمڻ وري اچي بستري تي ستو پر ننڊ وري به نه آيس ۽ وري اٿيو. ساڳيءَ طرح دريءَ مان سڌارت کي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ هڪ هنڌ بت بڻيو بيٺو ڏٺائين. هن وري دل ۾ درد محسوس ڪيو، وري سمهڻ جي ناڪام ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين، وري سڌارت تي نظر ڪيائين، هاڻي هن جي دل ڪاوڙ سان، خوف سان ۽ درد سان ڀرجي وئي. رات جو باقي ٻوڙيون ٻهر وڃي بچيو هو جو هو سڌارت وٽ هليو آيو.

”سڌارت، ڇالاءِ بيٺو آهين؟“

”اوهين ڄاڻو ٿا.“

”صبح تائين ائين بيٺو رهندين ڇا؟“

”آءٌ ترسندس ۽ صبر ڪندس.“

”ٿڪجي پوندين.“

”ڀلي ٿڪجي پوان.“

”توتي ننڊ غالب پئجي ويندي.“

”آءٌ ننڊ کان مغلوب نه ٿيندس.“

”تون مري ويندين.“

”ڀلي مري وڃان.“

”پنهنجي پيءُ جو چيو مڃڻ کان مرڻ بهتر ٿو سمجهين؟“

”مون هميشه پيءُ جو چيو مڃيو آهي!“

”ته پنهنجي همٿ تان لهي ويندين؟“

”جيڪي پيءُ چوندو سو ڪندس.“

سج اڀرڻ لڳو هو ۽ صبح جي سهائيءَ ۾ برهمڻ ڏٺو ته سڌارت جون ٽنگون ته برابر ٿرڪن ٿيون، پر منهن تي ڪابه لرزش نه ائس. اڏول ارادي ۾ ڪو فرق نه آيو ائس. تڏهن هن کي پڪ ٿي وئي ته سڌارت سائس وڌيڪ نه رهي سگهندو بلڪ ڪانئس جدا ٿي ئي چڪو آهي.

”تڏهن تون وڃي اڳ وٺندين.“ برهمڻ چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو، پر اهو ٻڌي ڇڏ، تہ ويراڳ ۾ ان توکي آنند ملي تہ موتي اچي اسان کي ان جو ڀيد ٻاڌ ٻڌائجان، ۽ جي سچ پڇائي سچاڳي ماڻين، تہ ٻہ موتي اچجان تہ گڏجي ديوتائن کي قربانيون پيش ڪريون. هاڻي وڃي ماءُ کان موڪلاءِ ۽ هن کان آشيرواد وٺي وڃ.“

سڌارٿ هلڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٿاٻڙجڻ لڳو، انهيءَ حالت ۾ هو ماءُ کان آشيرواد وٺي وستيءَ کان ٻاهر نڪري آيو. گووند ساڻس گڏ هلڻ لاءِ سندس انتظار ۾ اڳ وٺيو ويٺو هو. هو ٻئي گڏجي اٿي هليا.

۲

شام تائين هنن وڃي جوڳين کي هٿ ڪيو، هنن کي پنهنجي سٿ ۾ شامل ڪرڻ جي درخواست ڪيائون، ۽ جوڳي پنهي کي ساڻ وٺي وڃڻ تي راضي ٿي ويا. سڌارٿ پنهنجا ڪپڙا هڪ ٻئي برهمڻ کي ڏئي ڇڏيا، جو ڪيس رستي ۾ مليو، ۽ پاڻ هڪ لنگوٽي ۽ اڻ سبيل ڪفني اوڍڻ لڳو، جا مٽيءَ رنگ جي هئي. سڄي ڏينهن ۾ فقط هڪ ويلو کائيندو هو. ۽ ڪڏهن پاڻ ڪاڌو تيار نہ ڪيائين. تنهن بعد هو ورت رکڻ لڳو. پهرئين چوڏهن چوڏهن ڏينهن پوءِ اٺاويهہ ڏينهن تائين ڪاڌي پيتي کان پري رهيو. تان جو بدن جو ماس لهي ويس، ۽ ڏاڙهي وڌي ويس. عورتن کي ڏسي هو نظر جهڪائي ڇڏيندو هو، ۽ وڏن شهرن ۾ ٽيپ ٽاپ وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن کي ڏسي نفرت سان منهن ڦيري ڇڏيندو هو! رهندي هٿني ڀٽڪندي هو طرح طرح جي ماڻهن کي ڪمن ۾ مشغول ڏسندو هو. سڀڪو دنياداري جي ڪمن ۾ رڌل هوندو هو، پر سڌارت انهن ماڻهن، انهن شين توڙي انهن ڪمن ڪارين کي ڪڏهن خاطر ۾ نه آندو. اهي سڀ ڳالهيون هن کي نسورو ڪوڙ جو ٺاهه ۽ سراسر حواسن جو سراب ڏسڻ ۾ اينديون هيون. سڀ اجايون، عارضي، فاني ۽ بي معنيٰ، دنيا جو سواد ڪڙو ۽ زندگي سڄو ئي سور—!

سڌارت جي فقط هڪڙي آرزو هئي. پنهنجو پاڻ کي خالي ڪرڻ، اڃ ۽ اساٽ کان، خواهشن کان، خوابن کان، خوشي کان توڙي غم کان پنهنجي من نفس کي صفا آجو ڪري ان کي ماري ڇڏڻ جي آرزو، تان جو خوديءَ جو ڪو وجود نه رهي. ته جيئن اندر انهن شين کان خالي ٿي پوري شانتي ماڻي ۽ ذهن ۾ فقط پاڪيزه خيالات جاءِ والاري سگهن. اها هئي هن جي آرزو، ۽ هن جي منزل ته جڏهن نفس مري ويندو، مايا جو موهه باقي نه رهندو ته اهو اندريون آتما اٿي سجاڳ ٿيندو. اهوئي حياتيءَ جو وڏو ڀيد آهي، جو لڪو آهي.

هو خاموشيءَ سان ڏکي اس ۾ بيٺو بک ۽ سور جون سٽون سهندو هو، تان جو بک ۽ سور هن کي ستائڻ ڇڏي ڏنو. برسات جي ٿڌن ڦوهن ۾ بيهي هن پنهنجن هڏن کي ٿڌي تتيءَ تي هيرائي ڇڏيو. جهنگ جي ڪنڊن سان پنهنجو بت زخمي ڪري، هن ايترو رت وهايو جو نيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت وهڻ چڏي ڏنو، ھاڻي هن کي پيڙا به محسوس نه ٿيندي هئي. هن ساهه روڪڻ جي مشق ڪري دل جي ڌڙڪڻ ۾ اچل ٿي ظابطو قائم ڪيو، جوڳين جي هدايتن تي عمل ڪندي هن من کي مارڻ ۾ گيان ڌيان جي پوري مشق ڪئي. ڪڏهن هو سانهه پکيءَ کي روح ۾ رچائي هن وانگر اڏامندو، بکون ڪاٽيندو مڇيون کائيندو وري انهيءَ سانهه پکيءَ کي من ۾ ٻي ماري ڇڏيندو هو.

ڪڏهن هو ڪنهن مئل جانور جي مئل بت ۾ پاڻ کي سمائي، مئردن مئل تي پاڻ کي ڳجهن جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. انئين سڌارت جي خودي مرندي هئي، وري جيئندي هئي، وري ڳرندي سڙندي هئي، وري خاڪ ۾ ملي خاڪ ٿي ويندي هئي. اهڙي طرح هو حياتيءَ جي ڦيرن جا تجربا ماڻيندو رهيو. ڪڏهن حياتيءَ جي انهيءَ چڪر جي ڌوڙ ٿائين پهچي وري اتان نئون ڦيرو شروع ڪندو هو. ڪڏهن اتي وڃي پهچندو هو جتي ”غرض“ ختم ٿيو وڃي ۽ ابديت جي شروعات ٿئي ٿي. هن پنهنجا حواس ماري ڇڏيا، ياداشت ماري ڇڏي ۽ هزار ڀيرا ور ور ڏئي نت نوان روپ وٺي وٺي پنهنجي اندر مان نمودار ٿيندو رهيو. ڪڏهن حيوان بڻيو، ڪڏهن ڍونڍ، ڪڏهن پٿر ته ڪڏهن وڻ ۾ ڪڏهن پاڻي ۾ هر دفعي هو ڇرڪ نئين سر سجاڳ ٿيو.

ويراڳين کان هن گهڻو ڪجهه پرايو. ور ور ڏئي وار ڪري، هن پنهنجي نفس کي نابود ڪيو ـــ پر اجا به وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري پنهنجو پاڻ ڏانهن موٽي ايندو هو! ۽ زندگيءَ جي انهن ڦيرن جا سور سهندو هو. گووند هن جو هر حال ۾ ساٿي رهيو.
هڪ دفعي هن گووند کان پڇيو:
”ڇاٿو ڀائين گووند؟ ڪجهه اڳتي وڌيا آهيون يا نه؟“
”گهٽوئي ڪجهه پرايو اٿون ۽ گهٽوئي ڪجهه سکي رهيا آهيون. سڌارٿ يار، تو پاڻ کي ڏاڍو پچايو آهي تون نيٺ وڏو ڌرماتما ٿيندين.“
”پر يار! ايترو ڪجهه، ته آءٌ ڪنهن مسافرخاني، ڪنهن ونيشيا جي اڏي ۽ جوارين جي ڪنهن ٽولي مان به پرائي سگهان ها ـــ! شراب جو پيالو پي به ته پنهنجو پاڻ ڀلائي سگهجي ٿو؟“
”پر پاڻ برهمڻ آهيون، شراب نه پيئندا آهيون. تنهن کان سواءِ نشي جي بي خودي ته عارضي هوندي آهي، شرابي ان مان دانائي ۽ علم ته نه پرائيندو آهي.“
”پنهنجي هن هيتري جوڳ پچائڻ کان پوءِ به سمجهان ٿو ته مون به محض هڪ شرابي جيتري ئي خود فراموشي پرائي آهي. دانائي، ۽ ڇوٽڪارو اڃا مون کان تمام گهڻو پري آهي.“
ٻــي ڀيري جڏهن هو گهور ڪرڻ نڪتا ته سڌارٿ وري گووند کان پڇيو........
”پاڻ واقعي سڄيءَ واٽ تي به آهيون يا نه؟ دانائي ۽ ڇوٽڪاري ڏانهن پيا قدم وڌايون يا ساڳي ئي ٻـڙ ۾ پيا ڦيرا پايون؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پاڻ گهڻوئي اڳتي نڪري ويا آهيون.“

”پنهنجو وڏو جوڳي سٽ سالن جو آهي ۽ اجا ’نرواڻ‘ نہ ماڻيو اٿس. آءٌ ڀانيان ٿو تہ پاڻ سڀئي رستي ۾ ئي ڀٽڪندا رهنداسين، ۽ ’نرواڻ‘ ڪڏهن نہ ملندو. هي سڀڪجهہ سڪڻو دلاسو آهي.“

”اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرسڌارٿ، ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هيترا سارا پانڌيئڙا سدائين پنڌ ۾ رهن ۽ ڪا منزل نہ ملين!“

۽ سڌارٿ دک ۽ بيزاري ڪان چيو: ”دوست! آءٌ ڀانيان ٿو مون کي هي جوڳين واري واٽ بہ ڇڏڻي پوندي. هيترا ڪشٽ ڪاٽڻ کان پوءِ بہ منهنجي اڄ لهڻ بدران وڌندي وڃي. مون کي منهنجي سوالن جو جواب اجا نہ برهمڻن ۽ جوڳين مان مليو آهي نہ ويدن جهڙي ڪتابن مان. آءٌ اجا اهو ٿي نہ سکيو آهيان تہ ڪير ڪجهہ سکندوئي نہ آهي. آءٌ ڀانيان ٿو تہ سچائي ۽ دانائي هرهڪ شئي مان ملي ٿي، جهنگ جهر جهاڳڻ مان نہ. هر شيءِ ۾ روح آهي ۽ هر روح ۾ علم آهي جنهن جو سڀ کان وڏو دشمن اهوئي آهي، جو خود عالم آهي. نہ اهو جو سکندڙ آهي آءٌ ائين سوچڻ لڳو آهيان دوست.“

گووند هن کي اهڙين ڳالهين ڪرڻ کان روڪڻ لڳو. هن اپانيشد جو هڪ بيت پڙهيو:

”جيڪو بہ گيان ڌيان سان پنهنجي ذات ڪي آتما جي اندر غرق ڪريو ڇڏي، تنهن کي اها خوشي نصيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي آهي جا اکرن ۾ بيان نه ڪري سگهبي آهي.“ ۽ سڌارٿ ڪيترو وقت انهن اکرن تي ويچار ڪندو رهيو.

تنهن کان پوءِ سڌارٿ هيءَ خبر ٻڌي ته ساڪيا جي نسل مان مهاتما گوتم ٻڌ نالي هڪ وڏو ڌرماتما پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن زندگيءَ جي ڏکن دردن کي تابع ڪري ورتو آهي. جنهن عمل ۽ رد عمل جي چڪريءَ کي روڪي ڇڏيو آهي، جو وڏو عالي مرتبت گرو آهي، جو وستيءَ وستيءَ گهمندو وعظ ڪندو رهي ٿو. ماڻهن کي اپديش ڏيندو رهي ٿو، وٽس ڪجهه به نه آهي، نه مال نه دولت نه زال نه دنياداريءَ جي ڪم جو ٻيو سامان. وڏا وڏا برهمڻ توڙي شهزادا اچيو ٿا هن جا مطيع ۽ چيلا ٿين. هو گداگري ڪري پيٽ پالين ٿا ۽ پيلي رنگ جو چوغو سندن لباس آهي.

جتي ڪٿي مهاتما گوتم ٻڌ جو چوٻول هو. سڌارٿ ۽ گووند جي ڪنن تي انهيءَ مهاتما جون عجيب و غريب ڳالهيون پهچنديون رهيون. ڪن واڪاڻ ٿي ڪئي ته ڪن گلا. ڪن چڱو ٿي چيو ته ڪن برو. اهي چوٻول ٻڌي ڪي وڃي ٿي مهاتما جي حضور ۾ حاضر ٿيا ته ڪن وري طرح طرح جي نڪته چيني ٿي ڪئي. عام خلق سورن جي ستايل هئي، اندر جي سڪون جي ڳولائو هئي، تن کي سک ۽ سڪون جو هي نياپو مليو هو سو ان ڏانهن ڇڪبا ٿي ويا

گووند ۽ سڌارٿ به پاڻ ۾ هن نئين اميد بابت ٿوري گفتگو ڪئي. برهمڻ جوڳي البت مهاتما گوتم بابت چڱو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال نہ رکندا هئا، جو هنن ٻڌو تہ هــي مهاتما بہ ڀهريائين برهمڻ هو پوءِ اهي ريتون مٽائي وڃي پنهنجي الڳــ دنيا آباد ڪئي هئائين. نئين واٽ ۽ نئين منزل ورتي هئائين.

هن ڏرماتما جي باري ۾ گهڻي تانگهہ، گووند جي دل ۾ پيدا ٿي ۽ هن سندس حضور ۾ حاضر ٿي هن جي اپديشن ٻڌڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. سڌارٿ ڀهرئين هن سان بحث ۽ تڪرار ڪرڻ لڳو. هو اڳي ئي ظاهر ڪري چڪو هو تہ هو هھڙيءَ ريت جهنگ جهر جهاڳڻ کان بيزار ٿي چڪو هو. پر نيٺ هو بہ گووند سان هلڻ لاءِ تيار ٿيو تہ هلي ڏسون تہ سهي، اهو ڏرماتما ڇا ٿو سيکاري؟ هن ۾ و هڪڙو اهو ڪمال تہ ظاهر ٿيوئي، جو هن هنن ٻن برهمڻن کي پاڻ ڏانهن ڏتاري ورتو!

وڏو جوڳي هنن جو اهو ارادو ٻڌي ذر ٿي ويو. چي، ائين اوهين ٻئي اسان کي ڪيئن ٿا ڇڏي وڃو؟

گووند ٽيرس ۾ پئجي ويو تہ سڌارٿ هن کي دلاسو ڏنو تہ ”گهٻراءِ نہ— آئون هينئر ئي ٿو هن پير مرد کي ڪري ڏيکاريان تہ مون ڪائنس واقعي گهڻو ڪجهہ سکيو آهي.“

ائين چئي سڌارٿ يوگا وارو نمونو ڪري ٽڪ ٻڌي جو ڪجهہ وقت پوڙهي ويراڳي جي اکين ۾ نهاريو تہ هو منجهي ويو، ۽ نيٺ هنن جي سڀ ڳالهہ مڃڻ تي راضي ٿي ويو، ۽ هنن کي آشيرواد ڏئي پاڻ موڪل ڏنائين . گووند هن جي انهيءَ ڪرامت کان ڏاڍو متاثر ٿيو. چوڻ لڳو:

”يار، تون گهڻوئي ڪجهہ حاصل ڪري چڪو آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪجهه وڏيڪ وقت تپسيا ڪرڻ ها تہ عجب ناهي تہ پاڻيءَ تي هلڻ بہ سگهي وڃين ها.“

”مون کي پاڻيءَ تي هلڻ جو ڪو شوق ڪونهي اهي ڪرامتون پلي اهي ويراڳي سکن.“ سڌارٿ جواب ڏنو. ٻئي نوجوان برهمڻ سواتي جي ڳوٺ ۾ پهتا تہ ڏسن تہ اتي جي ٻار ٻڍي جي وات تي ’مهاتما گوتم‘ جو ذڪر آهي. هرڪو ٻڌ ڀڪشوئن کي دان ڏيڻ ۾ خوش پيو ٿئي، ’مهاتما‘ جو آستان انهيءَ ڳوٺ جي ڀر ۾ ئي هو، جنهنکي ”جيتوان جو بن“ چوندا هئا. اهو باغ ’مهاتما‘ جي هڪ شاهوڪار ڀڳت ’اننا پنڊڪ‘ کيس پيٽ ڪيو هو.

ڳوٺ جي پهرئين گهر تي پهچندي ئي هنن کي گهرواسين طرفان کاڌو پيش ڪيو ويو ۽ جڏهن انهيءَ باغ ۾ پهتا تہ پري پري کان نوان نوان ماڻهو ايندا ۽ انـي ڳاهٺ ٿيندا ڏٺائون جن کي منٿ ڪري رات گذارڻ جا ٿان آڇيا پئي ويا. سڌارٿ ۽ گووند بہ هڪ اهڙي ٿان تي رات گذاري صبح ڪئي.

صبح جو هنن ڏٺو تہ ماڻهن جا انبوهہ اچي ڪٺا ٿيا آهن ٻڌ ڀڪشو پيلي رنگ جون ڪفنيون پايو ـهتي هـتي ويٺا يا تہ گيان ڌيان ۾ مشغول آهن يا وري گوتم جـي ٻڌايل ڳالهين جي ذڪر فڪر ۾. بعد ۾ اهي ڀڪشو جمنيون ڪٺي دان وٺڻ لاءِ نڪري پيا. ۽ خبر پئي تہ خود ’مهاتماگوتم‘ پڻ دان وٺڻ لاءِ نڪري چڪو آهي.

’سڌارٿ‘ هن کي ڏسي ورتو جڻ ڪنهن ديوتا اشارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ته اهو اُٿيو 'مهاتما گوتم ٻڌ' 'سڌارٿ' هڪ مرجاتا واري فقير کي پينارن وارو پيالو کڻي ويندي ڏٺو جنهن کي پيلي ڪفني پيل هئي. اهو مهاتما هو! سڌارٿ، گووند کي اشارو ڪيو، ۽ هو ٻئي اٿي مهاتما جي پويان لڳا.

ٻڌ مهاراج هوريان هوريان قدم کڻي، سانت سان هلندو پئي ويو. ڪنهن گوڙهي فڪر ۾ غلطان هن جي سانتيڪي چهري تي نه دک جي ڇانيا هئي نه خوشيءَ جا اهڃاڻ، ڄڻ اندر ۾ مرڪي رهيو آهي. هڪ سکر معصوم ٻار واري ڳجهي مرڪ چهري تي سجايو هو هلندو ٿي ويو، نهايت ڌيرج سان، نهايت سڪون سان. سيني پڪشوئن ۾ پري کان پڌرو پئي ڏسڻ ۾ آيو، هن جي هرقدم ۾ چرپر ۽ سڄي شخصيت ۾ سڪون ئي سڪون هو، دائمي روشني هئي. خواهش کان بي نيازي، ماحول کان بي نيازي ۽ بي غرضائي هن جي انگ ڍنگ مان صاف پئي بکي.

هي ٻئي نوجوان برهمڻ هن جو پيڇو ڪندا ڳوٺ تائين ويا ۽ وري ساڳئي طريقي سان واپس موٽي آيا. هنن جي دل شاهدي ڏيڻ لڳي ته هي شخص واقعي مهان آهي، ۽ ننهن کان چوٽيءَ تائين سچو ئي سڪون آهي. سڌارٿ اڄ تائين ڪنهن به انسان بابت پنهنجي دل ۾ ايترو عشق نه محسوس ڪيو هو. هنن ڏٺو ته مهاراج واپس اچي پنهنجن پڪشوئن سان گڏجي ڪاڏو ڪاڏو. ايترو جنهن مان ڪنهن پکيءَ جو پيٽ به مشڪل سان پرجي. پوءِ هونئن موجب انب جي وڻ هيٺان وڃي ويٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جي مهل جڏهن گرميءَ جو تاءُ گهٽجي ويو ته سڀ حاضرين هوشيار ٿي ويٺا ۽ مهاتما جو اپديش ڏاڍي چاهه ۽ ڌيان سان ٻڌڻ لڳا.

انهيءَ اپديش ۾ به ڪماليت ۽ پورنتا هئي، سانت هئي ۽ سڪون هو. ٻڌ مهاراج انسان ذات جي ڏکن ۽ دردن جو ذڪر ڪيو، انهن جي سڀني جي اپٽار ڪئي ۽ انهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جا رستا ٻڌايا. ته زندگي سڄو سور آهي، ۽ دنيا انهن سورن جو گهر آهي، پر انهيءَ ابتلاءَ کان نجات جو وسيلو آهي مهاتما ٻڌ جي هدايتن تي عمل ڪرڻ. مهاتما سپاويڪ پختي آواز ۾ پنهنجا چار اهم نڪتا بيان ڪيا ۽ انهن لاءِ اٺ واٽون ڏسيون. هن مثال ڏئي هر ڳالهه ڏاڍي ڌيرج سان ورجائي ورجائي ٿي سمجهائي جو هن جي سکيا جو عام انداز هو، ۽ هن جو صاف ۽ چٽو آواز هرهڪ تائين ائين ٿي پهتو جيئن تارن جي روشني هرڪنهن تائين پهچندي آهي.

ٻڌ مهاراج جو وعظ پورو ٿيو ته رات ٿي چڪي هئي. ڪيترا نوان ماڻهو اڳتي وڌي مهاراج کي عرض ڪرڻ لڳا ته ڪين ٻڌ مت اختيار ڪرڻ جي اڇا ملي، ۽ سندن درخواست بروقت قبول ڪئي ٿي وئي.

گووند به جو مهاتما جي وعظ کان متاثر ٿي چڪو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دم اڳتي وڌي پڇتاءُ * اختيار ڪرڻ جو اظهار ڪيو ۽ هن کي به بروقت ڀڪشوئن ۾ شامل ڪيو ويو.

مهاراج خلوت ۾ هليو ويو ته گووند سڌارٿ ڏانهن وريو ۽ ڏاڍي چاهه سان هن کي چوڻ لڳو.

”سڌارٿ، اُن ـ ون توکي ڪو ڏوراپو نه ٿو ڏيان پر مهاتما ٻڌ جا واٽ ڏسي آهي، ڇا تون به اها نجات جي واٽ نه وٺندين؟ ”ڇا تون اڃا انتظار ڪندين ۽ سوچيندين؟“

گووند جو آواز ٻڌي سڌارٿ ڇڻ ننڊ مان ڇرڪ ڀريو، ڪجهه وقت هو گووند جي منهن ۾ تڪيندو رهيو ۽ پوءِ نرمائي سان چوڻ لڳو:

”گووند دوست، تو پنهنجي لاءِ هڪ راهه اختيار ڪئي آهي مونکي اها اميد ته نه هئي ته تون مون کان الڳ ڪا راهه اختيار ڪندين، پر خير تون هڪ نئين واٽ تي قدم رکي چڪو آهين، نجات جي تلاش جي واٽ، سو تون بيشڪ

---

* پڇتاءُ جون چار خاص حقيقتون هي آهن.

رنج ۽ غم، رنج ۽ غم کي مقصد بنائڻ. رنج ۽ غم جو علاج ۽ انهيءَ علاج جو طريقو. ان جون اٺ واٽون آهن.
عقيدي جي پاڪائي. ارادي جي پاڪائي. گفتگو ۾ پاڪائي. هلت چلت ۾ پـاڪائي. ڪرت ۽ ڪسب ۾ پاڪائي. ڪوشش جي پاڪائي. ڌيان جي پاڪائي ۽ مقدر جي پاڪائي.
مطلب ته سوچ به نيڪ هجي ته عمل به نيڪ هجن.
(مترجم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي وڌندو رهي. شل توهان نجات حاصل ڪرڻ ۽ سوڀارو ٿيڻ."

"تہ ڇا توهان بہ ساڳي راه اختيار نہ ڪندين؟"

"منهنجون دعائون توسان آهن دوست، شل نيٺ پنهنجي منزل ماڻين."

گووند سمجهي ويو تہ يار جدا ٿيڻ وارو آهي. هو روئڻ لڳو. سڌارٿ شفقت سان هن کي آٿت ڏنو.

"گووند دوست، اهو نہ وسار تہ توهان هاڻي مهاتما گوتم ٻڌ جو مريد آهين، گهر گهاٽ، مائٽ مٽ، ذات پات، مال ملڪيت توڙي دوستي ياري، سڀڪجهہ تياڳڻ جو اعلان ۽ اقرار ڪري چڪو آهين. مهاتما ٻڌ جي اهائي تہ سکيا آهي ۽ اهائي تنهنجي اڇا هئي، دوست. سڀاڻي آئون توکي ڇڏي هليو ويندس."

تنهن بعد بہ ڪجهہ عرصي تائين هي ٻئي دوست ملندا رهيا ۽ گڏجي ٻن ۾ گهمندا رهيا.

گووند هر بار هن کان اهو پڇندو رهيو تہ هو ٻڌ ڌرم جو نٿو اختيار ڪري. ڇا ان ۾ هن کي ڪا ناڪامي نظر آئي آهي؟ مگر سڌارٿ ڪنهن بہ قسم جي ڪا خامي بيان نہ ڪئي. بلڪ اهوئي چوندو رهيو تہ مهاتما ٻڌ جي تعليم مهان آهي، هو ان مان نقص ڪيئن ٿو ڪڍي سگهي.

آخرڪار ٻين نون مريدن وانگر گووند کي بہ پيلي رنگ جي ڪفني پائڻ جي هدايت ملي. هن برهمڻن وارو چولو لاٿو ۽ اها ڪفني پاتي ۽ سڌارٿ کي پاڪر پائي روئڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي سڌارت مهاتما پڻ ڪي ڏٺو، هن ڪي ادب سان سلام ڪيائين تہ مهاتما ڏاڍي شفقت سان سلام جو جواب ڏنو. اهو ڏسي سڌارت جو حوصلو وڌي ويو ۽ هن مهاتما کي عرض ڪيو تہ ڪجهہ گفتگو جي اجازت ڏي. مهاتما ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي. سڌارت گفتگو جي ابتدا ڪئي.

”اي مهاتما!

ڪالهہ مون اوهان جو وعظ ٻڌو ۽ ڏاڍي سرهائي نصيب ٿيم. منهنجو دوست اوهان جو مريد ٿي چڪو آهي. البت آءُون وڌيڪ ياترا لاءِ اڃا اڳتي ويندس.“

”جيڪا تنهنجي مرضي.“ مهاتما خوش خلقي سان چيو.

”منهنجي گفتگو ۾ ضرور ڪجهہ بي باڪي ۽ بي تڪلفي آهي، پر منهنجي اها خواهش آهي تہ اوهين مهرباني ڪري منهنجا خيالات بہ ٻڌو. ڇا اوهين مون کي وڌيڪ ڳالهائڻ جي اجازت ڏيو ٿا—؟“

مهاتما خاموشي سان ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي. سڌارت چيو:

”سائين اوهان جي هڪ ڳالهہ برابر تحسين جوڳي آهي، جا اوهان ڏاڍي چٽائي سان سمجهائي آهي.

اوهين چئو ٿا هي دنيا هڪ دائمي ۽ مڪمل زنجير آهي. ’وجود‘ ۽ ’سبب‘ انهن زنجيرن جون ڪڙيون آهن. يعني سبب يا مقصد ۽ وري ان جو نتيجو يا تاثير، انهي ۽ سلسلي جي هڪ زنجير يا سلسلو آهي، جنهن کي دايا ڇنجي ٿو ۽ اهو سلسلو ڪڏهن بہ ٽٽي نٿو.

اوهان اها ڳالهہ اهڙي خوبي ۽ چٽائي سان سمجهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا، جو اڄ تائين ڪنهن نہ سمجهائي آهي. جيڪو بہ اوهان جي اها ڳالهہ سمجهي ٿو تنهن کي هيءَ دنيا صاف ۽ چٽي ڏسڻ ۾ ٿي اچي، هڪ سلسليوار هر طرح جي سقم کان پاڪ، جا نہ ڪنهن اتفاق يا نصيب جي تابع آهي، نہ ئي ڪنهن ديوتا جي محتاج. دنيا عمدي آهي يا اگري، زندگي رنج آهي يا راحت، بقادار آهي يا بي بقاءِ سا ڳالهہ شايد ايتري اهم نہ آهي، پر ڪائنات جي اها وحدت ان جي مڙنئي علتن جو هڪ ہئي سان سلسلو هئڻ، وڏي ٿوڙيننڍي هستيءَ جو هڪ ئي ڌاري مان ڦٽڻ، 'سبب' مان 'وجود' ۾ اچڻ، جيئڻ ۽ فنا ٿيڻ، اها ڳالهہ اهم آهي ۽ اهائي اوهان جي تعليم آهي. مگر اي مهاتما! اوهان جي انهيءَ منطقي سلسلي ۾ هڪ هنڌ هڪ وٿي ڇڏيل آهي جنهن سبب اهو سلسلو هڪ هنڌ ضرور ٽٽي ٿو، ۽ اهو آهي اوهان جو اهو مٿو، دنيا ۽ ان جي مڙنئي شين کان مٿانهون ٿي مڪتي ماڻڻ جو امر. گستاخي معاف ٿئي، مون کي اوهان جي انهيءَ ئي مٿي سان اختلاف آهي."

مهاتما گوتم ٻڌ خاموشي ۽ ڌيرج سان سڄي ڳالهہ ٻڌي ۽ پوءِ ڏ'ڍي پاڀوه ۽ مهر سان سانتيڪي انداز ۾ جواب ڏنو.

"توکي جس آهي جو تو منهنجون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌيون ۽ انهن تي سوچ ويچار ڪيو. توکي منهنجي مسلڪ ۾ خامي نظر آئي آهي، تنهن لاءِ آءٌ توکي خبردار ٿوڪريان تہ تون جو علم ۽ ڄاڻ جو ڪولاڏو ۽ اجايل آهين- سولفظن جي ٻکيڙي ۽ گمان ۽ راءِ زنيءَ جي انهيءَ مانڊاڻ کان بچڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪوشش ڪر.

راءِ جي ڪا اهميت ڪانهي، رايو عمدو هجي يا خراب، عاقلاڻو هجي يا احمقاڻو، قبول به ٿي سگهي ٿو ۽ رد به ٿي سگهي ٿو. آءٌ جا تعليم ڏيان ٿو سا منهنجي راءِ نه آهي، نه ڪي وري منهنجي تعليم جو مقصد انهن ماڻهن کي دنيا جي حقيقت سمجهائڻ آهي جي علم ۽ ادراڪ جا ڳهرلاڻو ۽ پياسا آهن. منهنجي تعليم جو مقصد آهي مڪتي ۽ نرواڻ، دکن دردن کان نجات."

"ڪاوڙ نه ڪريو سائين، منهنجو مقصد اوهان سان بحث تڪرار نه آهي. البت وري به هڪ ڳالهه عرض ڪرڻ جي جرئت ڪريان ٿو.

بيشڪ اوهان انهي ۽ اعليٰ منزل تي پهچي چڪا آهيو جنهن لاءِ هزارين برهمڻ اڃا جاکوڙ ڪري رهيا آهن. توهان ڪنهن بہ کان علم نه سکيو آهي. پاڪ پاڻ پنهنجي تپسيا ۽ گيان ڌيان جي نتيجي ۾ اها منزل ماڻي اٿو. تعليم مان ڪنهن کي منزل ملندي به نه آهي! اي مهاراج! اوهين پاڻ ماڻهن کي عين انهيءَ گهڙيءَ جي حقيقت لفظن ۾ نٿا ٻڌائي سگهو جا اوهان تي عين ان وقت گذري، جنهن وقت اوهان جو ذهن ۽ قلب روشن ٿيو، اوهان جي دل دماغ تي ڇا وهيو واپريو، سو اوهين پاڻ بيان نٿا ڪري سگهو!

اوهين نيڪيءَ بديءَ جو فرق سمجهائي سگهو ٿا، پر اهو پيد بيان نٿا ڪري سگهو. اهوئي سبب آهي جو آئون اوهان جو قائل ٿيڻ جي بجاءِ، ڪنهن بہ بهتر متي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلاش ۾ نڪرڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ تہ منهنجو خيال آهي
تہ منزل وري بہ پنهنجي منهن جستجو ڪرڻ سان ملندي،
ڪنهن استاد يا ڪنهن مت جي ذريعي نہ. پر هي ۽ ڏينهن،
هي گهڙي مون کي هميشہ ياد رهندي جو مون هڪ 'مهان
ڌرماتما' جو ديدار ڪيو."

مهاتما ٻڌ جي چهري تي ڌيرج ۽ استقلال کان سواء
ٻيو ڪجهہ نہ هو. هن جون اکيون بدستور جهڪيل هيون.
ٻڌ مهاراج دوستاڻي انداز ۾ مرڪندي آخري لفظ چيا:

"تون بيشڪ ذهين آهين برهمڻ زاده، البت پنهنجي
انهي ۽ حد کان وڌيڪ ذهانت کان پنهنجو پاڻ کي محفوظ
رکجان، گهڻي هوشياري کان بچجانء."

انهن چند هلڪي اشاري سان سڌارت کي رخصت ڪري
هو اتان روانو ٿي ويو ۽ سڌارت سوچڻ لڳو: ههڙي مريادا ۽
مٺيا وارو ماڻهو تہ مون ڪڏهن نہ ڏٺو! ڪاش آئون بہ اهڙي
غير معمولي شخصيت ۽ رتبي جو مالڪ ٿي سگهان. اهو
رتبو فقط انهي ۽ ماڻهوءَ کي ملي سگهي ٿو جو پنهنجي پاڻپڻي
کي فنا ڪري ڇڏيندو آهي.

ها، آءٌ بہ پنهنجي خوديءَ کي ناس ڪندس! هن شخص
جي اکيان آءٌ اک کڻي نہ سگهيس، پر هاڻي ڪنهن جي
اکيان بہ اهين اکيون نہ جهڪائيندس. ههڙي ڌرماتما جي
تعليم مون تي اثر نہ ڪيو تہ هاڻي ٻي سکيا ۽ پرچار جو
ڇا مطيع ٿيندس! گوتم ٻڌ، مون کان منهنجو ننڍپڻ جو
دوست کسي ورتو، پر مون هن کان پراڻو بہ گهڻو ڪجهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مون کي پنهنجو پاڻ به موٽائي ڏنو آهي، منهنجي ذات جا مون کي ملي وئي.

٤

سڌارٿ مهاتما جي بن ۽ گووندڪان جدا ٿي اڳتي روانو ٿيو ته هن کي صاف محسوس ٿيو ته هن ڪان اڳ جي گذاريل جيون کي ئي الوداع چيو پيو وڃي ۽ هاڻي هڪ بلڪل ئي نئين واٽ تي آهي، انهيءَ سوچ هن کي اهو يقين ڏنو ته هو ”سبب“ يا ”مقصد“ کي سچائي چڪو آهي. ’سبب‘ کي سچائڻ معني سوچ جو رستو ڪاڻ، ۽ سوچ جي رستي ڪاڻ سان ئي احساسات بدلجي علم جي شڪل وٺن ٿا، ۽ اهو علم ڪڏهن زيان نٿو ٿئي، بلڪ حقيقي ۽ پختو ٿئي ٿو.

سڌارٿ هلندو رهيو.... هاڻي آءٌ محض نوجوان ڇوڪرات نه رهيو آهيان بلڪ هڪ مڪمل مرد بنجي چڪو آهيان، ڪمسني پوئتي رهجي وئي آهي، ڇڻ نانگ وانگر ڪينچلي مٿائي اٿم. جيڪي ڪجهه ساڻ هئم تنهن جو ڪو حصو پويان ڇڏي پيو وڃان، يعني گروئن کي هٿ ڪري هنن کان ڪجهه سکڻ جي خواهش، ها، هاڻي ته اها به نه رهي آهي. پڌمهاراج منهنجو آخري استاد هو، تنهن کان بـہ موڪلايم. بيشڪ وڏو داناءُ گرو هو، پر منهنجو من هن جي سکيا قبول نه ڪري سگهيو. گروئن کان مون ڇا ٿي سکڻ چاهيو؟ هنن مونکي ڇا سيکاريو ۽ ڇا نه سيکاري سگهيا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها،....مون پنهنجو ”پاڻ“ سڃاڻڻ تي چاهيو۽ پنهنجي ذات جي اصليت ۽ خاصيت ڄاڻڻ تي چاهي. مون پنهنجو پاڻ انهيءَ ”پاڻ“ کان نجات ڏيارڻ جي آرزو ڪئي. ”پاڻ“ کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ائين ڪري نہ سگهيس. فقط هڪ دلاسو هڪ فريب ۽ هڪ آٿت پرايم تہ آءٌ ”پاڻ“ کي ٺيڪ ٺاڪ چڱو آهيان، پر حقيقت ائين نہ هئي. فقط ايترو ٿي ٿيو جو پاڻ کان ڪجهہ فرار حاصل ڪري سگهيس، پاڻ کان پنهنجو پاڻ کي ڪجهہ لڪائي سگهيس. اهو پاڇو هميشہ منهنجي ذهن تي سوار رهيو آهي تہ اسين ٻہ ڄڻا هڪٻئي کان مختلف ۽ جدا آهيان، تہ اسين ٻئي سڌارت آهيان، پر حقيقت ۾ مون کي انهيءَ سڌارت جي ٿي ڄاڻ ۽ سڃاڻپ گهٽ هئي!

پلا ائين ڇو ٿيو جو هيتري ڄاڻ جي باوجود، آءٌ پاڻ کي، سڌارت کي ٿي سڃاڻي نہ سگهيس؟ يقيناً ان ڪري جو آءٌ پاڻ کان خوف کائيندڙ هوس! ان ڪري پنهنجو پاڻ کان سدائين ڀڄڻ جي ڪوشش ۾ هوس؛ ان ڪري پاڻ سڃاڻي نہ سگهيس. مون پنهنجو پاڻ ۾ پيهي وڃڻ جي جا ڪوشش ڪئي تنهنجي نتيجي ۾ پنهنجو پاڻ کي وڃائي ويٺس....!

هڪ هنڌ ويهي سڌارت پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائي، مٿي نهاريو ۽ وري هيٺ نظر ڪئي، تہ هن جي منهن تي هڪ عجيب قسم جي مرڪ پکڙجي وئي، هن کي صاف محسوس ٿيو تہ هو هڪ وڏي خواب مان اڃا هاڻي ٿي سجاڳ ٿيو آهي، ڪنهن وڏي ماندائڻ مان آزاد ٿي نڪري آيو آهي، جو سندس چوگرد منڊيو پيو هو. هو مرڪيو ۽ وري عزم ۽ ارادي سان اٿي وڃڻ لڳو، جڻ هاڻي هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻ هئي نه من کي چا ڪرڻو آهي.

هاڻي آءٌ پنهنجو پاڻ کان پڇڻ جي ڪوشش نه ڪندس، هاڻي آتما بابت تورژي دنيا جي دکن دردن بابت ڪجهه، نه نه سوچيندس، هاڻي آءٌ سچ پنيان لڪل پيد تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪشٽ نه ڪاٽيندس، نه يوگ پڙهندس نه ارت ويد نه ئي روحانيت جو اڀياس ڪندس، آئون پنهنجو پاڻ کان سکندس. پاڻ پنهنجو استاد ٿيندس. آئون پنهنجي ذات مان پنهنجي ذات جو پيد معلوم ڪندس.

هن چوطرف نظر دوڙائي، چڻ دنيا ڪـي پهريون پيرو پيو ڏسي، دنيا ڪيڏي نه خوبصورت آهي! ڪيڏي عجيب، ۽ ڪيڏي پراسرار! هتي ته رنگ ئي رنگ آهن، ساوا، ڳاڙها، پيلا، نيرا! آسمان آهي، ندي آهي، پيلا آهن، جبل آهن، سڀ سندر ۽ من موهيندڙ. ۽ انهيءَ سموري حسن جي درميان ۾ آءٌ پاڻ- سڌارٿ موجود آهيان. پنهنجو پاڻ ڏانهن سفر ڪندڙ! سڌارٿ پهريون پيرو هر شئي جـا اهي رنگ ۽ مظهر ڏٺا.

ڪير ٿو چوي هي شيطاني تڪسات آهـي! ڪير ٿو چوي هي مايا جو چار آهي. ڪير ٿو چوي هي واڀو منبل نظر جـو فريب آهي؟ عجيب ڳالهه آهي ته برهمڻ وحدت جي تلاش ۾ آهن ۽ ڪثرت کان نفرت ڪن ٿا! سڌارٿ، نيرا پيلا رنگ، ندي، پيلا، جبل ۽ وري سڌارٿ سڀ هڪڙئي آهن. شين جي حقيقت ۽ معنيٰ، انهن جي پٺيان ڪٿي اڪل ناهي بلڪ انهن ۾ ئي موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون ڪيڏو نه موراڪ هوس. مون حقيقت جو ڪتاب پڙهڻ چاهيو پر اکرن ۽ انهن جي بيهڪ جي نشانين تي غور ڪرڻ بدران انهن کي محض سراب سمجهي انهن کان نفرت ڪندو رهيس! آءٌ سرشتيءَ کي سراب سمجهندو رهيس، پنهنجين اکين ۽ پنهنجي زبان کي محض امڪان سمجهندو رهيس. مگر هاڻي آءٌ سجاڳ ٿي چڪو آهيان، مون نئون جنم ورتو آهي. ۽ هاڻي جيئن ته منهنجو ماضي مري ڪپي چڪو آهي. هاڻي آءٌ برهمڻ نه آهيان، نه جوڳي آهيان، نه پوڄاري آهيان، تنهنڪري واپس گهر وڃي ڇا ڪريان، پيءُ سان گڏجي ڪتابن جو پاٺ ڪريان، پرارٿنائون ڪريان گيان ڏيان ڪريان يا پليدان چاڙهيان؟نه، هاڻي منهنجي نئين زندگيءَ جي ابتدا آهي.

اتي سڌارٿ کي پنهنجي اڪيلائي جو احساس ٿيو ۽ بت ۾ سيسرات پوڻ لڳس، جيئن ڪو ننڍو جانور يا پکي ٽڙڪڻ لڳندو آهي. هن جو بت ڪنبڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته هن وقت هو واقعي اڪيلو هو،فقط سڌارٿ هو، ٻيو ڪجهه به نه.... آءٌ ڇا آهيان؟ نه ڪنهن دولت جو مالڪ رئيس، نه ڪو هنرمند، نڪو گهرگهاٽ وارو، نه منهنجو ڪو جيون ساٿي، نڪو هم سخن نڪو هم زبان، نه ڪو برهمڻ نه جوڳي جنهن جو ڪو سٿ آهي. جوڳي جو به ڪنهن سان ساٿ ته هوندو آهي، گووند به وڃي ڪنهن ساٿ ڀيڙو ته ٿيو، پر منهنجو به ڪو سنگ سياٿو آهي....! ڪنهن جي جيون ۾ ڪو ڀاڱو به اٿم. ڪو رڳو وات جي وندر جو ساٿي به اٿم....!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ڳالهيون سوچي ڪن پل لاءِ هو ڪجهه اداس ٿي ويو. اکين اڳيان موجود رنگ برنگي دنيا هن جي اکين ڪان الوپ ٿي وئي ۽ هن ڀانيو ته هڪ ڀڙڀانگ آسمان ۾ هو هڪ ڏي ٽمڪندڙ تارو آهي. پر پوءِ جلد ئي پاڻ سنڀالي ورتائين. شايد اها هن جي آخري مايوسي هئي، آخري درد هو.

هو هڪ طرف هلڻ لڳو. پنهنجي گهر جي رستي تي نه، بلڪ هڪ نئين واٽ تي. هاڻي هن پويان به نه ٿي نهاريو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو ٻيو

سڌارت وک وک تي ڪا نئين ڳالهہ سکندو پئي ويو۰ دنيا جنهن نئين رنگ ڍنگ سان پاڻ پسايو هو تنهن رنگ ڍنگ هن کي موهي ڇڏيو هو. سدائين سڙهين ۽ مقامن ۾ گذارڻ وارو سڌارت هاڻي دنيا کي عجب چاهہ سان ڏسڻ لڳو، سج جو پيلن پنيان اڀرڻ ۽ وري ندي ڪناري ٻيٺل ڪجين جي جهنڊ پنيان آلهڻ، رات جي وسيلي آسمان ۾ تارن جو ٽمڪڻ، نيري پاڻي ۾ ترندڙ ڊوڙندي جهڙو ٻيج جوچنڊ، طرح طرح جا جانور، پکي، ڪڪراندلٽ ڌڪريون ۽ جبل ڪڪ ڪاڏاگل ڦل، نهرون ۽ نالا، پنن تي ماڪ جا جهلڪا، ماڪيءَ جي مکين جي ڀڻڪار، سارين جي سلن ۾ سهائيندڙ هوائن جا سياويڪ چوها ۽ تڏيون تڏيون هيرون، اهي سڀ نظارا طرح طرح جا رنگ وٺي هن جي اکين اڳيان نروار ھئا، اهي شيون ته هن اڳ به ڏٺيون هيون پر تڏهن هن جي اکين اڳيان سراپ جو تکو پردو پيل هو. تڏهن هو انهن شين کي ڏڪارڻ ۽ ذهن مان نيڪالي ڏيڻ تي مجبور هو. هن کي ٻڌايو ويو هو ته اهو سڀڪجهہ حقيقت نہ آهي بلڪ حقيقت انهن جي پويان پوشيده آهي، پر هاڻي هن جون اکيون انهيءَ رخ تي کتل هيون جو سندس آڏو هو.

سڌارت دنيا جي هن نئي رخ ۾ پنهنجي منزل هٿ ڪرڻ جو سعيو سوچيو. هاڻي جو هن ٻولڙن جي ولرن کي ڪيهون

ڪندو ٽپندو ڪڏندو ڏٺو. گهيٽن کي رڙين پٺيان هيڏ ماڻ هلندو ڏٺو. ڇچين کي پاڻيءَ ۾ گهتيون هڻندو ڏٺو. تڏهن هن محسوس ڪيو ته جتي ڪٿي شڪتيءَ ۽ خواهش جو واسو آهي،.... هي سڀ ڪجهه مون اڳ ڇو محسوس نه ڪيو! پر تڏهن آئون هتي ڪٿي؟ آئون ته جڻ هاڻي ئي پيدا ٿيو آهيان. هاڻ هي شيون پرايون نه پر پنهنجيون پيون لڳن. اڳي آءٌ پاڻ پنهنجو نه هوس! مون مهاتما ٻڌ کي ڇيو هو ته هن جيڪي محسوس ڪيو آهي يا ڪجهه ڏٺو آهي سو بيان ڪرڻ کان قاصر آهي. تنهنڪري سندس تعليمات ئي فائدي آهي. پر آئون خود الهيءَ تجربي مان پيو گذران، جو جيڪي ڪجهه ڏسان ۽ پسان پيو سو سمجهان پيو ۽ جنهن کي بيان به ڪري سگهندس. جيئن مهاتما ٻڌ پنهنجي اندر جو آواز ٻڌي ان جي حڪم تي عمل ڪري ٿو، تيئن هاڻي آءٌ به فقط پنهنجي اندر جي آواز کي ٻڌندس ۽ ان جي هدايتن موجب هلندس.

رات جو هو هڪ ٻيڙيءَ واري جو مهمان ٿيو ۽ هن جي جهوپڙيءَ ۾ هن هڪ خواب ڏٺو، هڪ عورت پنهنجي ڇاتي کولي ويٺي آهي ۽ هو پاڻ وڏي انهن کي چوسڻ ۽ انهن جو کير پيئڻ لڳو آهي. خواب ۾ اها ڳالهه پيئندي هن صاف محسوس ڪيو ته انهيءَ سرڪيءَ ۾ سڀ سواد آهي، نسوري لذت آهي.

عورت ۽ مرد جي، سج ۽ چنڊ جي، ميون جي، ماکيءَ جي، گلن جي، نديءَ جي پاڻيءَ جي. سڀ لذت هن صاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ڪئي.

هن پهريون دفعو انهيءَ ڪير مان اهو لطف ماڻيو جو هن لاءِ نئون ۽ جذبات کي ڀڙڪائيندڙ هو. انهيءَ سرڪيءَ ۾ عجيب قسم جو نشو هو، خمار هو.

صبح ٿيو ته هن ٻوڙيءَ واري کي پنهنجي ٻيڙيءَ تي چاڙهي نديءَ جي ٻي پار پهچائڻ جي درخواست ڪئي. ٻيڙيءَ وارو هن کي پنهنجي پاسي جي تڙهي تي سوار ڪري وٺي هليو.

تڙهو سج جـي سهاءَ ۾ چرڪندڙ پاڻيءَ کي چيريندو اڳتي وڌيو ته سڌارٿ ٻيڙي واري کي چيو.

”ڏاڍي خوبصورت ندي آهي!“

”هائو، هيءَ ندي ڏاڍي خوبصورت آهي. مون کي ته ان سان الاهي عشق آهي، مون ان جا آلاپ ٻڌا آهن. آءٌ ان کي اڪثر تڪيندو رهندو آهيان. توڙي مون ان مان ڪجهه نه ڪجهه سکيو ۽ پرايو آهي. مـاڻهو هڪ نديءَ کان به گهڻوئي ڪجهه سکي سگهي ٿو.“

ٻي پار پهچي سڌارٿ لهي پيو. هن ٻيڙي واري کي چيو:

”تنهنجي ڏاڍي مهرباني، اي نيڪ مرد. مگر معاف ڪجانءِ، مون وٽ پئسو ڏوڪڙ اصل ڪونهي، نه ڪا ٻي شئي ڏي آهي جا توکي اجوري طور پيش ڪري سگهان. آئون هڪ برهمڻ زادو جوڳي آهيان، ۽ بلڪل ننڌڻڪو آهيان.“

”مڙئي خير آهي.“ ٻيڙيءَ واري چيو ”مون تنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال ڏسي اڳي ئي تو کان ڪجهه وٺڻ جو آسرو پلي ڇڏيو هو. البت ڪنهن به وقت تون اهو حساب برابر ڪري ڇڏيندين."

"تون اها اميد رکين ٿو؟" سڌارت خوش ٿيندي پڇيو.

"يقيناً! مون اهو سبق به هن ندي کان سکيو آهي ته هر شئي ضرور موٽ ڪائيندي آهي. تون به اي جوڳي واپس ضرور ايندين. چڱو هاڻي موڪلائي، شل تنهنجي دوستي منهنجو اجورو ٿئي، من ڪڏهن پوڄا ڪندي مون کي ياد ڪرين."

هو ٻئي مرڪندا هڪٻئي کان جدا ٿيا. سڌارت ٻيڙيءَ واري جي هيءَ هلت ڏسي ڏاڍو سرهو ٿي ٿيو ...ماڻهو ڪيڏا نه سادا ۽ سلوڻا ٿا ٿين جهڙا ننڍڙا ٻار، مون کي جيڪو به مليو ٿو سو ڪهڙو نه پيار ٿو ڏئي! ٻنپهرن ڌاري هو هڪ ڳوٺ ۾ اچي وارد ٿيو.

جتي ڪٿي ڪچن گهرن جي اڳيان ٻارن ٻئي راند روند ڪئي، البت هن برهمڻ کي ڏسي ڊڄي راند ڇڏي ڀڄي ويا. ڳوٺ جي ڇيڙي وٽ هڪ نهر وهندڙ هئي، جنهن جي ڪپ تي هڪ نوجوان عورت ويٺي ڪپڙا ڌوئي رهي هئي. سڌارت اڳتي وڌي هن کي سلام ڪيو ته هن مرڪي جواب ڏنو. سڌارت هن کان شهر جو ڏس پڇيو ته ڪيترو پري آهي. عورت ترت ڪو جواب ڏيڻ بدران اٿي سڌارت جي پرسان اچي بيٺي. هن جا آلا آلا چپ هن جي خوبصورت چهري تي ڪيڏا ڀلا پئي لڳا. هن سڌارت کان پڇيو ته 'ماني کاڌل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس يا ٻڪ اٿس؟' ڇا اهو سچ آهي ته جوڳي پنهنجين مڙهين ۾ اڪيلا رهندا آهن ۽ عورت کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيندا آهن؟ سڌارٿ اچا ڪو جواب ڏئي نه ڏنو جو انهيءَ مهل موهڻي عورت پنهنجو کاٻو پير سڌارٿ جي ساڄي پير تي رکي هن کي خاص اشاري سان پيار جي دعوت ڏني، اهو خاص اشارو، جو عورتون خاص عيش لاءِ ڪنديون آهن جنهن عيش کي پاڪ ڪتابن ۾ "گناهه" چيو آهي. سڌارٿ کي پنهنجي خون ۾ جوش محسوس ڪيو، عورت جون ڇاتيون هو خواب ۾ ڏسي چڪو هو. هو بي قابو ٿيڻ لڳو ۽ اڳتي جهڪي انهيءَ عورت جي ڇاتيءَ تي چمي ڏئي ورتائين. تنهن تي هوءَ وڏيڪ مرڪڻ لڳي. هن جي اڌ کليل اکين ۾ جوش ٻکڻ لڳو ۽ هن جي ڇهري تي التجا ڀري سڪ اڀري آئي.

سڌارٿ به پنهنجي اندر ۾ اهڙيءَ ئي سڪ ۽ جذبات ۾ باه محسوس ڪئي پر، اڃ تائين جو ڪنهن عورت کي هٿ سان به نه ڇهيو هئائين، سو ڪجهه پهڪڻ لڳو، جيتوڻيڪ هن جا هٿ بي اختيار ئي ان عورت ڏانهن وڌڻ لڳا هئا. اتي جو اتي هن کي پنهنجي اندرمان هڪ صدا ٻڌڻ ۾ آئي. "خبردار" ۽ اتي جو اتي هن جي ڪايا پلٽجي وئي هاڻ هن کي ان عورت ۾ ڪا دلڪشي نظر نه پئي آئي. هن محض پيار سان ان عورت کي ڳل تي هلڪي ٺڪي ڏئي موڪلايو ۽ اڳتي وڌي ويو.

شام کان اڳ سڌارٿ انهيءَ شهر جي ٻاهران پهچي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پاڻ کي شهر جي ماڻهن جي ويجهو ڏسي هن کي خوشيءَ جو احساس ٿيو جو هن کي هڪ عرصي کان ماڻهن سان راڻ ماڻ جي خواهش هئي. سدائين جو جهنگلن ۾ گذاريو هئائين!

هڪ هنڌ هڪ ننڍڙو باغ هو. جنهن کي ڪو لوڙهو ڏنل نه هو. هو اتي پهتو ته چار ماڻهو هڪ پالڪي کڻي اچي لنگهيا. پالڪيءَ سان گڏ به ڪيترا نوڪر ۽ نوڪرياڻيون هيون ۽ سامان سان پريل ٽوڪريون کڻيو ٿي هليون. پالڪيءَ جي اندر نظر ڪيائين ته ان ۾ هڪ ڳاڙهي رنگ جي گاديلي تي، هڪ نهايت ئي خوبصورت نوجوان عورت ڏسڻ ۾ آئي. ڪارا گهاٽا وار، بيحد سهڻو ۽ ذهانت وارو چهرو، سنهڙا ڳاڙها چپ جيئن ڪو تازو ڪوريل انجير هجي، ڪمان جهڙا ڀرون جن مان ڪجهه عياريءَ جي جهلڪ پئي بکي، ڪاريون گهريون اکيون ڏاڍيءَ هوشياريءَ سان هر شئي جو مشاهدو ڪندڙ، ۽ سنهي ڊولائتي ڳچي! اهڙائي هئا هن جا نازڪ هٿ ۽ سهڻيون گهڙيل پانهون جن ۾ سونيون چوڙيون پيل هيون.

اها سونهن ڏسي سڌارت جي دل عجيب خوشيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. ۽ جڏهن پالڪي عين هن جي سامهون آئي ته هن هٿ جوڙي ۽ ڪجهه جهڪي ان اپسرا کي سلام ڪيو. هُن طرف کان مرڪ سان جواب مليو. پالڪي انهيءَ باغ ۾ داخل ٿي وئي.

سٺو سڀاڳو سوڻ آهي — سڌارت سوچيو. هن جي دل انهيءَ باغ ۾ وڃي ان مه لقا سان ملڻ لاءِ اچاون

ڪاڻڻ لڳو. پر ياد آيس ته، هن جي نوڪر ۽ نوڪرياڻين ڪيئن ڀهڙي لباس ۽ حليي ۾ ڏسي ڪهڙي نه ٻيجان سان ٿي ڏانهس نهاريو. آئون اڃا ته هڪ برهمڻ آهيان، هڪ جوڳي، هڪ فقير! هن حالت ۾ انهيءَ باغ ۾ ڪيئن داخل ٿيندو؟ هو پاڻمرادو ڪلڻ لڳو.

هن واٽهڙن ڪان انهيءَ عورت بابت پڇيو ته معلوم ٿيو ته اها مشهور 'وشياڪملا' آهي. اهو باغ به سندس ملڪيت آهي ۽ ان سان گڏ شهر ۾ هڪ مڪان به اٿس.

هاڻي هو شهر ۾ داخل ٿي ويو. ڪيترو وقت رهتي هتي پنهنڪندو رلندو رهيو. نيٺ هڪ حجام جي ناڻب سان هن جي دوستي ٿي وئي جو هڪ وڻ جي هيٺان پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول هو. سڌارٿ هن کي وشنو مهاراج ۽ لڪشمي ديويءَ جون ڪهاڻيون ٻڌائي حجت وڌائي. رات هن هڪڙي پتڻ تي گذاري ۽ صبح جو وري اچي انهيءَ حجام سان مليو. حجام هن جي ڏاڙهي ڪوڙي، سنوارت ڏاهي وارن ۾ تيل مکي ڦڻي ڪئي. تنهن بعد هن پتڻ تي وڃي اشنان ڪيو. شام ٿي ته هو اچي ڪملا جي باغ جي در تي بيٺو ۽ نوڪر کي منٿ ميڙ ڪرڻ لڳو ته ڪيئن به ڪوار ڪملا وٽ وڃڻ ڏي. نوڪر پهرين اندران وڃي اجازت ورتي ۽ پوءِ هن کي ساڻ ڪري انهيءَ شامياني ۾ پهچائي ويو جنهن ۾ ڪملا هڪ صوفي تي ڏادي شان سان براجمان هئي.

”تون اهوئي آهين نه، جنهن ڪالهه شام مون کي سلام ڪيو هو؟“ ڪملا سوال ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها اهو آئون ئي هئس.“

”پر نڍڙن تنهنجي ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار وڏيل هئا ۽ انهن ۾ ڌوڙ پري پيئي هئي.“

”برابر، آءٌ سڌارت آهيان، هڪ برهمڻ زادو مون ٽي سال جوڳي ٿي جهنگ جهاڳيو آهي. پر آءٌ هاڻي اهي ريتون ڇڏي هتي آيو آهيان، شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت مون سڀ کان پهرين توکي ڏٺو، ڪملا، آءٌ توکي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته تون پهرين عورت آهين جنهن کي مون بي باڪيءَ سان ڇتائي ڏٺو ۽ جنهن سان آءٌ پهريون ڀيرو هن ريت ڪنڌ ڪڍي ڳالهائي رهيو آهيان. هاڻ آئون هر عورت سان اڻين بي حجاب ٿي ڳالهائيندس.“

”بس اهوئي ٻڌائڻ آيو آهيان يا ڪجهه وڌيڪ؟“

ڪملا هڪ ننڍڙي خوبصورت پنکي سان ڪيڏيندي پڇيو جو مور جي پرن مان ٺهيل هو. هوءَ مرڪڻ لڳي هئي.

”آءٌ توکي تنهنجي حسن جو داد ڏيڻ آيو آهيان ۽، جي ناراض نه ٿين، ته منهنجيءَ درخواست به آهي ته مهرباني ڪري مون سان دوستي ڪر، بلڪ منهنجي استاد ٿيءُ، ڇاڪاڻ ته آءٌ انهيءَ فن کان بلڪل اڻ واقف آهيان جنهن جي تون ماهر آهين.“

اهو ٻڌي ڪملا وڏو ٽهڪ ڏنو.

”هن کان اڳ ۾ مون اهڙو جوڳي ڪڏهن به نه ڏٺو جنهن جهنگ مان اچي مون کان منهنجي هنر جي سکيا گهري هجي. نه ئي ڪو جوڳي اهڙو لباس پائي اچ تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون وٽ آيو آهي. مون وٽ گهڻائي جوان ايندڙ آهن، جن ۾ برهمڻن جا پٽ به هوندا آهن، مگر اهي عمدا ڪپڙا ۽ عمدا بوٽ پائي ايندا آهن، هنن جي وارن ۾ خوشبوءِ هوندي آهي ۽ ڪيسن ۾ ناڻو."

"تو کي پهريون پهرو ڏسي تو کان سبق سکڻ لڳو آهيان، مون ڏاڙهي ڪوڙائي ۽ وار ٺهرائي ڇڏيا آهن ۽ تيل مکي ڇٽي ڏني اٿم. باقي جيڪڏهن عمدا ڪپڙا ۽ عمدا بوٽ نه اٿم ته ڇا ٿيو، آءٌ تنهنجي صحبت حاصل ڪرڻ لاءِ اهي شيون به نيٺ حاصل ڪري وٺندس، آءٌ محنت ڪرڻ جو عادي آهيان. تڏهن ڇا تون هن حال ۾ مون کي قبول نه ڪندئين ڪملا؟"

"نه" ڪملا کلندي چيو. "سٺا ڪپڙا ۽ سٺو بوٽ پائي اچ ۽ منهنجي لاءِ ناڻو ۽ سو ڪڙيون ڪٺي اچ، تڏهن ئي تو سان صحبت ٿي سگهي ٿي، سمجهين ٿو جهنگ جاجوڳي."

"سمجهان ٿو، سمجهان ٿو." سڌارٿ ڪجهه تيز ٿيندي چيو. "اهڙن سهڻن چپن مان نڪرندڙ ڳالهه ڪيئن نه سمجهندس. ڪملا تنهنجا چپ ائين آهن جيئن ڪو تازو ڪڪوريل انجير هجي. پر منهنجن چپن ۾ به جوڀن جي تازگي آهي، آزمائي ڏس ته تنهنجن چپن سان ٺهڪن ٿا يا نه؟ ڪملا، تو کي جوڳين کان ڪراهت ٿي اچي ڇا؟"

"آءٌ مورک جوڳيءَ کان ڇو خوف کائيندي‌س، جو جهنگ جي گدڙن جي صحبت ۾ رهيو هجي ۽ عورتن بابت ڪجهه به نه ڄاڻندو هجي." ڪملا کلندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جوڳيءَ ۾ ڏاڍو ٻل هوندو آهي ڪملا. هو توکي لٽي سگهي ٿو، توکي نقصان رسائي سگهي ٿو، توسان زور زبردستي ڪري سگهي ٿو. جوڳي ڏاڍو ٻي ڏپو ٿيندو آهي.“
”نه ڙي جوڳي، مون کي ته جوڳين کان ڪو خوف نٿو ٿئي. ڏس ڀلا ڪنهن جوڳيءَ سان ٻه، ڪڏهن ڪنهن زبردستي ڪري هن کان هن جي دانائي، هن جو علم، هن جي پارسائي کسي ورتي آهي؟ اهڙيءَ طرح ڪملا کان به ڪير زبردستي سان هن جو پيار ۽ پيار جي لذت ۽ چپن جو چشڪو نٿو ڦري سگهي. تون منهنجي خوبصورت چپن کي جي زوري چمي ڏيندين ته انهن مان توکي هڪ ڦڙي جيترو رس به نصيب نه ٿيندو. جڏهن ته ڪملا جي چپن کي امرت اوتڻ جو هنر خوب اچي ٿو.
سڌارت، تون لائق ۽ تيز فهم شاگرد آهين. اهو سبق به سکي ڇڏ. پيار خريد ڪري سگهجي ٿو، خيرات وٺي سگهجي ٿو، حاضر ڪري سگهجي ٿو، پر چورائي نٿو سگهجي. تون ڀليل آهين، عجب آهي جو تو جهڙو چڱو ماڻهو به خوش فهمي جو شڪار آهي.“
”تون سچ ٿي چوين ڪملا.“ سڌارت ڪنڌ جهڪائي مرڪندي چيو. ”تنهنجي چپن جي مٺاڻ ضايع نه ٿيڻ کپي. هاڻ آئون تو وٽ تڏهن ايندس جڏهن مون وٽ عمدا ڪپڙا هوندا، بوٽ هوندو ۽ پئسا هوندا. پر ڪملا، مون کي صلاح ته ڏي نه اهي شيون آءٌ ڪيئن ۽ ڪٿان حاصل ڪريان؟“
”هرڪو اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي دوست.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪملا چيو، ”تو هن وقت تائين جيڪا سکيا ورتي آهي، ان جي ذريعي پئسو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. غريب ماڻهوءَ وٽ ٻيو ته ڪو رستو ڪونه هوندو آهي.“
”مون ته سوچيو، صبر ڪرڻ ۾ بڪ ڪاٽڻ سکيو آهي.“
”وڌيڪ ڪجهه به نه؟“
”نه. البت ها. مون کي شعر ناهڻ اچن ٿا. هڪ شعر جي بدلي هڪ چمي ڏينديئن؟“
”ها. جي شعر مون کي پسند آيو ته.“ سڌارٿ ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ هڪ شعر پڙهيو جنهن جو مطلب هنريت هو:
”خوبصورت ڪملا، جنهن جو رنگ ڳورو هو، پنهنجي باغ ۾ هلي وئي،
باغ جي در وٽ جوڳي بيٺو هو، جنهن جو رنگ سانورو هو،
جوڳي ڪنول جي ان گل کي ڏسي پنهنجو ڪنڌ جهڪايو،
ڪملا مرڪي سلام جو جواب ڏنو،
تڏهن جوڳيءَ ارادو ڪيو ته
ديوتائن کي قربانيون پيش ڪرڻ جي بجاءِ، سهڻي ڪملا تان صدقي ٿيندو.“ شعر ٻڌي ڪملا تاڙيون وڄائي واه واه ڪرڻ لڳي.
”سانورا جوڳي، تنهنجو شعر ته لاجواب هو، انهيءَ شعر جي بدلي ۾ منهنجي هڪ چمي، ڪو گهاٽي جو سودو ناهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انئين چئي ڪملا هن کي اک جو اشارو ڪيو ته ويجهو اچي. سدارت ڪملا جي ويجهو اچي پنهنجو منهن هن جي منهن تي رکيو، پنهنجا چپ هن جي چپن تي رکيائين ته ڏهن ڀيريون ٻيرو سدارت کي احساس ٿيو ته ڪملا پيار جي لذت ڏيڻ جي فن ۾ ڪيڏي پڙ آهي! هن هڪ ٻئي چميءَ سدارت کي ڪافي ڪجهه سيکاريو، هوءَ نوجوان برهمڻ تي حاوي ٿي وئي. هن کي قبضي ۾ ڪري وري هٿي ٻري ٿي ٻيهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائين. تان جو هو سڄو هن جي دام ۾ قابو ٿي ويو. ۽ وري پنهنجو وڙ وٺائڻ لاءِ هن کي ڪجهه وڌيڪ چمين جو موقعو ڏنائين. هر چميءَ جي لذت ئي الڳ هئي. هر ٻيري سواد ئي نئون.

سدارت حيرت سان اکيون ڦاڙي سهڪڻ لڳو. هن جي اکين اڳيان هڪ نئون اسرار کلي پيو هو.

"تنهنجا شعر ته سٺا آهن." ڪملا چيو. "پر انهن مان تون ايتري موڙي نه ڪمائي سگهندين جنهن جي ذريعي ڪملا جو دوست بنجي سگهين."

"پر ڪملا! تنهنجي چميءَ ۾ ته ڇا ٿو؟"

"اهوئي ته ڪمال آهي، جنهن جي ذريعي مون وٽ هيتري دولت گڏ ٿي آهي. پر هاڻي تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي. ڇا واقعي تو کي سوچڻ، صبر ڪرڻ ۽ بک ڪاٽڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو اچي؟"

"آءٌ ٻچن ۽ ڪتابن چاڙهن ٿو. پر هاڻي آئون اهي نه ڪيائيندس."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو پٽ، توکي لکڻ پڙهڻ اچي ٿو؟“
”ها ـ يقيناً.“
”ڏاڍو سٺو. تنهنجو اهو لکڻ پڙهڻ ته جادو ڦيٽي جو ڪم ڏيندو.“
ايتري ۾ هڪ نوڪر ڪملا کي ڪن ۾ ڪجهه چيو. نوڪر جي ڳالهه ٻڌي ڪملا سڌارت کي چيو: ”منهنجو هڪ ملاقاتي اچي ويو آهي، تون هاڻي هڪدم هتان هليو وڃ، هتان توکي ڪو ڏسي وٺي، وري سپاهي ملنداسين.“
ڪملا پنهنجي هڪ نوڪر کي حڪم ڏنو ته سڌارت کي هڪ اڇي قميص پائڻ لاءِ ڏئي ڇڏي. نوڪر سڌارت کي پٺي دروازي کان هڪ ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ اڇي رنگ جي هڪ ڍلي قميص هن کي ڏئي تاڪيد ڪيائين ته باغ جي اندران ٿيندو هليو وڃي جيئن ڪيس ڪو ڏسي نه سگهي.
سڌارت لاءِ باغ جا ور وڪڙ ڪائيندڙ پيچرا اڪارڻ ڪا اوکي ڳالهه نه هئي، قميص کي ٻانهن تي لٽڪائي هو پيچرا اڪري شهر ۾ نڪري آيو ۽ اچي هڪ مسافرخاني جي در وٽ بيٺو. پراڻي عادت موجب هن هڪ واٽهڙوءَ کان دان گهريو جـو ڪيس فورا مليو ــــ چانورن جي اني جو هڪ روٽ! ”اڄ پنان ٿو، سپاهي کان پنڻو نه پوندم“ اهو سوچي هن روٽ ورتو مگر اتي ئي هن کي ڪجهه غيرت جو احساس ٿيو:ــــ ”هان! هاڻي آءٌ ڪو جوڳي ته ناهيان، ته پوءِ دان ڇو پنان؟“ هن اها روٽي هڪ ڪتي کي ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ بکيو ئي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سوچڻ لڳو:— هن ريت حياتيءَ گهارڻ ته ڏاڍي سولي ڳالهه آهي، جڏهن جو ڳي هئس تڏهن زندگي ڪيڏي نه ڪٺن، ڪيڏي بيزارڪن ۽ ڪيڏي نه مايوس ڪندڙ هئي! هاڻي ته سڀ ڳالهه سولي پئي لڳي— ايتري ئي سولي، جيترو سولو اهو ڀهريون سبق، جو ڪملا ڇمي ۽ جي وسيلي ڏنو! بس هاڻي مون کي ڪپڙا ۽ پئسو ئي ته گهرجي. اهي شيون حاصل ڪرڻ ته آسان ڪم آهي. انهن شين جو فڪر ڪو ننڍ ته نه ڦٽائيندو آهي.

ٻي ڏينهن هو ڪملا جي شهر واري مڪان تي وڃي ساڻس مليو "سڀ ڳالهه سولي ٿيندي وڃي" ڪملا هن کي ٻڌايو "ڪام سوامي توسان ماڻ تي راضي ٿي ويو آهي. هو شهر جو سڀ کان وڏيڪ ڏنوان واپاري آهي، جي تون هن کي مطمئن ڪري سگهين ته هو توکي پاڻ وٽ ملازم ڪري رکندو. سانورا سنياسي، هاڻي هوشياري ڏيکارجان، مون کان پيٽ ماڻهن جي ذريعي هن سان تنهنجي پرپٺ واقفيت ڪرائي ڇڏي آهي، هن کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، پر گهڻي حضور شرمي به نه ڏيکارجان. آءٌ چاهيان ٿي ته هن جو نوڪر نه بلڪ هن جهڙي ئي حيثيت جو مالڪ ٿين، نه ته آءٌ توکان ناراض ٿي ويندس. ڪامسوامي هاڻ ٻڍاپي ڏانهن وڌڻ ۽ سست ٿيڻ لڳو آهي، جي تو هن جي دل جيتي ورتي ته هو توتي گهڻو ويساهه ڪرڻ لڳندو.

سڌارٿ اهو ٻڌي کلڻ ۽ ڪملا جا ٿورا مڃڻ لڳو. جڏهن ڪملا کي خبر پئي ته هو ڪالهه کان بکيو آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماني ۽ ميوو گهرائي هن کي ڪارايائين. جڏهن هو موڪلائڻ لڳو ته ڪملا چيو:

”ڏاڍو ياڳن وارو آهين، ڏس ڪيڏن نه هڪ پنيان پيو دروازو ياڻ ئي کلندو وڃي. تو ۾ ڪا مٽيا آهي ضرور.“

”مون ڪالهه توکي ٻڌايو هو ته مون وٽ سوچڻ، صبر ڪرڻ ۽ بک پلڻ جو گُر آهي، پر تو انهن کي ڪا اهميت نه ڏني، بهرحال هڪ ڏينهن توکي به خبر پئجي ويندي ته هن مورک سنياسيءَ جهنگ مان گهڻوئي ڪجهه پرايو آهي. ڏس، ٿيون ڏينهن آءٌ هڪ فقير هوس، ڪالهه مون کي ڪملا جي چمي نصيب ٿي ۽ نيٺ آءٌ جلدي ئي وڏو واپاري بنجي ويندس ۽ مون وٽ ڌن دولت ۽ اهي سڀ سامان هوندا جن کي تون اهميت ڏين ٿي.“

”برابر صحيح ٿو چوين، پر اهو ياد رکجان ته تنهنجي ڪاميابيءَ ۾ منهنجو حصو به ضرور آهي. مون کان سواءِ پلا تون هن منزل تي پهچين ها.“

”ڪملا، جاني! توکي پهريون دفعو ڏسندي ئي مون ۾ اها خود اعتمادي پئدا ٿي وئي هئي. ته آءٌ توکان دوستي ۽ پيار جو سبق وٺندس ۽ تون ڏيندينءَ ۽ جڏهن تو مون کي پهريون سبق ڏنو ته مون ۾ اهو اعتماد پيدا ٿيو ته تون هر قدم تي منهنجي مدد ڪندينءَ.“

”۽ جي آئون شروع ۾ ئي توسان سهڪار نه ڪريان ها ته؟“

”۽ تو سهڪار ڪيو ڪملا! ڏس ياڻيءَ ۾ پٿر اڇلائبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهو هڪدم پاڻيءَ ۾ جاءِ ڪري وڃي ٿو ونندو، اهڙيءَ طرح جڏهن سڌارٿ ڪو ارادو ڪندو آهي ۽ ڪا منزل مقرر ڪندو آهي ته هن کي ڀيو ڪجهه به نه ڪرڻو پوندو آهي. بلڪ هو صرف سوچيندو آهي. صبر سان انتظار ڪندو آهي ۽ بک تي ضبط ڪندو آهي، ۽ هن لاءِ انهيءَ پتروانگر رستو پيدا ٿي ويندو آهي. منزل هن کي خود ئي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي، ڇاڪاڻ ته هن جو ڌيان فقط پنهنجي منزل ڏانهن هوندو آهي، مون سنياسن کان، اهوئي ڪجهه ته سکيو آهي. مورک ماڻهو انهيءَ خود اعتمادي ۽ قوت ارادي کي جنن جو جادو سمجهندا آهن. هرڪو سوچڻ، صبرسان انتظار ڪرڻ ۽ بک جهلڻ سان جادوگر ٿي سگهي ٿو."

"ٿي سگهي ٿو ائين ئي هجي،" ڪملا نرمائي سان چيو. "ٿي سگهي ٿو اهو سڀڪجهه تنهنجي شخصيت جي ڪشش جي سبب ڪان هجي....تنهنجي شخصيت جي جادوءَ تنهنجي تقدير ۽ منهنجي من ۾ تنهنجي محبت جاڳائي هجي."

"شل ائين ئي هجي ...شل تون مون تي هميشه ائين ئي مهربان هجين.... ۽ ان جي نتيجي ۾ قسمت مون تي مهربان هجي."

ائين چئي سڌارٿ ڪملا کان موڪلائي هليو ويو.

٢

سڌارٿ ڪامسوامي واپاريءَ سان ملڻ لاءِ هن جي بنگلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پهتو ته نوڪرن کيس وٺي آئي هڪ ڪمري ۾ ويهاريو جنهن ۾ وڏا قيمتي غاليچا وڇايا پيا هئا. ٿوري ئي دير ۾ هڪ ٺيار قسم جو قڙت ۽ خوش طبع ساڌو ڪمري ۾ داخل ٿيو. پورا وار، حرڪت پريون اکيون ۽ چپن تي نفس پرستيءَ جو رنگ. هي سيٺ ڪامسوامي هو. پنهي هڪٻئي سان ڪيڪار ڪئي.

”مون کي معلوم ٿيو آهي ته تون هڪ برهمڻ آهين ۽ نوڪري جو ڳهرجائو. ڇا واقعي توکي نوڪريءَ جي ضرورت آهي؟“ سيٺ پڇيو.

”نه ـ مون کي نوڪري جي ضرورت نه آهي نه ڪڏهن هئي آءٌ سنياسين جو ست ڇڏي آيو آهيان.“

”جي سنياسي آهين ته پوءِ توکي ڪنهن جي ڪاڻ به نه هوندي. سنياسين وٽ نه ڪنهن قسم جو مال متاع به نه هوندو آهي.“

”مون وٽ به ڪو مال ملڪيت نه آهي. مون سڀڪجهه پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان تياڳي ڇڏيو آهي.“

”ته پوءِ تنهنجو رهڻ سهڻ ڪيئن ٿيندو؟“

”اهو ته مون ڪڏهن سوچيو به نه آهي جناب. ٽن سالن کان آءٌ هٿين خالي آهيان ۽ رهڻ سهڻ جو مون ڪڏهن فڪر ئي نه ڪيو آهي.“

”ته پوءِ ٻين جي مال تي گذارو ڪيو اٿئي؟“

”واپاري به ته ٻين جي مال تي گذارو ڪندا آهن.“

”برابر، پر واپاري شيءِ ڏيندا، ۽ پيسا وصول ڪندا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سچي زندگيءَ جو اهو سرشتو آهي. ڪجهه ڏيو آهي،
تڏهن ئي ڪجهه ملندو آهي.“

”پر تون ته ڪجهه ڏئي به نٿو سگهين، تووٽ ته ڪجهه
آهي ئي ڪونه.“

”جنهن وٽ جيڪي ڪجهه هوندو آهي سوئي ڪنهن
کي ڏئي سگهندو آهي. سپاهيءَ وٽ ڏيڻ لاءِ قوت هوندي
آهي. واپاريءَ وٽ مال، استاد وٽ سکيا، هاريءَ وٽ اناج
۽ سائيءَ وٽ مڃي.“

”چڱو ڀلا ته پوءِ تو وٽ ڇا آهي؟ تو وٽ به ڪا
حاملات آهي؟“

”ها- سوچڻ، صبر سان انتظار ڪرڻ ۽ بک- پلڻ جو
ڪَر مون وٽ آهي.“

”بس-؟“

”آئون سمجهان ٿو ته اهو ئي گهڻو ئي ڪجهه آهي.“

”اهي شيون آخر ڪهڙي ڪم جون آهن. مثال بک
ڪاٽڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟“

”اها ڏاڍي ڪمائتي خوبي آهي جناب-! ڪنهن وٽ
ڪڏهن کائڻ لاءِ ڪجهه به نه هجي ته هن لاءِ عقلمندي اها
آهي ته بک تي ضابطو ڪري. ڏسو انهيءَ خوبيءَ مون کي
ڪيڏو صابر ۽ سانتيڪو بنائي ڇڏيو آهي. آئون بک کي
ليکيان ئي ڪونه، نه ته هيستائين جيڪر ڪنهن نه ڪنهن
ڪم سان ضرور لڳي وڃان ها.“

”چڱو ترس،“ ڪامسوامي هن کي هڪ ڪاغذ ڪڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ته پڙهي ٻڌائي.

سڌارٿ اهو سڄو پڙهي ٻڌايو.

”واهه واهه — ۽ چڱو هن خالي ڪاغذ تي ڪجهه لکي ڏيکار.“ ڪامسواميءَ چيو. ۽ سڌارٿ ان ڪاغذ تي لکيو—

”لکڻ سٺو ڪم، پرسوچ ويچارڪرڻ اڃا به بهتر. هوشياري سٺي پر صبر اڃا به بهتر.“

ڪامسوامي اهي اکر پڙهي ڏاڍو متاثر ٿيو.

”ڏاڍو سٺو ٿو لکين، خير پاڻ اڃا گهڻيون ڳالهيون ڪنداسين، پر اڄ تون منهنجو مهمان ٿيءُ. پوءِ جي ڳالهه پوءِ سان.“

سڌارٿ، سيٺ جا ٿورا مڃي هن جي ميزباني قبول ڪئي.

هاڻي هو سيٺ ڪامسواميءَ جي بنگلي ۾ رهڻ لڳو. هن کي عمدا ڪپڙا ۽ بوٽ ڏنا ويا، هو روزانو سنان ڪندو هو. ڏاڍا عمدا عمدا طعام هن کي ڏنا ويندا هئا. مگر هو فقط هڪ ويلو کائيندو هو. تنهن ۾ به گوشت ۽ شراب کي اصل هٿ نه لائنائين.

ڪامسوامي هن کي پنهنجو ڪاروبار سمجهائيندو رهيو. هن کي پنهنجي واپاري مال، حساب ڪتاب جي بهي کاتن ۽ گودامن ۽ اڏن کان واقف ڪري ڇڏيائين. سڌارٿ نيون نيون شيون ڏٺيون، نيون نيون ڳالهيون سکيون. هو گهٽ ڳالهائيندو ۽ گهڻو ٻڌندو ۽ ڏسندو هو. ڪملا جي هدايت تي عمل ڪندي هن سيٺ جي اڳيان ڪڏهن به گهٽي نيازمندي ۽ نوڙت نه ڏيکاري بلڪ هن تي اهو اثر وجهندو رهيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سيٺ کان ڪنهن ڳالهہ ۾ گهٽ نہ آهي. ڪامسوامي ڏاڍي احتياط ۽ سرگرميءَ سان پنهنجو ڪاروبار هلائيندو هو. پر سدارت ائين ظاهر ڪندو هو چڻ اهو سڄوڪاروبار بس هڪ راند کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي. هنڪاروبار جا گر سکڻ جي پوري ڪوشش پئي ڪئي. پر انهن کان متاثر ۽ مغلوب ٿيڻ جو ڪو اهڃاڻ نٿي ظاهر ڪيائين.

وقت گذريو تہ سدارت، سيٺ ڪامسوامي جي ڪاروبار ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ شريڪ ۽ شامل ٿيندو ويو. هن سيٺ جي بنگلي ۾ رهڻ ڇڏي ڏنو پر اورچائيءَ سان ڪاروبار هلائيندو رهيو.

ڪملا هن کي اڪثر نينڊ ڏيندي هئي ۽ هو عمدا ڪپڙا ۽ بوٽ پائي هن سان ملڻ ويندو هو. هاڻي تہ هن کي سوکڙيون بہ ڏيڻ لڳو هو. هن جي ڳاڙهن حرفتي چپن کان نوان نوان سبق سکندو رهيو، هن جي سياويڪ ۽ نرم هٿن هن کي اڃا گهڻا انداز سيکاريا. هو جو محبت جي ميدان ۾ نئون ۽ سيکڙاٽ هو، عين جوانيءَ ۾ پيار جي لذت کي ڀرپور انداز ۾ لٽائڻ جو موقعو مليو هئس تنهن ڪملا کان اهو بہ سکيو تہ لذت ڏبي آهي تڏهن ئي ماڻبي بہ آهي، ۽ اهو تہ ڪملا جي هرهڪ اشاري ۽ هرهڪ انداز ۾، هرهڪ نگاهہ ۾، هن جي جسم جي هرهڪ عضوي ۾، هن جي هٿن جي ڇهاءُ ۾ توڙي جسم جي گهڪي ۾ هڪ راز آهي، جنهن مان فقط اهو ئي لطف حاصل ڪري سگهي ٿو جو انهيءَ هنر جو ڄاڻو هجي. ڪملا کان هن اهو بہ سکيو تہ محبت ڪرڻ وارن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي ته هڪ ٻئي کي فتح ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي هٿان فتح ٿيڻ کان سواءِ صبر نه ڪن، ايتري قدر جو هنن کي اهو احساس ئي نه رهي ته هو غلط هليا آهن يا غلط استعمال ڪيا ويا آهن.

سدارت هن من موهڻي وڻندڙ وٽ ڏاڍا پرلطف ڏينهن ۽ ڏاڍيون رنگين راتيون گذاريون - هن جو دوست، هن جو شاگرد ۽ هن جو عاشق بڻجي. ڪملا وٽ ئي ته هن جي زندگيءَ جي صحيح قدر قيمت ۽ صحيح معنيٰ هئي جڏهن ته ڪامسوامي جي ڪاروبار ۾ ڪٿي هئي!

سيٺ ڪامسواميءَ جو سدارت ۾ اعتماد وڌندو ويو. هو سدارت کي اهم دستاويز ڏئي ڇڏيندو هو ۽ هن سان اهم معاملن تي صلاح مشورو ڪندو هو. ڪامسوامي محسوس ڪيو ته سدارت ڪاروبار جي اهڙن ڪمن جهڙوڪ مال، ان جي جهازن ۾ لهڻ چڙهڻ ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪا خاص سرگرمي نٿو ڏيکاري، پر هن کي اهو به احساس هو ته سدارت ۾ سياءَ جي ڏاپر ۾ ڏيرج آهي. رلڻ ملڻ جي ڏانءَ جو خاص انداز اٿس سو هن کي هڪ ڪامل واپاري بنائي يا نه بنائي هن لاءِ ڪاميابي جا دروازا ضرور کولي ڇڏيندي. هو پنهنجن دوستن کي اڪثر چوندو هو. ”هي برهمڻ زادو قسمت جو ڌڻي آهي، يا ڪو جادوگر آهي يا واقعي سنياسين مان ڪجهه سکيو اٿس، بهرحال ڪاميابيون هيڙن ماڻهن وٽ پاڻ هلي اچي، حاضر ٿينديون آهن. توڙ ته هو واپاري رهي نه رهي پر هڪ ڪامياب زندگي ضرور گذاريندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي غرض وري اهڙو آهي جو نہ اگهن جي لاءِ چاڙهہ جي اون رکي نہ سياڙي جو فڪر ڪري نہ نفعي مان گهڻو سرهو ٿئي نہ نقصان کان خوف کائي.“

دوستن ڪامسواميءَ کي صلاح ڏني تہ نفعي جي حساب ۾ حرفت هلائي، حصو ٿورو ڪري ڏئيس تہ پاڻهي هوشيار ٿيندو.

ڪام سوامي اهڙو طريقو بہ آزمائي ڏٺو پر سڌارت تي ڪوبہ اثر نہ پيو. هو بدستور ڪاروباري معاملي ۾ بي غرض رهيو. هڪ دفعي هو جنس جي خريداري لاءِ هڪ ويجهي ڳوٺ ۾ ويو اتي معلوم ٿيس تہ ڪڙمين زبان نہ رکي ۽ فصل ڪنهن ٻئي واپاري وٽ وڪڻي ڇڏيا اٿون. سڌارت ذرو بہ فڪرمند يا ناراض ڪونہ ٿيو بلڪ ڳوٺ ۾ ئي رهي پيو. ڪڙمين ڪسبين سان گڏ جي وندر ورونهن جو اهتمام ڪيائين، ڳوٺ جي ٻارن کي خرچيون ڏنائين، هنن جي ڪاج ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڏاڍيءَ دلجاءِ سان موٽي اچي ويهي رهيو. ڪامسوامي هن سان تڪرار ڪرڻ لڳو تہ هن اطمينان سان جواب ڏنو.

”نقصان ٿيو تہ ڇا ٿيو، بلڪ مون تہ ڳوٺ ۾ ڏاڍا مزا ڪيا. ڳوٺاڻن سان محفلون ڪيم. هنن جي ٻارن کي ڪڇ ۾ ويهاري پيار ڪيم. هنن جا گيت ڳهمي ڏٺم جهڙو ڪر واپاري نہ پر ڪو سيلاني هوس.“

”پر تون واپاري بہ آهين، رڳو دل جي خوشيءَ ڪاڻ تہ نہ پيو سفر ڪرين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بيشڪ دل جي خوشيءَ لاءِ پيو ڪم ڪريان.“
سڏارٿ کلندي جواب ڏنو. ”مون سدائين پنهنجي دل جي خوشيءَ کي نظر ۾ رکي ڪم ڪيو آهي. ماڻهن کي ڏکوئڻ جي بجاءِ هنن کي آٿت ڏنا اٿم. مون هنن کان گهڻو نفعو نه پراڻيو آهي ته هنن کي پنهنجو دوست ضرور بڻايو اٿم. جيڪڏهن ساڳي ڳوٺ ۾ ويندس ته هو مون کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندا. سيٺ صاحب تڪرار ڪري ڇڏي ڏي، جڏهن به سمجهين ته مون مان توکي ڪو نقصان پيو رسي ته فقط مون کي هڪ اکر چئجان، ۽ آءٌ پنهنجي واٽ هليو ويندس تيستائين بهتر آهي ته دوست ٿي گذاريون.“
ڪامسوامي هن کي پنهنجو احسان جتائڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته به سڏارٿ ڪو اثر نه وٺندو هو. چي: سيڪ ۽ پنهنجو مقدر ٿو ڪائي.
سيٺ صاحب چاهيندو هو ته هو قرضدارن سان سختي ڪري، وهنوار ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارن کي سيکتون ڏئي، ڪو ڪم بگڙڻ لڳي ته ڏاڍو فڪرمند ٿي ان کي ڏاهڻ جي ڪري، پر سڏارٿ سختي ۽ سيکت جي اصل نالي کان ئي چڙندو هو. چي اهڙو فڪر ئي ڇو ڌارجي جو ننڊ ڦٽي!
ڪامسوامي کي اهو زعم ته هو سيڪجهه ڪائنس ئي سکيو آهي، ته سڏارٿ جو اهو جواب ته.... ”سيٺ صاحب چرچا نه ڪر تو مون کي وڙن جا اگهه ۽ وياج جي شرح سيکاري آهي سا ته ڪا سکيائي نه ڇئبي. فڪر ۽ احساس ته مون کي تو نه سيکاريو آهي جو اصل جوهر آهي. اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوهر ٿون ڀاڻ مون ڪان سگهي ڇڏ ته بهتر.“

سڌارت کي ڀئسي جو لوڀ هو ته فقط ايترو جنهن سان ڪملا جي دوستي نباهي سگهي، سو ان کان وڌيڪ هونئن ئي جڙندو هوس. هن کي عام ماڻهن سان محبت ۽همدردي ته هئي پر هنن تي رحم به ايندو هوس. هو سوچيندو هو — عجيب ويچارا آهن، هي ماڻهو، معمولي معمولي شين لاءِ پنهنجو رت ست سڪائين ٿا. جاکوڙون ڪن ٿا. پاڻ پٽوڙين ٿا، وڙهن جهڙن ٿا، سور پرائين ٿا ۽ پوءِ پوڙها ٿيو نيٺ پورا ٿيو وڃن. فقط هڪ معمولي شيءِ يعني پئسي خاطر-!!

هو جنهن سان ملندو هو تنهن کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو هو. ڪو شاهوڪار واپاري ملي ته ڇا جي ڪو ڏتڙيل ملي ته ڇا، هو سيني جو دل سان آڌرڀاءُ ڪندو هو، ۽خاطر تواضع ڪندو هو. اڻين پانت پانت جي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ ايندي به هن ڪيتريون حقيقتون سکيون. هن ڇگن کي ڏسي ڇڏيو ته برن کي به اڻين ڪڏهن هو خيال ۽ فڪر ۾ عام ماڻهن جهڙو ٿي ويندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن اندر مان ڪو آواز اٿندو هوس جو کيس خبردار ڪندو هويا ٽوڪيندو هو، پر اهو آواز هن کي ورلي ئي چٽو ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

پوءِ هن کي احساس ٿيڻ لڳو ته هو هڪ عجيب طرح جي زندگي گذاري رهيو آهي، هو جيڪي ڪجهه ڪري رهيو آهي سا محض هڪ راند آهي. جوا آهي. ۽ هو زندگي جي حقيقت کان گهڻو پري پوندو ٿو وڃي. هو جا راند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي رهيو آهي تنهنجو پيا ماڻهو تہ تماشو ڪن ٿا ۽ لطف وٺن ٿا پر هو پاڻ زندگيءَ جي صحيح لطف کان گهڻو پري آهي. هن جي خودي، هن جي ذات هن کان ڇڄي ڌار ٿي ڪنهن ڏوراهين هنڌ تي پئي پٽڪي. هن جي ذات، موجوده زندگيءَ ۾ هن جي شريڪ نہ آهي. ڪڏهن هو اهڙن خيالن کان خوف کائي شديد خواهش ڏاريندو هوتہ ڪاش پنهنجو پاڻ کي سڄو سارو موجوده زندگيءَ ۽ حالات ۽ عملن ملائي جيڪر هڪ ڪري ڇڏي، ماڻهن سان ماڻهن جهڙو ٿي وڃي، اندر ۾ بہ ۽ ظاهر ۾ بہ.

بس هن کي ٿورو ڪي گهڻو مان يا آسيس ملندي هئي تہ فقط ڪملا وٽان. ڪچهريءَ جو روح رهاڻ جو، سهڪار جو، وهنوار جو ٿوڙي محبت جي صحبت جو لطف هن کي فقط ڪملا وٽان ئي ملندو هو. ڪملا ئي هڪ اهڙي هستي هئي جنهن کي هو چاهيندو بہ هو ۽ جنهن جو احترام ۽ قدر بہ ڪندو هو، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجو مٽ ۽ جوڙ بہ سمجهندو هو. ڪملا کي هو پناه جي جاء سمجهندو هو.

هن هڪ ڀيري ڪملا کي چيو:

”ڪملا تنهنجي اندر ۾ آشرم آهي جنهن ۾ پناهہ وٺي سگهجي ٿي. رڳو هوشياري ۽ چالاڪي ئي سڀڪجهہ نہ آهي. ڪام سوامي هوشيار ۽ چالاڪ آهي پر هن جي اندر ۾ اها پناه جي جاء نہ آهي. ۽ ڪن ماڻهن جي اندر ۾ اهڙا آشرم هوندا آهن تہ وري هنن ۾ اهو اعلى ظرف نہ هوندو آهي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن مان آسيس وٺن. ڪي ماڻهو هن جڳ ۾ وڻ مان ٽنل پنن وانگر هوندا آهن جي هوائن جي دوش تي ٽڪندا، وٽ سٽ کائيندا لڙهندا نيٺ مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن. ۽ ڪي وري تارن مثل هوندا آهن جي فقط مقرر واٽن تي هلندا آهن. هوائون هنن تائين نه پهچي سگهنديون آهن.

هو پاڻ ئي راهو هوندا آهن ۽ پاڻ ئي رهبر. مون فقط هڪ اهڙو انسان ڏٺو جو هر لحاظ کان هڪ ڪامل انسان هو، ۽ اهو هو مهاتما گوتم ٻڌ. آءٌ هن کي ڪڏهن وساري نه سگهندس. هزارين ماڻهو هن جا مريد آهن، پر ڪملا....

اهي سڀ پڻ انهن چيلن پنن جي مثل آهن، جاڪاڻ ته هو پنهنجو پاڻ کان رهنمائي نٿا حاصل ڪن پر انهيءَ مهاتما ٻڌ جا محتاج آهن."

"تون ته وري به جوڳين واريون ڳالهيون پيو ڪرين."

ڪملا مرڪندي چيو.

سدارٿ اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو.

۽ هو وري محبت جي کيل جو داءُ پيچ ۾ مشغول ٿي ويا. وري به اهي نت نوان نوان انداز، نت نيون رمزون، ڪملا جي بدن جي ڪمان ۽ سدارٿ جي هن کان ئي سکيل تيراندازي، اها ئي فتح، اهائي مات، اهوئي ڇڪجڻ، اهوئي پسپا ٿيڻ، اها ئي مهارت ۽ لطف جي انتها، تان جو سدارٿ نڍال ٿي بستري تي پئجي رهيو. ڪملا هن جي مٿان جهڪي، هن جي ڏڪل اکين ۾ اکيون کپائي البيلائي سان چيو.

"سدارٿ تو منهنجو فن سکڻ ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، تو ۾ پين ڪان وڌيڪ پل به آهي ۽ خواهش به. ڪن ڏينهن بعد پنهنجين هنن صحبتن جو نيٺ نتيجو به نڪرندو ۽ آڏون تنهنجي پيار جي ماءُ بنجي ويندس. پر ايترو سمجهان ٿي ته تون وري به جوڳي ٿي بڻبين. تون ڪنهن سان به توڙ نباهڻ وارو نه آهين. تون مون سان به توڙ نه نباهيندين.“

”ٺيڪ سڳهي ٿو.“ سدارت جواب ڏنو. ”پر محبت جي معاملي ۾ توڙ نباهڻ واري تون به نه آهين نه ته جيڪر محبت ڪي فن يا ڪسب ڪري نه ورتائين ها. شايد پاڻ جهڙا مخصوص ماڻهو محبت نه ورتائي سگهندا آهن. محبت عام ماڻهو ڪندا آهن، اهوئي هن جو پيڊ آهي-!“

٣

ڪيترو عرصو ته سدارت زندگي ائين گذاري جو دنيادار هوندي به دنيا کان بي نياز رهيو، جيتوڻيڪ هن پنهنجي اندر ۾ اهي جذبا، خواهشون ۽ سڌون سجاڳ ڪرڻ جي به گڏوگڏ ڪوشش ڪئي جن کي سنياس ڌارڻ جي دور ۾ دٻائي ڇڏيو هئائين. ڌن دولت، نفساني خواهش جو سامان ۽ اختيار هوندي به هو ڪيترو عرصو اندر ۾ جوڳي ٿي رهيو، ماڻهن ۾ رلڻ ملڻ جي باوجود ماڻهن کان ويڳاڻو رهيو، ڪملا جا ڏاڍي زيرڪ ۽ ذهين هئي، سا هن جي انهيءَ حقيقت کي سهي ڪري وٺي هئي، تڏهن ٿي شايد هن سدارت کي اهي اکر چيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن گذرندا رهيا. حال، ماضي ۾ منتقل ٿيندو رهيو پر سڌارٿ وقت جي انهيءَ سفر ۽ رفتار تي ڌيان نه ڏنو. هن وٽ ڌن هو. پنهنجو، ذاتي مڪان هو، نوڪر چاڪر هئا، هن جا اڪيچار دوست هئا، ڪي هن کان قرض ۽ ڪي صلاحون وٺڻ ايندا هئا، پر انهن مڙني شين ۾ هن جي دل وري به پيچي نه پئي سگهي.

هاڻي سمجهو ته هڪ طرف هيءَ زندگي ۽ ان جا رنگ ڍنگ هن کي پاڻ ۾ جذب نه پيا ڪن ته ٻي طرف هن سنياس ڌاري جيڪي ڪجهه پرايو سو به هن کان وسرندو پيو وڃي. موجوده مانداڻ به هن کي پوري طرح نه پيو موهي ته ٻي طرف اهو اصل منڍ، جو ڪڏهن هن کي ويجهو اچي پهتو هو ۽ جنهن جا گيت هن جي ڪنن ۾ واڄٽ وڄندا هئا. سو الاهي نور هن کي هاڻي جهڪو پيو ڏسڻ ۾ اچي ۽ اهو ساز هن کي پٽڪي کان وڌيڪ نه پيو ٻڌجي. پر تڏهن به هن جي روح جي گهرائيءَ ۾ اهي وٿون موجود آهن جي هن برهمڻن جي صحبت مان، ويراڳين جي سٿ مان، مهاتما گوتم ٻڌ جي اپديشن مان ۽ پنهنجي ازلي اندر مان پرايون هيون. جيئن ڪنهن ڪنڀار جو چڪ تکو ڦري ڦري نيٺ رڪجڻ ۽ ڌيري ڌيري ڦرڻ لڳندو آهي، تيئن سڌارٿ جي روح ۾ به فڪر ۽ احساس جو چڪر هاڻي ڍرو هو. پر ڪنڀار جو چڪ نيٺ بيهي به ويندو آهي. هن جي اندر جي چڪر بيهڻ جي به نه پئي ڪئي ۽ هيڏانهن مايا جو چڪر به هن جي انداز ۾ ڦيرا پئي ڏئي، ڪڏهن بيهڻ جي ڪريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري تيز ٿو ٿئي، سڌارت ڏسو ته ڪڏهن هن چڪ کي پيو ڦيرائي ته ڪڏهن هن ڪي.

انهن چڪرن هن کي نت نئون ادراڪ ڏنو، نت نوان پيدا هن جي اکيان ظاهر ٿي پيا.

هو دنيا داريءَ جا سيئي رنگ ڍنگ پوري طرح سکي پڙ ٿي ويو هو. ماڻي ته هو گوشت کاڌڻ، شراب پيئڻ ۽ جوا کيڏڻ ۾ به استاد ٿي ويو هو. رهڻ سهڻ جا سڀ دنياوي طريقا ڄاڻي چڪو هو. پر ماڻهن ۾ چگن توڙي برن ماڻهن ۾ هيترو رلڻ ملڻ جي باوجود هو اڪثر پاڻ کي هنن کان الڳ محسوس ڪندو هو. الڳ، مگر سيني کان مٿانهون ۽ معزز. اهو به هڪ بزرگاڻو تڪبر هو. هو سيني سان محبت ۽ همدردي ڪندي به پاڻ کي سرس سمجهندو هو.

پر نيٺ اهو فخر به گهٽي حد تائين گهٽجي ويو. وري هڪ نئون ڦيرو—!!!

هن ۾ عام ماڻهن واريون ڪيتريون ئي خاصيتون پيدا ٿي پيون. عام ماڻهن وانگر دنياداريءَ جي ڪمن بابت فڪرمند رهڻ ۽ دنياداريءَ جي ڪمن ۾ پارن واريون حرڪتون ڪرڻ لڳو. وري ڦيرو به اهڙو جو جيئن جيئن رواجي ماڻهن جهڙو ٿيندو ويو، تيئن تيئن هنن سان حسد پڻ وڌندو ويس!

اهو ان ڪري جو هيتري حياتي خود فراموشي ۽ خودفنائي ۾ گذارڻ بعد اهو احساس وڃائي ويٺو هو ته زندگيءَ کي ڪا اهميت آهي، جڏهن ته عام ماڻهو زندگيءَ کي اهميت ڏيندڙ ۽ انهيءَ اهميت پٺاندڙ ئي روز مره جا عمل ڪندڙ هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌارت جي دل ۾ اير ڪا پيدا ٿي ته اها، ته هن جي ذهن ۾ زندگي جي اهميت جو احساس ڇو نٿو زور وٺي جو هو به دنياداري جي ڪمن ۾ پوري ۽ سچي خوشي محسوس ڪري. عام ماڻهو خوشيءَ توڙي غم جو لطف وٺن ٿا، دنيا سان، محبت ڪن ٿا ۽ دنيا جي محبت جو مزو ماڻين ٿا. هنن ڪي پنهنجي ذات سان محبت آهي، پنهنجن ٻارن سان پيار آهي، پنهنجي ناموس ۽ ڏن سان دل اٿن، پنهنجين سڌائن ۽ اميدن سان چاهه اٿن، هنن جون اهي معصوماڻيون خوشيون ۽ معصوميائيون مور ڪپايون آڏون ڇو نه سڪي سگهيس؟

”مون ڪي پوڻ سڪيو آهي، بيزار ٿي پوڻ سڪيو آهي پر هي ڇا آهي جو منهنجو ڪلڻ انهن ماڻهن جي ڪاڻ ڪان مختلف آهي؟ منهنجي ڇهري ٿان هي بزرگائي گنڀيرتا ڇو نٿي غائب ٿي وڃي؟ ڏن جي محبت ته منهنجي روح ڪي بيمار ڪري ڇڏيو آهي.“ اها بيزاري ۽ بيماري، جيئن پوءِ تيئن هن جي سچي شخصيت تي گهري ٿيندي وئي. جيئن ڪو ڪپڙو نيٺ پراڻو ٿي رنگ ڇڏڻ لڳندو آهي ۽ ڪمزور ٿي ويندو آهي تيئن هن جي سچي شخصيت به هٽڻ لڳي. هن جو چڻ جادو ٽٽڻ لڳو. هاڻي هن ڪي ڪراهت محسوس ٿيڻ لڳي. جيئن جيئن اندر آتما جو آواز جهڪو پوڻ لڳو تيئن تيئن هن ڪي روح ۾ بيزاري ۽ ڪراهت گهر ڪندي محسوس ٿي. وري ڏسو ته سڌارت ڏن دولت مال ملڪيت جي موه ۾ به جڪڙيو وڃي. مال ملڪيت جو سامان هاڻي ڪو هن لاءِ محض هڪ رانديڪن جوڙيو يا محض هڪ جوا ٿوروئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي! هائي هو جو اکيڏندو هوته محض وندر ڪاڻ نه بلڪ ناڻو ميڙڻ لاءِ. ڏاڍي انساه توڙي احتياط سان. هو ٻين لاءِ ڏاڍو ڏکيو ۽ خطرناڪ کيڏاري تي پيو، پر رکو ناڻو ڪمائي گڏ ڪرڻ لاءِ نه، بلڪ اهو ڏيکارڻ لاءِ ته دولت ڪي اهو ليکي ئي ڪونه ٿو. چي دولت سان نفرت ڪرڻ ۽ ان جو مذاق اڏائڻ جو انهيءَ کان وڌيڪ ڀيوڪڙوانداز ٿوئي سگهي ته ان کي جوا ۾ ڪتي پوءِ خرچي کپائي اڏائي ڇڏجي!

دولت سان انهيءَ ريت نفرت ڪندي هو پاڻ سان ئي نفرت ڪرڻ لڳندو هو، پاڻ تان ئي ڪلون ڪرڻ لڳندو هو. سو هو وڏيون وڏيون شرطون وڏا وڏا داءُ ڪٽندو هو، وري هارائيندو هو ۽ وري ڪٽيندو هو. ۽ انهيءَ هار ڪٽ جي وچ ۾ جا تجسس، انتظار ۽ فڪر جي وٺي هوندي هئي تنهن جو لطف ماڻيندو هو. انهيءَ لطف تي جا هن جي ڏات هري ته هو عام واپارين وانگر وڏا نفعا ڪمائڻ، قرضدارن کي زيربار ڪرڻ ۽ ڪاروبار کي تيزڪرڻ لڳو. هاڻي ڏسو تہ ڪيڏانهن وڃي فقيرن سان همدردي ۽ چاجو غريبن کي سو ڪڙيون ۽ سوغاتون ڏيڻ. چاجو حاجتمندن کي امدادون ڏيڻ. هاڻي ته رات جو به روپين جا خواب ڏسندو هو، ۽ جڏهن صبح جو اٿي آرسيءَ ۾ پنهنجي چهري تي نظرڪندو هو ته اتي هڪ ٽڪل ۽ ويـاڪل صورت ڏسڻ ۾ ايندي هئس، جنهن تان ڪروڌ ۾ پرجي هووري وچي وڏي جوا جي منڊليءَ ۾ ويهندو هو___ ڦڪائي ۽ ڪراهت کي وندرائڻ لاءِ. ۽ وري اڳي کان وڌيڪ ڪراهت ۽ وياڪلتا پرائي ايندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصي تائين هو جڳ جي ميدان ۾ انهيءَ عجيب ۽ چڪردار واٽ تي پٽڪندو رهيو جنهن جو رخ هميشھ هيٺائينءَ ڏانهن هوندو آهي.

هڪ رات هن کي هڪ گذريل ڳالهہ ياد آئي......

ڪملا جي انهيءَ ساٿي ستابي ڪنج جي هڪ وڻ هيٺان هن پنهنجي روح رهاڻ پئي ڪئي. ڪملا ڏاڍي سنجيده ٿي وئي آهي. هو ڳالهائي پئي جهڙي ڪر ٽڪل ۽ وياڪل. هوءَ سڌارٿ کي وري پئي چئي ته انهيءَ ڌرماتما گوتم ٻڌ بابت اچا ڪجهہ وڌيڪ ٻڌاءِ. اچا ٻڌاءِ هن جي روشنائين، سياويڪ چپن ۽ سانتيڪي گفتگو ۽ مريادا وارن مهانڌن بابت ڳالهہ اچا چٽي نہ ٿي آهي، وري بيان ڪر، وري بيان ڪر! سڌارٿ هن کي مهاتما جي شخصيت بابت طويل تفصيل ٻڌائي ٿو تہ هوءَ ڏڍو ساهہ کڻي چوي ٿي. ”هڪ ڏينهن، ۽ شايد جلدئي، آءٌ بہ مهاتما ٻڌ جي مريد ٿي وينديس. آءٌ پنهنجو هي آنند باغ هن جي ڀڪشوئن کي ڀيٽ ڪري سندس عقيدي ۾ وڃي پناهہ وٺنديس.“ ۽ پوءِ پيار وندڻ وقت هن کي ڪملا جي چهري تي ڪي اهڙيون ليڪون ڦهريون ڀيرو صاف ڏسڻ ۾ آيون جن هن کي اهو چتاءُ ڏئي ڇڏيو تہ ڪملا جي عمر هاڻي پوڻتي پوڻ واري آهي. هو پاڻ بہ جيتوڻيڪ چاليهن جي پيٽي ۾ هو ۽ اڪثر آرسيءَ ۾ پنهنجن وارن ۾ چانديءَ جون تارون ڏسندو هو. پر هن مهل تہ ڪملا جي چهري تي هڪ لکل ۽ غير محسوس خوف جي ڇايا هئي، زندگيءَ جي خزان، ٻڍاپي ۽ موت جي خوف جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ڏاڍي ڳري دل ڪٺي ڪملا کان موڪلائي موٽي آيو ۽ پنهنجي گهر اچي دير تائين شراب ۽ ناچڻين سان دل وندرائي جڏهن آڌيءَ کان پوءِ بستري تي ليٽيو ته نراسائي جي شدت کان روئي ڏنائين!

صبح تائين گهڻي ڪوشش جي باوجود هن کي ننڊ نه آئي، پر سج ايرڻ کان اڳ هن جي اک لڳي وئي ته هن هڪ خواب ڏٺو ـــ ته ڪملا وٽ جو هڪ سونو پڃرو هو جنهن ۾ هن هڪ اڇي رنگ جو پکي پالي رکيو هو، ۽ جو صبح جي وقت ڏاڍا مڌر گيت ۽ مٺڙيون ٻوليون ٻڌائيندو هو، سو پڃري ۾ بي سرت پيو آهي. هن اڳتي وڌي جاچي ڏٺو ته پکي مئل هو. هن پڃرو کولي پکيءَ کي پڃري کان ٻاهر ڪڍيو، ڪجهه وقت ان کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ان کي ٻاهر رستي تي ڦٽو ڪري ڇڏيائين ۽ ـــ اتي هن جي دل ۾ ڌڪائُ پيدا ٿيو، هن کي صاف محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ ته هن ان مئل پکيءَ سان گڏ هن پنهنجي اندر جي سموري نيڪي ۽ سموري مٺيان به ڪڍي ڦٽي ڪري ڇڏي آهي.

هي خواب مان جاڳيو ته هن جي دل غم جي بار کان ڳري هئي. هو سچ پچ اڄ ڪنهن گهري ننڊ مان سجاڳ ٿيو. سوچڻ لڳو ـــ مون ته سڄي زندگي مورڪن وانگر اجائي گذاري ڇڏي! مون کي ته ڪجهه به پلئه نه پيو ـــ نه ڪي هنر حاصل ٿيو. ڪنهن به ڪارائتي شيءِ کان منهنجا هٿ ته خالي آهن. آءٌ ته هڪ ويران ڪناري تي اٿيءَ مسافر وانگر بيٺو آهيان جنهن جو سڀڪجهه درياءَ ۾ غرق ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪو هجي—!

دل تي غم جا ڦهاڙ ڪٽي هو پنهنجي هڪ باغيچي ۾ هليو ويو، ۽ ان جو ڦاٽڪ بند ڪري هڪ انب جي وڻ هيٺان ويهي رهيو. دل تي موت جهڙو خوف ڇانئجي ويو. ائين ويٺي به هن ڀانيو پئي ته روح هن جي جسم کان موڪلائڻ وارو آهي. پنهنجو سمورو ماضي هن جي ذهن جي پردي تي وري آيو آهي— ڪڏهن خوشي به ڏٺي اٿم؟ ها ڪيئي ڀيرا ٻالڪپڻ ۾ جڏهن ٻرهمڻ منهنجي ساراه ڪندا هئا، جڏهن بحث مباحثي ۾ يا پوتر ڪتابن جو پاٺ ڪندي آءٌ پنهنجي همجولين کان گوءِ کٽي ويندو هوس، توڙي بزرگن کي به بحث ۾ ماري ويندو هوس ۽ جڏهن اندر مان هي پيغام ٻڌندو هوس ته ”تو کي هڪ خاص واٽ وٺڻي آهي، ديوتا تنهنجي انتظار ۾ آهن“ ۽ پوءِ جڏهن معرفت جي واٽ تي اڄ ۽ اڳيرسان اڳتي وڌندو ٿي ويس ۽ هر دفعي اهو اشارو پئي مليم ته ”اڳا اڳتي اڳا اڳتي، تنهنجي واٽ نرالي آهي.“ تڏهن به سرهائي ماڻيندو هوس، ۽ پوءِ به جڏهن سنياسين جي سٿ ۾ شريڪ ٿيس ۽ پوءِ وري مهان ڌرماتما جو ديدار ڪيم، تڏهن به اهو آواز منهنجو ساٿي هو پر جڏهن کان انهيءَ مهان هستيءَ کان وڇڙيو آهيان وري ڪيتري عرصي کان اهو آواز نه ٻڌو اٿم. ۽ هن وقت تائين ڪيتري اوچائيءَ تي پهتو آهيان. منهنجي راهه ۾ ته سڄي ٿي سڃ لڳي پئي آهي وري ڪيترا سال انهيءَ ڀرپور اڃ اسات کان سواءِ، بي مقصد ڀٽڪندي بنا ڪنهن ڀرپور خوشيءَ جي گذري ويا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمولي عياشين تي پاڙي ويهي رهيس پرسچي روحاني خوشي
ڪٿي ماڻيم؟ اڪيون پوري عام ماڻهن جهڙيون خوشيون
ميڙڻ لاءِ سالن جا سال جاکوڙون ڪيم پر انهن عام ماڻهن
کان به وڏيڪ ڏک ميڙيم. عام ماڻهن جا مقصد ۽ ارادا پيا
۽ منهنجا پيا، هنن جا غم ۽ فڪر پنهنجا ۽ منهنجا غم ۽ فڪر
پنهنجا، منهنجي واٽ جدا هنن جي واٽ جدا. ۽ رهي ڪملا،
ڇا هوءَ اڄا به مون کي اوترو ئي چاهي ٿي؟ اڄا به منهنجي
اوتري ئي گهرج اٿس؟ ۽ ڇا مون کي به اڄا هن جي
اوتري گهرج آهي؟ ڇا اسان هڪ ٻي مقصد ۽ اڻ ڪٿ
راند نه پئي ڪيڏي؟ ته ڇا اهو سمورو کيل اڄا جاري رکڻ
گهرجي؟ زندگي انهيءَ کيل لاءِ وقف ڪري ڇڏجي؟ نه،
انهيءَ راند کي ئي سنسارچوندا آهن، اها راندڪجهه وقت لاءِ
ڪيڏي سگهجي ٿي، سدائين لاءِ نه ــ هو سمجهي ويو ته
راند هاڻي ختم آهي. ۽ هاڻي هو ان کي وڌيڪ جاري نه
رکي سگهندو. هن کي اندر ۾ ڪا شيءِ دم ٽوڙيندي محسوس
ٿي ۽ هو ڏڪي ويو ــ! هو سچو ڏينهن انهيءَ انب جي وڻ
هيٺان ويٺو سوچ ۽ يادن جي عميق ۾ ٻڏندو ۽ اڀرندو رهيو ــ
مون پنهنجي پيءُ کي، گووند ۽ پڻ مهاتما ٻڌ کي انهيءَ
ڪري ته نه ڇڏيو هو ته هتي اچي ڪامسوامي بنجي ويهي
رهان ــ! هتي مون کي مليو ڇا آهي؟ هي باغ، ۽ هي انبن
جو وڻ، بس! ڪهڙي نه احمقاڻي ڳالهه آهي! هن کي هڪ
ٻي شيءِ به اندر ۾ مرندي محسوس ٿي! هو اٿي کڙو ٿيو.
صبح کان پوءِ ڪجهه نه کاڌو پيتو هئائين ته بک جا چڪ
چڪڻ لڳس، تڏهن پنهنجو گهر، پنهنجو نرم گرم بسترو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح طرح جي ڪاٺن سان سجايل ميز ياد آيس، مگر هن پنهنجو روح پلي ورتو.

ساڳي رات هن انهيءَ سڄي سامان ۽ انهيءَ شهر کي الوداع ڪيو ۽ هڪ طرف اٿي هليو. ۽ وري انهيءَ شهر ڏانهن ڪڏهن به نه موٽيو.

ڪامرسوامي هن جي ڳولا ڪرائي پر عبث. البت ڪملا هن جي ذري به پڇا نه ڪئي. هن ڄاتو ٿي ته هو آخرڪار فقير منش آهي سو سدائين هتي نه رهندو. جڏهن هن سڌارت جي غائب ٿيڻ جي خبر ٻڌي ته اهو سونو پڃرو کولي انهيءَ اڇي رنگ جي پکيءَ کي ڪيڏي اڏائي ڇڏيائين. ڪيترو وقت انهيءَ پکيءَ کي آسمان ڏانهن اڏرندو ڏسندي رهي. پوءِ هن پنهنجي بنگلي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ ملاقاتين سان ملڻ ڇڏي ڏنائين.

ڪجهه عرصي کان پوءِ هن کي معلوم ٿيو ته هوءَ سڌارت جي ٻار جي ماءُ بڻجڻ واري آهي.

۴

انهيءَ شهر کان گهڻو پري، سڌارت هڪ ٻيلي ۾ ڀٽڪندو هڪ طرف وڃندو ويو. ان وقت هن جي ذهن ۾ فقط هي خيال پختو هو ته هن انهي شهر ۾ جا زندگي سالن تائين گذاري، جنهن مان هن کي آخرڪار فقط ڪراهت ۽ ۽ اگرائي جو سواد مليو، سا هاڻي گذري چڪي. راڳيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي جنهن کي هن خواب ۾ پڄري اندر مثل ڏٺــو، سو حقيقت ۾ سندس دل جي اندر ۾ پورو ٿي ويو، سنسار جو موهه هن جي روح رونءَ رونءَ ۾ واسو ڪري ويو هـو. جنهن جي نتيجي ۾ هن جي سڄي وجـود ۾ ماندڪائي، درگتي توڙي موت جو واسو هو ٻيو ڪجهه نه هو. دنيا وٽ انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو آهي ئي ڇا جو هاڻي هن کي موهي سگهي يا هن کي آئت ڏئي سگهي!

هاڻي هن جي دل ۾ مرڻ جي شديد آرزو جاڳي— من ڪنوڻ مون تي ڪري پوي. من ڪو شينهن اچي مون کي چيري ڦاڙي کائي ڇڏي. ڪو اهڙو زهر ملي وڃي جو ٻي ڇڏيان ۽ هر شيءِ کان غافل ۽ بي‌نياز ٿـي وڃان ۽ وري ڪڏهن سجاڳ نه ٿيان ـ! ڪهڙي غلاظت ڇڏي اٿم جنهن سان پنهنجي وجود کي گدلو نه ڪيو اٿم؟ ڪهڙي مور کپائي ۽ گناهه هوندو جو مون نه ڪيو هوندو؟ ڪهڙو داغ آهي جو پنهنجي روح تي نه لاتو اٿم؟ سڀني بڇڙاين جو ذميوار آءٌ پاڻ ئي ته آهيان. ته پوءِ باقي‌زنده رهي ڇا ڪريان؟ بس ساهه کڻڻ، کائڻ پيئڻ، وري بک لڳڻ وري کائڻ، سمهڻ ۽ جاڳڻ ڪاڻ؟ اهو سلسلو ڪيڏو نه بيزار ڪندڙ آهي؟

سڌارٿ هلندو هلندو نيٺ انهيءَ ساڳي نديءَ جي ڪپ تي اچي پهتو جنهن سان هن کي هڪ ٻيڙي واري پـار اڪاريو هو جڏهن هو مهاتما ٻڌ سان ملي آيل هو. نديءَ جي ڪپ تـي اچي هو بيهي رهيو. هاڻي اڳتي وڃـي ڇا ڪريان؟ ڇاجي ڪارڻ اڳتي وڃان؟ هاڻي ته زندگيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط اهوئي مقصد رهجي ويو آهي تہ زندگي ختم ٿي وڃي!
نديءَ جي ڪپ تي هڪ ناريل جو وڻ هو. سڌارٿ ان وڻ جي پير ۾ ويهي پنهنجي هڪ ٻانهن ان جي ٿڙ ۾ ورائي، جهڪي پاڻيءَ ۾ گهورڻ لڳو. پاڻيءَ ۾ نهاريندي نهاريندي هن نديءَ ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو.
منهنجي گندي وجود کي ختم ٿيڻ ٿي گهرجي. ڀلي مڇيون منهنجو ناپاڪ ماس کائي وڃن. ڀلي مانگر منهنجي آلسي جسم کي چيري ڦاڙي ڇڏين. ڀلي راڪاس منهنجي ناپاڪ بدن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏين. ديوتا، مون ٿان ڇٽون ڪن ۽ کلون اُڏائين. هن جي ڌڪار جهڙي حياتيءَ کي ختم ٿيڻ ٿي کپي—!
هن ڪي پاڻيءَ جي درسنيءَ ۾ پنهنجو چهرو بگڙيل ۽ بڇان جهڙو ڏسڻ ۾ آيو. هن انهيءَ مڪروه چهري تي ٿڪ اڇلائي ڦٽي ڪئي. وڻ ۾ ڦابو پيل ٻانهن کي ڍِوڌيڪ ڍرو ڪندو هو پاڻيءَ ڏانهن رڙهڻ لڳو. نيٺ ٻانهن وڻ جي ٿڙ مان ڇڏائي، مٿي پر ٽپو ڏيڻ جو پورو ارادو ڌاري هن هڪ طرف ور کاڌو. هاڻي هو موت جي اوڙاهہ تي جهڪڻ لڳو هو. اتي جو اتي هن کي پنهنجي روح جي هڪ پرانهين هنڌ ڌان پنهنجي بيزار ٿيل زندگيءَ جي ڪنهن ڏورانهين مفاصلي وٽان، هڪ آواز اٿندو محسوس ٿيو جو هن جي ارادي ۾ نہ هئڻ جي باوجود هن جي زبان مان خودبخود ادا ٿيڻ لڳو، هڪ اکر، فقط هڪ شبد ”هري اوم!“ جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سندس ڏي زبان مان بياختيار نڪرندڙ اکر سندس ڏي ڪنن تي پيو ته هن جو ستل روح جاڳي پيو. هن جي اندر آتما جاڳي پئي ته هن کي احساس ٿيڻ لڳو ته هو هڪ گناه جو ڪم ڪرڻ وارو آهي. هو اندر ۾ ڪنبڻ لڳو:... هي وري ڇا؟ آءُ ايترو بي خود، ايترو بتال ۽ ايترو سمجهه کان خالي ٿي ويو آهيان جو موت جي آغوش ۾ ٿو سڪون تلاش ڪريان؟ زندگي جي هيترن تجربن منهنجي ضمير کي ايترو نه ڇهيو جيترو هن هڪ لفظ مون کي نئين سوچ ڏني!

"هري اوم" جي لفظ .... هو بار بار انهيءَ شبد کي پنهنجي اندر ۾ ورجائڻ لڳو تان جو هن جو اندر اجري سجاڳ ٿي پيو، برهما هن جي وجود ۾ واسو ڪرڻ لڳي. برهما. زندگي جو اهو جزو، جو ڪڏهن فنا نه ٿيندو آهي.!

اهوئي اکر ورجائيندي ورجائيندي هو ڍرڪڻ لڳو ۽ ساڳي وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو، پوءِ سنئون سڌو ٿي وڻ جي پاڙن تي مٿو رکي ليٽي پيو ۽ کن پل ۾ هن کي ننڊ وڪوڙي وئي. ههڙي گهري ننڊ ۾ هو هن کان اڳي ڪڏهن نه ستو هو.!

ڪيترن ئي ڪلاڪن کان پوءِ جڏهن هو سجاڳ ٿيو ته هن کي لڳو ڄڻ ڪي ڏهاڪو سال ننڊ ڪري اٿيو آهي. ڄڻ اهوئي ياد نه رهيو اٿس ته هو ڪهڙي هنڌ آهي ۽ هت ڪيئن پهتو آهي. هو کن لاءِ نديءَ جي ڇولين جو مڌر آواز ٻڌڻ لڳو ۽ حيراني سان وڻن ٽڻن تي ۽ آسمان ۾ نظرون ڊوڙائڻ لڳو پر ٿوريئي دير ۾ ياد آيس ته ڪٿي آهي ۽ هتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن پهتو آهي. هن جي دل چيو ته جيڪر هت ئي رهي پوي. هن جي ماضيءَ جي اڳيان هڪ پردو اچي ويو. هاڻ هو دنيا کي وري نئين سر نئين نظر سان ڏسڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو ته هن جي انهيءَ ننڊ جي دوران هن جي رڳ رڳ ”هري اوم“ جو ذڪر ڪيو آهي. اوم هن جي وجود ۾ سمائجي ويو آهي — هيءَ ڪهڙي نه فرحت واري ننڊ هئي، جنهن منهنجي انگ انگ ۾ فرحت ڀري ڇڏي آهي! ڇڻ سمهي نه اٿيو آهيان، بلڪ هڪوار مري ٻيو جنم ورتو اٿم! مٿان سچ پچ پاڻيءَ ۾ غرق ٿي وري نئين سر جيئرو ٿيو آهيان!... نه هي نئون جنم ته نه آهي، هي ساڳيو سدارٿ آهي، پر اڳي کان گهڻو مختلف، گهڻو بدليل، گهڻو سجاڳ ۽ مطمئن.

سدارٿ اٿي سڌوئي بيٺو ته پنهنجي سامهون هڪ ويراڳي کي ڌيان گيان ۾ مشغول ڏٺائين. هن جو مٿو ڪوڙيل هو، ۽ بت تي پيلي رنگ جي ڪفني پيل هئس. هي ته گووند آهي! جنهن وچي مهاتما ٻڌ جي مهر ۽ محبت ۾ پناهه ورتي هئي! گووند جون اکيون بند هيون، هن جي عمر به چڙهي آئي هئي پر چهري تي اهائي مٺيا ۽ مريادا هئس. نيٺ هن اکيون کوليون ۽ هن کي سجاڳ ڏسي سرهو ٿيو. سدارٿ سمجهي ويو ته گووند هن کي سڃاتو اصل نه آهي. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته گووند اٿي هن جي ننڊ وارو سڄو عرصو ويٺو رهيو آهي.

”تون هت ڪيئن آئين؟“ سدارٿ سوال ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڄ ته ننڊ پيو ھڻين.“

”تون ننڊ پيو ھڻين.“ گووند جواب ڏنو.”ھيڙي جڳھ، تي بي خبر ٿي سمھي پوڻ چڱو نه آھي جتي جيت جڙا، جانور ۽ نانگ ۽ بلائون گھمنديون رھن ٿيون. اڻون مھاتما گوتم ٻڌ جو چيلو آھيان ۽ ياترا لاءِ نڪتل آھيان. توکي جو ھيڙي ناموزون ھنڌ تي ستو ڏٺم تہ پھرئين تہ توکي جاڳائڻ جي ڪيم، پر ڏٺم تہ توکي گھڻي ننڊ آھي، سو تنھنجي حفاظت جي خيال کان ھتي ويھي رھيس منھنجا ساٿي اڳتي نڪري ويا. پر ھتي ويٺي خود مون کي بہ گھيرت اچي ويو. خير ھاڻي مون کي اڳتي وڃڻو آھي.“

”تنھنجي ڏاڍي مھرباني نيڪ مرد. تو اڻڄ ۾ منھنجي رکشا ڪئي. ھاڻي ڀلي وڃي سائين سان مل.“

”چڱو الوداع—“

”الوداع گووند—!“

”ھان؟ سائين معاف ڪجان، توکي منھنجو نالو ڪيئن ٿو اچي؟“

سدارٿ کلي ڏنو ۽ ھن کي پنھنجو ساٿ ياد ڏياريائين.

”اڙي! تہ ڇا تون سدارٿ آھين؟ يار مون تہ توکي خبر ناھي ڇو سڃاتوئي ڪونہ. توکي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي دوست!“

”مون کي بہ ڏاڍي خوشي ٿي آھي. پر تون وڃين ڪيڏانھن پيو؟“

”اسان ويراڳين جو وري ڪھڙو ماڳ، سدائين پنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا پاڻڊيڙا هوندا آهيون. اڄ هتي ته سڀ، ڪنهن ٻئي هنڌ، اهوئي اسان جو ڌرم آهي، پر تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”آءٌ به تو وانگر رستي ۾ ئي آهيان دوست، آءٌ به تو وانگر ياترا لاءِ نڪتل آهيان.“

”پر يار تنهنجي پوشاڪ ته ويراڳين جهڙي ڪانهي. هي اوچا ڪپڙا، قيمتي بوٽ، سنواريل وار ـــــ!“

”پر آءٌ ڪٿي ٿو چوان ته آءٌ ڪو ويراڳي آهيان. مون ته ايترو چيو ته آءٌ بس پنڌ ڪندڙ آهيان.“

”پر ياتراتي ههڙا ويس پائي ته ڪو ورلي نڪتو هوندو!“

”پر اڄ ته تو ڏٺو نه دوست! ههڙي نالي ثوهه سان ياترا لاءِ نڪرندڙ هڪ ماڻهو ڪي. پڪ گهوندا! هي جي ظاهري ڏيک آهن، هي ڪپڙا لٽا ۽ بوٽ وغيره. سي سڀ عارضي آهن. فاني آهن. هي اسان جا جسم ۽ اسان جا وار پاڻ ئي فاني آهن، تون به سچ ٿو چوين. مون اميرن جهڙا ڪپڙا پاتا آهن ۽ ٺاهه ٺوهه به ڪيو اٿم سو ان ڪري جو آءٌ ڪي ڏينهن امير بڻجي رهيو آهيان ۽ ٺاهه ٺوهه وارن سان گڏ گهاريو اٿم.“

”۽ هاڻي ڇا آهين؟“

”اها مون کي به خبر نه آهي. بس ايتري ئي ڄاڻ اٿم جيتري ڏوکي آهي آءٌ به رستي ۾ ئي آهيان. ڪجهه وقت تائين آءٌ هڪ ڏنوان هئس، هاڻ ڪجهه به نه آهيان ۽ سڀاڻي ڇا هوندس سا خبر نه اٿم.“

”ته ڇا تون ڏن وڃائي ويٺو آهين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”آئون ڏن وچائي ويٺو آهيان يا ڏن مون کي وچائي ويٺو آهي اها پڪ ڪانهِ اٿم. جهڙي ظاهري ڏيک هوندا آهن ڏن جو ڦيٺو ڏاڍو تکو ڦرندو آهي. ڏس برهمڻ سڌارت ڪٿي آهي، جوڳي سڌارت ڪيڏانهن ويو. امير واپاري سڌارت جو ڇا ٿيو. عارضي شيءِ ته بس عارضي ئي آهي نه —“

گووند سڌارت کي ڪيتري دير تائين شڪ ۽ اچرج سان ڏسندو رهيو، پوءِ ادب سان هن جي اڳيان جهڪيو، جيئن ڪنهن وڏي مرتبي واري جي اڳيان جهڪبو آهي ۽ پوءِ پنهنجو رستو وٺي رهندو رهيو.

سڌارت هن کي ويندو ڏسندو ۽ مرڪندو رهيو. هن کي اڄ به گووند سان محبت هئي جو هن جو ننڍپڻ جو وفادار يار هو. ۽ هن وقت، جڏهن ته هوهڪ عجيب ننڊ سمهي اٿيو هو ۽ من ۾ هري اوم جو ورد ڪندڙ هو سو هوندئن ئي هر شيءِ کي محبت سان ئي ڏسي سگهيو ٿي، نه نفرت سان. هن وقت هن جي اندر ۾ هر شيءِ لاءِ آنند ڀريو پيار هو. شايد هن کان اڳ جو ملول رهندو هو، سو متان ان ڪري جو ڪنهن سان پيار ڪندڙ نه هو!.

سڌارت ٻن ڏينهن کان ڪجهه نه کاڌو هو. ۽ هاڻي هن ۾ بک پلڻ جي اها شڪتي ته نه رهي هئي، هاڻ هن کي احساس ٿيو ته هو جن شاندار ٽن تدبيرن صبر ۽ انتظار، بک پلڻ ۽ سوچڻ جي جتي ڪٿي هام هڻندو هو سي ٽئي هنر هن کان ڇڏائي ويا آهن. هو انهن مٿين کي رواجي نفسياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهش سان مٿي چڪو آهي، هاڻي هو ٻاڻ هڪ رواجي ماڻهو بڻجي چڪو آهي — هاڻي آءُ هڪ نئين تازي چانور ٻار وانگر هن ڌرتيءَ تي اڪيلو بيٺو آهيان. مون وٽ نڪو وڪر آهي، نڪا ڇاڻ آهي نڪو عام آهي، ۽ نه ئي اهو جوڀن اٿم، بلڪ وري هڪ ننڍي ٻار وانگر ابتدا ٿيو ڪريان. ها آئون موٽ ڪانئي رهيو آهيان. عجيب مقدر ڀرايو اٿم، ٻانيان ته پنهنجو ٻاڻ تي ٿهڪ ڏئي کلان. هن مورک سنسار تي کلان. ۽ هو ٻاڻ مرادو ٿهڪ ڏيڻ لڳو. پنهنجي سڄي حياتي هن جي اکين اڳيان ڪاليدا سڪوپ وانگر ڦرڻ لڳو.

اهي سڀ تجربا جي مون هيلتائين پرايا، سي انڪري ته پيهر هڪ معصوم ٻالڪ بڻجي وڃان، ته پوءِ اهو چڱوئي ٿيو. مون سان هيستائين جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، جيڪي ڪجهه ڪيو، مون سان جيڪي ڪجهه ٿيو سو يقيناً منهنجي لاءِ بهتر هو. هاڻي منهنجو نئون رستو ڪهڙو به چڪردار ۽ پيچدار هوندو آءُ ان تي هلندس ضرور. زندگيءَ جي مڙني آزمودن مان گذرڻ انسان لاءِ نهايت ضروري آهي. ڀهرين مون کي فقط اها ڇاڻ هئي ته دولت ۽ دنيا خساري جون ڳالهيون آهن ۽ هاڻي خود تجربو ڪري ڏٺم ته برابر ائين آهي. هاڻي انهيءَ حقيقت کان صرف منهنجي سمجهه ئي نه، بلڪ منهنجيون اکيون، منهنجي دل بلڪ منهنجو پيٽ به واقف ٿي چڪو آهي. چڱو ٿيو جو اهي تجربا ٿيم. چڱو جو هڪڙو پڪيڙو اندر مري ويو جو وري هڪ پيوپڪيڙو پتدا ٿي پيو جنهن وٽان رڳو خوشيءَ وشواس ۽ ٻي ڏڀائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي آهي.

هيترا ڏينهن برهمڻ ۽ جوڳيءَ جي حيثيت ۾ مون کي جو پنهنجي نفس سان، پنهنجي ذات سان هميشه جنگ جوٽڻي پئي، سو رڳو ان ڪري جو حد کان وڌيڪ مذهبي علم، حد کان وڌيڪ عبادت، ريتون رسمون، حد کان وڌيڪ نفس ڪشي ۽ حد کان وڌيڪ تپسيا حقيقت ۾ مون کي صحيح علم تائين پهچڻ ڏي نه پئي ڏنو. منهنجو نفس ته انهن تپسيائن ۽ علمن سبب اٽلو متڪبر ۽ هٺيلو ٿي ويو هو. هاڻي معلوم ٿيو ته عرفان ۽ دانائي حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو انهن مذهبي بکيڙن جي ضرورت نه هئي. نه ئي اهي شيون ڪنهن استاد وٽان ملنديون آهن. بلڪ ان لاءِ پنهنجو پاڻ کي دنيا جي بڇڙاين جي حوالي به ڪرڻو پوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ نفعي نقصان جي پروڙ ٿئي ٿي. تنهن ڪري مون کي دنياداري جي خسارن ۾ ايترو گهرو وڃڻو ٿي هو جو منهنجي اندر جو مغرور پروهت مري وڃي. اڄ ته آءٌ پنهنجو پاڻ سڄاڻڻ واري رستي تي آهيان....

اهي ويچار ڪندو وهندڙ نديءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. اڄ پهريون دفعو هيءَ ندي هن کي ڏاڍي پلي پئي لڳي. ان جو ڏيک ۽ پهڪندڙ پاڻي هن کي موهڻ لڳو. ڄڻ ندي هن کي ڪو خاص پيغام پهچائي رهي آهي. اهو ڪجهه پڌائڻ لڳي آهي، جنهن کان هو واقف نه هو ۽ جنهن سندس جي هن کي اڪير هئي، انتظار هو. سچ پچ ته بڇڙاين جو پتلو، ڏکل ۽ پوئتي پيل سڌارت واقعي انهيءَ نديءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غرق ٿي چڪو هو. ۽ هاڻي هڪ نئون سدارت انهيءَ نديءَ لاءِ محبت ڏاريو پيٺو هو. هن فيصلو ڪيو ته هو هن نديءَ کان جدا نه ٿيندو.

۵

سدارت، نديءَ ٽوڙي ساڳي ملاح سان محبت جو ناتو رکڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو، جنهن هن کي هتان انهيءَ نئين سفر تي روانو ڪيو هو، جو هڪ مهان تجربو بڻجي هاڻي ختم ٿي چڪو هو. پنهنجي اندر مان هن هي سنديس بار بار ٻڌو:

”هن نديءَ سان محبت رک، ان سان محبت ڏار ۽ ان کان علم سک.“

هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته جنهن به هن نديءَ جي زبان سمجهي، پيغام سمجهيو، ان جا ڀيد سمجهيا. تنهن ڇڻ گهڻو ڪجهه بلڪ سيڪجهه سکيو. البت اڄ هن کي نديءَ جي پنڊار مان جو پهريون سبق مليو سو هي هو ته: پاڻي سدائين هڪ طرف منهن ڪري پيو وهي، ازل کان پيو وهي مگر ندي اتي جا اتي آهي! ساڳي جا ساڳي آهي، البت هر دفعي نت نوان ڏيک ڏيکاري ٿي. انهيءَ پهرئين سبق ڏي هن جي روح کي سوگهو ڪري ورتو.

هاڻي هن کان بڪ برداشت نه پئي ٿي. هو پتڻ تي هايو آيو. ملاح پنهنجي پيڙيءَ ۾ موجود هو. سدارت هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄاڻو، هو پڻ پيدائش جي ڏينهن ۾ قدم رکي چڪو هو.

”مون کي دريا پار پهچائيندين؟“ سڌارٿ هن کان سوال ڪيو. ملاح هڪڙي ظاهري ڏاهه ڏوهه واري ماڻهوءَ کي پيرين پيادو ڏسي حيران ٿيو. بهرحال هن کي پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري ونجهه هلائڻ لڳو. سڌارٿ وري گفتگو ڪئي:

”ڏاڍي شان واري آهي زندگي تنهنجي، هڙي سهڻي نديءَ ۾ رهڻ ۽ ان ۾ روزانو سفر ڪرڻ ڪيڏي نه سرهائي جي ڳالهه آهي —!“

وانجهيءَ مرڪي جواب ڏنو ۽ هوريان هوريان ونجهه هلائيندو رهيو، چوڻ لڳو: ”هائو سائين منهنجي زندگي برابر سهڻي آهي، پر هر زندگي سهڻي نه هوندي آهي ڇا؟ هر ڪم سهڻو نه هوندو آهي ڇا؟“

”ٿي سگهي ٿو، پر مونکي ته تنهنجي زندگيءَ تي رشڪ ٿو اچي.“

”خير جلدئي اوهان جو اهو رشڪ ختم ٿي ويندو. اوهين ڏاهه ڏوهه وارا ماڻهو آهيو.“ ملاح چيو.

سڌارٿ کلي چيو: ”ٿوري دير اڳ به آءٌ اهڙي شڪ جي نظر جو شڪار ٿي چڪو آهيان. هي ڪپڙا منهنجي لاءِ وبال بنجي چڪا آهن. جي هي ڪپڙا تو کي ڏئي ڇڏيان ته تون قبول ڪندين؟ مون وٽ تو کي ڀاڙو ڏيڻ لاءِ هونئن به پئسا نه آهن.“

”اوهين چرچو پيا ڪريو سائين.“

”چرچو نه پيو ڪريان اشراف. تو هڪ ڀيرو اڳ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي بنا پاڙي جي دريا پار پهچايو آهي. اچ پاڙي طور هي ڪپڙا قبول ڪر."

"۽ سائينجن اگهاڙا ٿي گذاريندا؟"

"آءٌ ته پار وڃڻ ٿي نه چاهيندس. بلڪ آئون چاهيان ٿو ته مون کي پنهنجا قاتل ڪي پراڻا ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏي ۽ مون کي پاڻ وٽ مددگار ڪري رک، يا پلا پنهنجو شاگرد ڪري رک ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ ٻيڙيءَ جي سنڀال ڪري سگهان."

ملاح هن کي غور سان ڏٺو، هاڻي هن کي سڃاڻي ورتو هئائين:

"مون توکي سڃاتو جوان، هڪ ڀيرو اڳ به تون منهنجو مهمان رهي چڪو آهين. تنهن ڳالهه کي شايد ويهه ورهيه گذري ويا آهن، يا الائي گهڻو عرصو گذريو آهي، البت تڏهن ته تون هڪ جوڳيءَ جي روپ ۾ هئين، تنهنجو نالو به وسري ويو اٿم."

"منهنجو نالو سڌارٿ آهي ۽ برابر آءٌ تڏهن جوڳي هئس."

"ڀلي ڀلي آئين سڌارٿ، منهنجو نالو واسديو آهي. اميد اٿم ته هلي منهنجو مهمان ٿيندين ۽ مون کي ٻڌائيندين ته ڪٿان پيو اچين ۽ هن عمدي لباس مان بيزار ڇو ٿيو آهين."

سڌارٿ کي ياد آيو ته اڳين ملاقات ۾ به هو هن ملاح جي شخصيت کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. واسديو هن کي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀونگيءَ ۾ وٺي آيو، ۽ هن کي ماني ۽ انب کارايائين. سڌارت ڏاڍي چاهه ۽ خوشيءَ سان کائي ڍؤ ڪيو. رات ٿي ته هو ٻئي نديءَ جي ڪناري هڪڙي وڻ جي ٿڙ تي اچي ويٺا. سڌارت هن کي اول کان آخر تائين پنهنجي ڪهاڻي پيراتي ڪري ٻڌائي. واسديو ڏاڍي ڌيان سان هن جي ڪهاڻي ٻڌندو رهيو تان جو رات وهامي وئي.

”تڏهن پاڻيان تـو ته درياهه شـاهه توسان ڪلام ڪيو آهي.“ واسديو سڌارت کي خاموش ٿيندو ڏسي چيو. ”درياهه شاهه تو تي به مهربان آهي جو توسان بـه ڳالهايو اٿس، خير اها تـه سٺي ڳالهه. ٿي تون مون سـان ٿي رهي پئه دوست، جڏهن کان منهنجي زال گذاري وئي آهي، آءٌ هڪ طويل عرصو اڪيلو رهيو آهيان تون هتي ٿي رهي پئه، پاڻ ٻنهي جي کاڌي ۽ اجهي جي گنجائش آهي.“

”تنهنجي ڏاڍي مهرباني دوست آئون ان لاءِ به تنهنجو ٿورائتو آهيان، جـو تـو منهنجي لمبي ڪهاڻي ڌيرج سان ٻڌي، ڌيرج سان ڪنهن جـي ڳالهه ٻڌڻ جـي اها خاصيت مون ٻي ڪنهن ۾ نه ڏٺي. آئون هتي ٿي رهندس ۽ تو کان اهو گر به سکندس.“

”تون سکندين دوست، پر مون کان نه، بلڪ هن نديءَ کان، جنهن مون کي به ٻڌڻ سيکاريو آهي. هن نديءَ وٽ اهو سڀڪجهه آهي جيڪي ڪجهه ڪوئي سکڻ چاهي. هن نديءَ ته تـوکي هيٺاهين ۾ وڃي حقيقتون معلوم ڪرڻ جي سکيا ڏني، پاتال ۾ پيهي حقيقت پسڻ جـي سکيا، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن بعد توکي شاهوڪاري ۽ جو گهڻو چڙدي ملاح بنجڻ
جي سکيا ملي. تون هن کان اچا به گهڻو ڪجهه سکندين
دوست.“

”اچا به وڌيڪ چا؟“

”اهو توکي پاڻ ئي معلوم ٿيندو، ھاڻي دير ٿي وئي
آهي اٿ ته هلون.“

سڌارٿ ملاح سان رهي پيو ۽ ٻيڙيءَ سنڀالڻ جو ڪم
سکي ورتائين. جڏهن ٻيڙيءَ تي ڪو ڪم نه هوندو هو ته
هو ملاح سان گڏجي جانورن جي کيت ۾ وڃي ڪم ڪندو
هو. ڪاٺيون ميڙيندو هو ۽ ڪيلن جي باغ مان ميوو پٽي
ايندو هو. هن ٿوڪرين ٺاهڻ جو هنر به سکي ورتو. هرطرح
جو ڪم ڪندي هن کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿيندي هئي.
جيڪا به نئين ڳالهه ذهن ۾ ايندي هئس، تنهن کي خوشيءَ
سان دل سان هنڊائيندو هو. تان جو ڏينهن مهينن ۾ بدلجي
ويا. پر هن واسديو کان وڌيڪ نديءَ مان سکيا پرائي. ڏاڍي
خاموشيءَ سان، گهري دل سان، کلي چاتيءَ سان، صبر سان
ڪنهن جي ڳالهه ٻڌڻ، ڪنهن جوش جذبي جو، خواهش
جو توڙي ڪنهن فيصلي جو اظهار کان سواءِ علم وٺڻ جو
اهو سبق هو انهيءَ ندي کان سکيو.

واسديو سان هن جا ڏينهن ڏاڍا آنند ۾ پئي گذريا.
واسديو ڳالهائيندو گهٽ گهٽ ۽ ٻڌندو گهڻو وڌيڪ هو.
هڪ دفعي هن واسديو کان پڇيو.

”تو اهو به نديءَ کان ئي سکيو آهي چا ته دنيا ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”زماني“ نالي جي ڪا شئي آهي ئي ڪانه؟“
”ها دوست“ واسديو مرڪي جواب ڏنو. ”ڏس، هن نديءَ جو نڪو ماضي آهي نڪو مستقبل. هيءَ ندي ساڳي ئي وقت پنهنجي منڍ تي به موجود آهي ۽ چوڙ تي به، جبل تي به آهي ته سمنڊ تي به. پيڙيءَ جي هيٺان به آهي ته چولين جي صورت ۾ ان جي ٻين طرفن به. جتي ڪٿي اها هڪڙي ندي آهي، ”آهي“ جو سوال آهي، هئي يا هوندي جي ڳالهه ڪانهي. تنهنجو شايد اهو مطلب آهي؟“
”ها واسديو. آءٌ به اهو سمجهان ٿو ته ماضي يا مستقبل ڪا شيءِ ناهي، جيڪي ڪجهه آهي سو حال آهي، منهنجي گذريل زندگي به حال آهي ۽ ايندڙ زندگي ۾ به. زندگيءَ جون اهي منزلون، پاڻ جي وچ ۾ اڇڻ سان ٿيون ورهائجن ڪنهن حقيقي شئي سان نه، نه ڪجهه هو نه ڪجهه ٿيندو بس حال ئي سڀڪجهه آهي.“
اها حقيقت پروڙي به سڌارٿ ڏاڍو سرهو پئي ٿيو— تنهن جي معنيٰ ته مڙئي دک سور، مڙئي تپشائون، مڙئي خوف ۽ انديشيا، زماني جي اندر آهن. وقت تي قابو پائجي ته اهي مڙئي مصيبتون قابوءَ ۾ اچي وڃن—! وقت يا زمانو زائل ڪري ڇڏجي ته اهي سڀئي سور به جيڪر زائل ٿي وڃن.!
سڌارٿ جا اهي خيال ٻڌي واسديو فقط مرڪي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.
۽ هڪ دفعي جڏهن نديءَ ۾ چاڙهه هو ۽ ان پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گجگوڙ جا آواز نڪتا ته سدارٿ وري واسديو کي چيڙيو.
"ڇا اهو صحيح نه آهي ته نديءَ جي اندر ۾ اڪيچار آواز لڪل آهن، ندي ڳالهائي ٿي. ڪڏهن بادشاه وانگر، ڪڏهن جيالي سپاهيءَ وانگر، ڪڏهن ڏاند وانگر ته ڪڏهن بلبل وانگر، ڪڏهن گرڀڻ عورت وانگر ته ڪڏهن ڪنهن ڏکي مرد وانگر ڳالهائي ٿي، ۽ پيا به ڪيترا آواز اٿس؟!"
"برابر نديءَ جي آواز ۾ مڙني جاندارن جا آواز موجود آهن."
"۽ جڏهن ڪو ماڻهو ان جا هزارين آواز هڪ ئي وقت ۾ سڻائي ۽ سمجهي ٿو ونئي ته پوءِ ان مان ڪهڙو آواز ٿو نڪري؟"
واسديو مرڪي هن جي پني ٺيري ۽ ڪو جواب نه ڏنو ته به سدارٿ جي ڪنن سان اوم جو اکر ٽڪريو.
وقت گذرندو ويو ۽ سدارٿ ۾ به واسديو جي شخصيت جهڙي بزرگي جهلڪا ڏيڻ لڳي. سدائين خوش، سدائين ٻار وانگر مرڪندڙ، سدائين سنجيدو ۽ چهري تي سدائين نور جو واسو، اتي جو اتي پڌرو ۽ اتي جو اتي ٻار — ! اڪثر شام جي وقت هو گڏ ويهي نديءَ جا آواز ٻڌندا هئا. جنهن مان رڳو پاڻيءَ جي چلڪي جو آواز نه ايندو هو بلڪ ان ۾ زندگيءَ جي هستيءَ جي ۽ هئڻ جي صدا هوندي هئي. ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو نديءَ جي آوازن تي خاموشيءَ سان ڪن ڏئي ٻڌڻ مهل ٻنهي جي دلين ۾ ڪا ساڳي ئي ڳالهه اچي ويندي هئي ۽ هو ٻئي هڪبئي ڏانهن ساڳي وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهارڻ ۽ مرڪڻ لڳندا هئا، جڻ پنهي اندر ئي اندر ۾ ڪو هڪڙو سوال ڪيو آهي، ۽ پنهي کي هڪڙوئي جواب ڏنو ويو آهي.

ڪيترائي مسافر هنن جي شخصيتن کان متاثر ٿي هنن وٽ روح رهاڻ لاءِ ويهي رهندا هئا، هنن سان زماني جا ڏک سور سليندا هئا، هنن کان ڇوٽڪاري جو رستو پڇندا هئا. ڪيترا ماڻهو هنن جي دانائي جي هاڪ ٻڌي هنن وٽ کيي ايندا هئا. ڪي وري هنن جي ڪرامتن جا غلط قصا ٻڌي هنن کان ڪجهه حاصل ڪرڻ ايندا هئا، ۽ ناڪام موٽي ويندا هئا.

سال گذري ويا، هي ٻه بزرگ پنهنجي ٿان تائين محدود رهيا.

هڪ ڏينهن معلوم ٿيو ته مهاتما گوتم ٻڌ سخت عليل ٿي چڪو آهي ۽ شايد جلد مڪتي ساڻڻ وارو آهي. اها خبر ڪا هنڌين ماڳين ٻکڙجي وئي هئي. ٻڌمت جا الائي ڪيترا پيرو ڪٿان جو ڪٿان کهي پئي آيا ۽ مهاتما جي آشرم ڏانهن روانا ٿيندا پئي ويا. ڪي اڪيلا، ڪي ٽولن ۾، ڪي پنڌ، ڪي سوارين ۾، ڪن هتي اچي ٻيڙيءَ رستي درياءَ پار ڪيو. جيئن ڪي مختلف لشڪر اچي هڪ هنڌ گڏ ٿين ٿا يا ڪنهن بادشاهه جي تاج پوشي ٿيڻي هجي. ڄڻ ڪو مقناطيس هو جو سڀني کي ڇڪيندو ٿي آيو. سڀني جو رخ اهوئي مهاتما ٻڌ جي آشرم ڏانهن هو.

سڌارٿ به اها خبر ٻڌي ڏاڍو دلگير ۽ فڪرمند ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاتما ٻڌ جي لاءِ هن جي دل ۾ وڏي جاءِ هئي. وڏي محبت هئي. احترام هو. ڪيتري عرصي تائين مهاتما جي شخصيت ۽ گفتگو هن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل رهي هئي پر هن وقت به سڌارٿ جي ذهن تي پنهنجو اهو عزم اڃا پختو هو ته انسان پاڻ جستجو ڪري پاڻ مان ئي سکي سگهي ٿو ڪنهن ٻئي استاد کان نه. ان ڪري هو هيتري محبت ۽ فڪر ڏاريندي به مهاتما جي آشرم تي حاضر ٿيڻ لاءِ پاڻ کي مجبور نه ڪري سگهيو، ۽ هڪڙي ڏينهن ميڙن جا موڙ ڪري مهاتما ٻڌ جي ياترا لاءِ ويندڙ مسافرن ۾ ڪملا به شامل هئي، جا ڪڏهن سڌارٿ جي محبت هئي، جا ڪڏهن هڪ بي حد خوبصورت ۽ ناميارې وُشيا هئي. هن ڪڇ عرصي کان اهو ڪسب ڇڏي ڏنو هو. پنهنجا باغات ۽ جايون ٻڌ ڀڪشوئن لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هئائين ۽ پاڻ ٻڌمت جي پيرو بنجي وئي هئي. مهاتما ٻڌ جي مرگ الموت جي ڳالهه ٻڌي هوءَ به پنهنجي پٽ، جو سڌارٿ جي نشاني هو، کي ساڻ ڪري ياترا لاءِ نڪري پئي هئي.

ڪملا ۽ سندس نينگر نديءَ تائين پهتا ته ڇوڪرو ڪرڪڻ ۽ ڪنجهڻ لڳو. چي ٿڪجي پيو آهيان. هلو ته واپس هلون، مون کي طعام گهرجي، آرام گهرجي. ڇوڪرو هوئش به نٽر، رسئو ۽ سست هو ۽ سدائين پيو روئندو هو. ڪملا جي لاڏ هن کي هيڪاري بگاڙي ڇڏيو هو. هو سدائين پنهنجي ضد پوري ڪرڻ ۽ ماءُ جي چئي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ ڪملا سدائين هن جي مرضي به پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي هئي ۽ هن کي جهٽڪيندي به رهندي هئي. ڇوڪري کي اها کهڙي سڌ ته ماڻس هي اڻانگو سفر ڇــو اختيار ڪيو آهي؟ ڪنهن ڏرماتما جي مرڻ ويجهو ٽيڻ جي خبر پڌي هيتري بي اختيار ڇو ٿي آهي، جي هــو مري ٿو ته مري وڃي تنهن ۾ سندس ڇا؟

هي واسديو جي پٽڻ کي ذري گهٽ اچي ويجها پيا هئا جو ڇوڪري کٽي اها ضد پڌي. ڪملا پاڻ به ڪافي ٿڪل هئي. ڇوڪرو هڪ ڪيوڙو ڪاڻڻ ۾ رڌيي ويو ته هوءَ پاڻ هڪ وڻ جي ٿڙ سان ٽيڪ هئي ويهي رهي ۽ اکيون پوري ساهي وٺڻ لڳي. پر ٿوري ئي دير ۾ سور ڪان دانهن ڪري اٿي ويٺي. ڇوڪري حيران ٿي هن ڏانهن نهاريو ته هن کي خوف ۽ سور ڪان پيلو پوندو ڏٺائين. هڪ نانگ ڪملا کي ڏنگي وڌو. هو ڇوڪري کي ساڻ ڪري تڪڙي تڪڙي واسديو جي پنگيءَ ڏانهن ڊوڙي ته من اتي ڪا مدد ملي. پٽڻ تي پهچندي ئي هوءَ ساٽي ٿي ڪري پئي. ڇوڪرو روئڻ ۽ مدد لاءِ پڪارڻ لڳو. ڪملا خود به مدد لاءِ دانهون ڪرڻ لڳي.

واسديو جو پٽڻ تي بيٺو هو، رڙيون پڌي ڊوڙندو آيو ۽ هڪدم ڪملا کي ٻانهن تي ڪري پنهنجي پونگيءَ ۾ کٽي آيو. سڌارٿ پونگيءَ ۾ اڳ موجود هو ۽ چاهه دکائڻ ۾ مصروف هو. هن جي نظر ڀرين ڇوڪري تي پئي ته جڻ ڪجهه ياد آيس. تنهن بعد جو ڪملا تي نظر پيس ته هن کي هڪدم سڃاڻي ورتائين. تڏهن هن کي پڪ ٿي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڇوڪرو سندس ئي پٽ آهي. جنهن جو چهرو ڇڻ ڏنل واڱڻل لڳو ۽ جنهن کي ڏسي هن جي دل ڪجهہ ڇڪي ڪاڏي هئي.

ڪملا جو سڄو بدن سڄي پيو هو. هن ڪان جيترو قدر ٿي سگهيو حيلا هلايائون. ڪملا هوش ۾ آئي تہ هن سڏارت کي، جو ڪڏهن سندس محبوب هو، پنهنجي مٿان جهڪيل ڏٺو. هن پهرين پنهنجي پٽ جي پڇا ڪئي. سڏارت کيس تسلي ڏني تہ ڇوڪرو هتي ئي موجود آهي ۽ ٺيڪ ٺاڪ آهي. ڪملا مرڻينگ آواز ۾ چيو:

”ڏاڍو پوڙهي پئجي ويو آهين سڏارت، پر هن فقيري حالت ۾ گهٽ جوان پيو ڏسڻ ۾ اچين، هن ڇوڪري کي سڃاڻين؟ هي تنهنجو ئي پٽ آهي....“

ڪملا جون اکيون وري پورجي ويون. ڇوڪرو روئڻ لڳو. سڏارت ڇوڪري کي وٺي پنهنجي سٿر تي ويهاريو ۽ هن جي مٿي کي ٿپرڻ لڳو. هن کي ننڍي هوندي جي پڙدل هڪ لولي ياد آئي جا هو جهونگارڻ لڳو ۽ ڪن پل لاءِ هن ڀانيو ڄڻ هن جو ماضي ڪنهن پرانهين هنڌ تان هن کي سڏيندو هجي. ڇوڪرو ماٺ ٿي ويو ۽ سڏڪا ڀريندو ايمٿ ننڊ پئجي ويو. سڏارت هن کي کڻي واسديو جي بستري تي سمهاري ڇڏيو.

واسديو ان وقت چانور رڌڻ ۾ مشغول هو. سڏارت آهستگيءَ سان هن کي چيو:

”هيءَ تہ موڪلائڻ واري آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسديو هاڻوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. سدارت پاڻيو ته نانگ ڪملا کي نه پر ڪيس ڏنگيو آهي.

ڪملا ٿوري دير لاءِ وري هوش ۾ آئي. هن سدارت کي چيو.

”ڪيڏو نه بدلجي ويو آهين! شانتي ماڻيئه يا نه؟ مون کي ته شانتي ملڻ واري آهي.“

”ها ڪملا، ٿون سڪون حاصل ڪري چڪي آهين.“

ڪملا اڪير سان سدارت کي ڏسڻ لڳي. هوءَ مهاتما ٻڌ جي آخري ديدار لاءِ نڪتي هئي، پر ان کان اڳ مهاتما جي بجاءِ هن سدارت کي ڏٺو ۽ پاڻ موڪلائڻ واري هئي. هن سوچيو:— اهو به بهتر ٿيو، سدارت به ڌرماتما آهي. ڪملا کي وڌيڪ ڳالهائڻ جي مهلت نه ملي ۽ هوءَ موت جي گود ۾ هلي ويئي. سدارت هن جون اکيون پنهنجي هٿن سان ڍڪي ڇڏيون. هو ڪيترو ئي وقت ڪملا جي مرده جسم کي ڏسندو رهيو، اهي سڪا چپ جن کي ڪڏهن هن تازي ڪڪوربل انجير سان تشبيهه ڏني هئي، هي اٿيا وار، اهو ڪومايل ۽ پيلو چهرو، اهو بي سرت ۽ بي جان ٿڌو جسم، اهو سڀڪجهه، جنهن کي ڪڏهن هن پياري ۾ پياري شئي سمجهيو هو!

سدارت انهيءَ رات ڪجهه نه کاڌو. هو ٻئي ٻاهر هليا آيا. واسديو ليٽي پيو. پر سدارت سڄي رات ڀونگيءَ جي در وٽ ويهي گذاري. سج اڀرڻ ۾ هو جو واسديو جاڳيو ۽ سدارت کي ويٺو ڏٺائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون سچي رات نه ستو آهين.“

”نه- آئون ندي‌ءَ جا آواز ٻڌندو انهن مان مطلب ڪيندو رهيس.“

”تو هيءَ وڇوڙو ڏنو، پر تنهنجي ڇهري تي ذرو به ڏک ناهي.“

”آئون ڇو ڏکي ٿيان دوست، مون کي منهنجو پٽ جو ملي ويو.“

ڇوڪرو اجا ستو پيو هو جو هو ڪملا جي چڪيا تيار ڪري آيا.

ڪملا جو ڪريا ڪرم ٿي ويو ۽ ڇوڪري روئي‌رڙي ڪٿي ماٺ ڪئي. هو سچو ڏينهن اداس ۽ وياڪل رهيو ۽ سڌارٿ جي انهيءَ دلاسي ۽ پاڇوه تي غور ڪندو رهيو ته هو سندس پيءُ آهي.

سڌارٿ هن جي غم جو لحاظ ڪندي هن کي اڪيلو ڇڏي ڏنو هو. هن ڄاتو ٿي ته ڇوڪرو کيس پيءُ ڪري ڪڏهن نه ڀائيندو. جلدئي سڌارٿ کي معلوم ٿي ويو ته ڇوڪرو لاڏڪوڏ جو بگڙيل آهي. جلدي هري ڦري نه سگهندو. ستو ڪانئڻ ستو پهرڻ ۽ اميرن وانگر حڪم هلائڻ تي هريل آهي سو هن ويڳاڻي هنڌ تي ڪو جلدي هري مري سگهندو؟ تنهنڪري هن ڇوڪري تي ڪا سختي نه ڪئي بلڪ هن جو وڏ ۾ وڌ خيال ڪرڻ لڳو. هن جو خيال هو ته سندس محبت ۽ شفقت ٿوري وقت گذرڻ سان ڇوڪرو ليٺ هن جي ڇئي ۽ اثر ۾ اچي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪري جي ماڻ تي سڌارت شروع ۾ ته ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ پاڻ کي تونگر سمجهڻ لڳو هو. مگر جيئن جيئن هن جي بي ادبي، ڪاهلي ، نثرپائي ۽ غيرن وارو ورتاءُ ڏٺائين ۽ ويتر هن کي گهڻو زيان ڪندو ڏسي سڌارت محسوس ڪيو ته هي چوڪرو هن لاءِ خوشي ۽ سڪون نه بلڪ آزار بنجي آيو آهي، پر ان هوندي به هن جي دل ۾ پٽ لاءِ محبت ۾ ڪا ڪمي نه پيدا ٿي. هن اهو آزار به خوشيءَ سان سر تي سهسايو. رڳو پٽ جي محبت ۽ هن جي وٽس موجودگيءَ خاطر.

سڌارت جيئن ته گهڻو وقت پٽ وٽ پونگيءَ ۾ ڏيي ويٺو رهندو هو. تنهن ڪري ويچاري واسديو تي ڪم جو بار وڌي ويو. ڪن مهنن تائين سڌارت اها اميد ساريو صبر ڪندو رهيو ته من ڪو وقت اچي جو چوڪر کيس سندس محبت ۽ شفقت جو جواب مروت ۽ فرمانبرداري سان ڏئي. واسديو به خاموشيءَ ۽ صبر سان اهو سڄو لقاءُ ڏسندو رهيو.

هڪ ڏينهن جڏهن سڌارت چوڪري جي غلط رويي سبب گهڻو دلگير ٿيو ويٺو هو، تڏهن واسديو سڌارت کي ٻانهن کان وٺي اچي هڪ طرف ويهاريو ۽ هن سان پهريون ڀيرو انهيءَ موضوع تي ڳالهائڻ لڳو.

”يار معاف ڪجانءِ، آءٌ تو کي دوست سمجهي ٿو چوان. هي چوڪرو تنهنجي لاءِ پريشانيءَ جو سبب بنجي ويو آهي. هيءُ پکيڙو ته ڪنهن ٻي آکيري جو آهي. هن پنهنجو گهر گهاٽ ڪو تو وانگر نه نه ڇڏيو آهي. بلڪ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرضيءَ جي خلاف هتي اچڻو پيو اٿس. نديءَ مون کي چتاءُ ڏنو آهي ته پاڻي وچي پاڻيءَ سان ملندو آهي ۽ جواني وچي جوانيءَ سان ملندي. تنهنجو ڇوڪرو هتي ڪڏهن به خوش نه گذاري سگهندو."

سڌارت جي چهري تي ڏک جي پيڙهه هئي. هن چيو:
"آءٌ هن کي پاڻ کان ڌار به نٿو ڪري سگهان دوست! ڪجهه مهلت ڏي. آءٌ هن جي دل هٿ ڪرڻ لاءِ ڏاڍو پاڻ پيو پتوڙيان. آءٌ محبت ۽ صبر سان نيٺ هن کي پنهنجو ڪري وٺندس. اميد اٿم ته هڪ ڏينهن هو به نديءَ جا آواز ٻڌندو ۽ سمجهندو. هن کي به سڏ ٿيو آهي."

"برابر سڌارت" واسديو ٻاجهه مان مرڪندي چيو:
"هن کي سڏ ٿيو آهي، پر توکي ۽ مون کي ڪهڙي خبر ته هن کي ڇالاءِ سڏيو ويو آهي؟ ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ سڏ مليو اٿس؟

دوست مون کي خبر آهي ته تون هن تي ڪا سختي نه پيو ڪرين، تون هن کي ڪا سيکت نه پيو ڏين ان ڪري جو تون سمجهين ٿو ته محبت ۽ نرمي سختيءَ کان وڌيڪ اثر ڪندڙ آهي. تون سمجهين پيو ته پاڻي پٿر کان وڌيڪ مضبوط آهي. تنهنجو اهو خيال ڏاڍو عمدو آهي. پر اهو ته ٻڌاءِ ته ڇا ائين ڪرڻ سان تون هن کي وڌيڪ بگاڙين نه پيو؟ هن کي هن هنڌ رهڻ تي مجبور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ تون مور ڪو هن کي سزا نه پيو ڏين ڇا؟"

"ته پوءِ ڇا ڪريان يار." سڌارت پريشان ٿيندي پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون هن کي هن جي دنيا ۾ واپس موڪلي ڏي جتي هو خوش گذاري سگهي.“

”مون انهيءَ سوال تي به اڪثر ويچاريو آهي، پر اتي وڃي ڇا هو وڌيڪ خراب نه ٿيندو؟“

”تون پنهنجي حالت تي غور ڪر، ڇا تو به هتي رهي، تپسيائون ڪري استادن کان سکيائون وٺي هيءَ حيثيت حاصل ڪئي آهي؟ تون ڀانئين ٿو ته هي ڇوڪرو به انهن مرحلن مان گذري سگهي پوندو؟ تو به ڪيترو عرصو پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذاري، تنهن ۾ تنهنجو پيءُ، تنهنجا استاد توکي اصل نه روڪي سگهيا. نيٺ تو پنهنجو رستو پاڻ بنايو ته پوءِ هي ڇوڪرو پنهنجي سکيا ۽ پنهنجي صحبت ۾ ڪيئن سڌرندو؟ تون هن لاءِ ڏهه دفعا مري وري جيئندين ته به هو اها راه نه وٺندو جا تون چاهين ٿو.“

واسديو ان کان اڳ ڪڏهن به ايترو نه ڳالهايو هو. سڌارٿ هن جي صلاح جو ٿورو مڃيو ۽ ڳري دل ڪئي پونگيءَ ۾ هليو آيو. سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ننڊ نه آيس. واسديو هن کي ڪا نئين ڳالهه نه ٻڌائي هئي. هو اڳ ئي انهن معاملن تي ويچاري چڪو هو. هو پاڻ گهڻو سمجهندڙ هو، پر ڇا ڪجي جو هن جي ڇوڪري لاءِ محبت هن جي سمجهه کان وڌيڪ قوت واري هئي. هن کي پٽ سان عشق هو بلڪ ان ڳالهه کان هميشه خوفزده رهندو هو ته متان هو ڪانئس جدا ٿي وڃي.

هي به سڌارٿ جي زندگيءَ جو هڪ نرالو پهلو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کان اڳ هن کنهن کي اهڙو ۽ ايترو نه چاهيو هو. کنهن لاءِ ايترو فڪرمند ته نه ٿيو هو. کنهن لاءِ ايترو دکي ۽ گڏوگڏ سرهو ته نه گذاريو هئائين. کنهن لاءِ ايترو مايوس ۽ گڏوگڏ آسوند ته نه رهيو هو—!

ڪملا هن کي هڪ پيرو چيو هو ته هو کنهن سان ڪامل محبت نٿو ڪري سگهي ۽ هن اهو مڃيو به هو پر هن وقت ته ائين نه هو.

—نه، آءٌ واسديو جي صلاح تي نه هلندس، ڇوڪري کي پاڻ کان پري نٿو ڪري سگهان. ڀلي هو مون تي حڪم هلائي. منهنجي نافرماني ڪري. آءٌ صبر ڪندس ۽ انتظار ڪندس.

سڌارٿ خاموشيءَ سان پنهنجي دل ۽ دماغ سان جنگ ڪندو رهيو. واسديو به صبر ۽ سانت سان سيڪجهه پئي ڏٺو ۽ سَٺو. صبر جا ته هو ٻئي هونئن به پختا هئا.

سڌارٿ سوچڻ لڳو ته هيءَ جا هن کي پٽ لاءِ هيڪاندي محبت آهي. سا به زندگيءَ جي هڪ ضرورت آهي. اها ڪا اجائي شيءِ نه آهي. اها انساني فطرت جي تقاضا آهي. انهيءَ کي مايا جو موه نٿو چئي سگهجي. تڏهن چئبو ته مون کي هن جذبي، هن درد هن مورکپائي جي تجربي مان به گذرڻو هو!

ڇوڪرو ساڳيءَ طرح بي پرواهي ۽ لاغرضائي ڪندو رهيو. پيءُ سان هن کي ڪو چاهه نه هو. نه ڪو هن کان خوف هوس. بلڪ هو سڌارٿ کي ستائيندو رهندو هو، هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تذليل ڪندو رهندو هو، سدارٿ جي بزرگي هن جي کهڙي ڪم جي هئي؟ هو ته سدارٿ جي انهيءَ نمرتا ۽ نهٺائي کان ويتر نفرت ڪرڻ ۽ چڙڻ لڳو هو. هن چاهيو ٿي ته سدارٿ ڪيس تنبيهه ڪري، هن کي لتاڙي. هڪ ڏينهن ته هو پيءُ سان کليو کلايو جهيڙو جوڻي بيٺو.

”مون کي ڪم نه ڇٺو آڏون ڪو تنهنجو نوڪر آهيان ڇا؟ تون مون کي ماري ته ڏس، اهڙي تو ۾ همت ڏي ڪانهي، ويتر تنهنجي اها پارٖوه ۽ شفقت مون لاءِ نسوري سزا آهي. تنهنجي نمرتا مون کي مورڳو هيٺو ڪري ڇڏيو آهي. تون پانئين ته آڏون تو جهڙو ٿيان. تنهن کان ته بهتر آهي ته چور، ڌاڙيل ۽ قاتل ٿيان. تون پلي منهنجي ماءُ جو محبوب هئين، هزار پيرا هئين، ته به تون منهنجو پيءُ نه آهين.“

ڪروڌ ۾ پرجي هن سدارٿ کي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ هڪ طرف جو هليو ويو ته رات جو دير سان موٽيو ۽ ٻي ڏينهن صبح جو هو ماڳهين واسديو جو الهه تلهه ٻهاري پڄي ويو. واسديو ۽ سدارٿ جو ٻاهر نڪري ڏسن ته ٻيڙي به غائب هئي، ٻيڙي نه ٻيءَ پر ڏسڻ ۾ آئي پر ڇوڪري جو ڪٿي پتو نه هو. سدارٿ دک ۽ پيڙا کان ماندو ٿي ويو.

”آءٌ ڇوڪري کي ڳولينڌس. متان ڪو نقصان رسيس. ٻار آهي. جهنگ ۾ پٽڪڻ سان ڪو ڇڏهو نه رسيس.“ هن واسديو کي چيو. ”اچ دوست، هڪڙو ترهو ٺاهي وٺون ۽ هلي ڇوڪري کي ڳوليون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نرهو ضرور ناهينداسين، پر چوڪري کي ڳولڻ لاءِ
نہ، هُن پار ڪان ٻيڙي آڻڻ لاءِ. دوست! هن کي ڇڏي ڏي
تہ هليو وڃي. هو اهڙو نڌيڙو بہ ڪونهي. هُو ضرور شهر
ڏانهن ويندو، ۽ اتي ئي هن کي وڃڻ بہ کپي. سڌارت ٻار،
تون انهيءَ ڳالهہ تي ٻيو روئين جنهن تي تو کي کلڻ کپي.
هو اهوئي تجربو تہ ماڻهو ورتو آهي. جو تو پاڻ هلي وڃي
هٿ ڪيو؟ ۽ پوءِ سڀڻي راهہ مليءَ. چوڪري بہ تہ اها تو
واري وات ورتي آهي.“
سڌارت واسديو جي ڳالهہ ٻڌي اٿ ٻڌي ڪري ڇڏي
۽ ڪهاڙي کڻي بانس وڍڻ لڳو. واسديو چپ چاپ هن جو
هٿ ونڊائڻ لڳو. نيٺ هنن بانس جو هڪ ترهو ناهي ورتو
۽ ان کي پاڻيءَ ۾ ڍاري اتي هليا.
واسديو اڳ ڳڻتي ڪري ڪهاڙي پاڻ سان کڻي جو پڪ
هئس تہ چوڪري ضرورخار ۾ اچي ٻيڙيءَ جا ونجهہ اڇلائي
ڇڏيا هوندا. برابر هُو بہ ائين ئـي. هو ٻيڙيءَ تي پهتا تہ
ونجهہ غائب هئا.
سڌارت واسديو کي ٻيڙيءَ تي ڇڏي ٻيلي ۾ نڪري
ويو ۽ چوڪري کـي ڳولي هٿ ڪرڻ لاءِ ڀٽڪڻ لڳو.
گهڻو رلڻ کان پوءِ هن کي پڪ ٿي وئي تہ هن جي جاکوڙ
اجائي آهي. چوڪرو هيستائين شهر پهچي چڪو هوندو.
هاڻي هن جي دل ۾ عجيب ڦيرو پيدا ٿيو. چوڪري
لاءِ هاڻ هن کي اها اون ۽ ڳڻتي نہ رهي تہ متان کيس ڪو
جهنگلي جانور نقصان نہ پهچائي. هن محسوس ڪيو تہ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ کي ڏسڻ جي سڪ اٿس جا هن کي ڪٿي بيهڻ نٿي ڏئي. هو ائين ئي ڪهندو ڪهندو نيٺ شهر وٽان اچي نڪتو. ڪملا جي شهر ۾ ـ اتي هـن محسوس ڪيو ته پٽ جي محبت جو جيڪو چاڪ هن جي دل ۾ آهي سو ڇٽڻ جي بدران چٽڻ لڳو آهي.

نرالا جذبا هن جي دل ۾ واسو ڪرڻ لڳا دک ۽ پيڙا، مايوسي، اميد، روشني، اونـده ـ! هو ويهي رهيو ڪجھ، پنهنجي اندر مان ڪا ڳالھ، ٻڌڻ جي آس، ڪجھ ٻاهران ڪجھ ملڻ جي اميد. هو غم جي تصوير بنيو ويٺو رهيو. ڪي فقير اچي اتان لنگهيا ۽ هـن کي به فقير سمجهي ٻه ڪيلا هن جي جهوليءَ ۾ وجهي رمندا رهيا. هن ڪنڌ کڻي نهاريو به ڪون.

ٿوري دير بعد ڪنهن اچي هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ته هو ڇرڪي پيو. هي واسديو هو جو ڪيس ڳوليندو هتي اچي پهتو هو.

واسديو جي اکين ۽ چهري جي گهنجن ۾ محبت ۽ گنڀيرتا واري مرڪ ۽ مهر ڏسي هن به مرڪي ڏنو. تڏهن هن اهي ٻه ڪيلا ڏٺا. هڪڙو کڻي واسديو کي ڏنائين ۽ هڪ پاڻ کائڻ لڳو. پوءِ واسديو سان گڏجي اتي هليو. ٻئي بنا ڪجھ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ساڳي واٽ وٺندا نيٺ پتڻ تي موٽي آيا. سڌارٿ پنهنجي بستري تي پڄي رهيو ۽ ننڊ وڪوڙي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦

سڏارت جي دل جو گهاءُ ڪيترو عرصو چڪندو رهيو. ڪڏهن ڪي اهڙا مسافر اچي هن جي پيڙيءَ ۾ چڙهندا هئا، جن سان پيار هوندا هئا ته سڏارت هنن کي ڏسي ايترڪا جي ٿڌي ٻاهه ۾ جلڻ ڪان پاڻ بچائي نه سگهندو هو.

— هي ڪهڙا نه خوش ۽ ڀاڳوان آهن! اهڙي خوشي منهنجي نصيب ۾ ڇو ناهي؟ بدڪارن ۽ چورن ۽ ڌاڙيلن وٽ به اولاد جي نعمت آهي. هو ٻارن کي پيار ڏين ٿا پيار وٺن ٿا، مون کي اها محبت نصيب ڇو نٿي ٿئي؟

هو وري عام ماڻهن وانگر سوچڻ لڳو هو. وري الائي ڇو هو عام ماڻهن کي پنهنجو شريڪ سمجهڻ لڳو هو. حقيقت هيءَ هئي ته هن جي من ۾ هي انقلاب اچي پرگهٽ ٿيو هو ته اهي دنياداريءَ جون تقاضائون يعني مال، اولاد، ڪمڪار روزمره جا نيم، اهي سڀ ڳالهيون به ڪي اجايون نه هيون تنهن ڪري هاڻي هن کي دنياداريءَ جي ڪمن ۾ مشغول ماڻهن سان اها نفرت به نه رهي هئي — ماڻهن ويچارن جو ڪهڙو ڏوه آهي. هو زنده رهڻ لاءِ اهي جاکوڙون ڪن ٿا، گهرجن ۽ ضرورتن پٽاندر ڪم ڪرڻ، زنده رهڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، ڏک سک سڀ گڏجي ميڙڻ وغيره اهي سڀ ته نيڪيءَ جون ڳالهيون آهن!

هو زندگيءَ جي وحدت ۽ ڪثرت جون ڳالهيون، اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلسفا اهي منطق نٿا چائن تہ مڙني خبر آهي. سيئي ته اهي نزاڪتون نہ سمجهندا. پلا اهي فلسفا، اهي پيڌ ۽ اسرار واقعي ڪو وزن بہ رکن ٿا؟ ڪهڙي خبر تہ اهي نزاڪتون ۽ معرفتون بہ مڙئي خام خيالي هجي؟ اهي مفڪر ۽ سياڻا بہ مٿان محض ٻارن واريون سوچون، ٻارن وارا ويچار ڏاريندا هجن جن جي ڪا اهميت ئي نہ هجي؟ عام رواجي ماڻهو کي انهن مفڪرن کان گهٽ آهن ڇا؟

هاڻي سڏارت سمجهڻ لڳو هو تہ اصل دانائي آهي ڪهڙي شيءِ، ۽ اهائي هن جي اصل منزل هئي جنهن لاءِ هن عيڏا پنڌ ڪيا هئا، يعني ڪائنات جي مڙني شين جي وحدت، ان جي لافاني ڪماليت جي ڄاڻ ۽ مڙني شين جوهڪبئي سان ملهل سلوڪ ۽ هم آهنگي. يعني اها ئي وحدت مان ڪثرت.

پر هي ڇا؟ جو ڦٽ وري اٿليو پوي ـــ!

۽ هڪ ڏينهن جو ڇاڪ ڇڪڻ لڳو تہ هو بيقابو ٿي ٻيڙي ڇڪي ونجهہ هٽي وجي انهيءَ وات ڏانئين پهتو جا شهر ڏانهن ويندي هئي. ۽ ٻيڙيءَ مان لهيپيو. دل ۾ ڇڪ، تہ وڃي ٿو پٽ سان ملان. نديءَ ۾ ڪا طغياني نہ هئي پر ان جا آواز اڄ عجب انداز سان پئي ٻڌڻ ۾ آيا ـــ هي ڇولين جي ڇپڪي مان ٿهڪن جا آواز ڇو پيا اچن؟ ندي مون تي کلي پئي. ڪاليا ٿهڪ پئي ڏي؟ سڏارت جهڪي پاڻيءَ ۾ نهارڻ ۽ آوازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، پاڻيءَ جي آرسيءَ ۾ هن کي پنهنجي بدران ڪنهن ٻي شخص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڪل ڏسڻ ۾ آئي!

—هي ڪير آهي؟ هي ته اهو شخص آهي جنهن کي آءٌ گهڻو اڳ وساري چڪو آهيان، جنهن سان ڪڏهن مون کي محبت هئي ۽ جنهن جو آئون ڏاڍو لحاظ به ڪندو هئس. جنهن کان ڊڄندو به هئس—.

هيءَ چهرو سندس برهمڻ پيءَ جو هو، هن کي اهو وقت ياد آيو جڏهن هو پيءُ سان ضد ڪري هن کي ڇڏي آيو هو ۽ وري وٽس نه وريو هو.

—منهنجي پيءَ به منهنجي جدائيءَ جا اهڙائي سورسٺا هوندا جهڙا آءٌ هن وقت پنهنجي پٽ جي جدائي جا پيو سهان. هو به ته منهنجي وڇوڙي جو درد کڻي دنيا مان موڪلائي ويو. ته هي مون کان حساب ورتو پيو وڃي! حساب برابرڪيو پيووڃي! هن زندگيءَ جي واقعات جوڪڙي ڪڙيءَ سان ملي هڪ ئي ڦيرو ڦرڻ، هي حالات جو ورجاءُ. ساڳي پڙ ۾ تسلسل ۽ ڳانڍاپو ڪيڏو نه عجيب ۽ چرچي جهڙو ڇهڇٽو آهي.!

نديءَ برابر ٿهڪ پئي ڏنا.

ها. اها ئي حقيقت هئي. هرڪنهن جو وارو اوس اچي ٿو. هو وري اچي پيڙيءَ ۾ ويٺو. پيءُ جو خيال، پٽ جو خيال، نديءَ جو مٺو ٿهڪ ڏيڻ — هن . جي دل جهرڻ لڳي، ۽ هن خود چاهيو ته پاڻ تي ۽ هن سڄي ڪائنات تي جيڪر وڏا ٿهڪ ڏئي کلي—ڦٽ اچا پيو چڪي. اچا صبر ۽ سڪون نه مليو آهي. اچا دردن تي قابو نه پائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيو آهيان. پر اجا اميد اٿم! مايوس نہ ٿيو آهيان ـــ .

سڏارت پونگيءَ ۾ واپس آيو تہ واسديو کي وڻو ڏٺائين جو هڪ ٽوڪري آڻي رهيو هو. واسديو کان هاڻي پيڙيءَ جو ڪم نہ پڄندو هو. نظر ڪمزور ٿي وئي هئس ۽ هٿن ۾ رعشو هئس، پر اکين ۾ اهائي سرهائي واري جوت ۽ منهن تي اهائي شانتي ۽ آسودگي واري مٺيان، پاڻ اگهي کان اگهري.

سڏارت جي دل چيو تہ هن مانيٺي بزرگ جي اڳيان اڄ وري پنهنجي دل کولي رکي. هو واسديو جــي پرسان ويهي رهيو ۽ دل جو حال اورڻ لڳو. هــو ڳالهائيندو اندر جي وارتا پڌائيندو رهيو ۽ واسديو صبر ۽ سانت سان ٻڌندو رهيو. هھڙي مانيٺي ۽ سانتيڪي ماڻهوءَ سان دل جو حال سلئ ان درد جو علاج ٿي تہ هو. هن کي انــدر جو ڦٽ ڏيکارڻ جو مطلب هو ان ڦٽ کي ندي‌ءَ جي پاڻيءَ ۾ ڌوئي ٺاري ڇڏڻ، تان جو ڦٽ ۽ پاڻي ملي هڪ ٿي وڃن!

سڏارت محسوس ڪيو تہ دل جي ڳالهين کي واسديو ائين ٿو ٻڌي جيئن ڪو وڻ برسات جي پاڻيءَ کي پاڻ ۾ جذب ڪري ـــ هي ماڻهو خــود هڪ اکنڊ ساگر آهي، خود خدا جو مظهر آهي. خود ابديت آهي. ديوتا آهي هن کان اڳ مون هن بابت ائين نہ محسوس ڪيو هو ـــ.

سڏارت ڳالهائي بس ڪئي تہ واسديو پيار ۽ پاپوہ جي مرڪ سان هن ڏانهن نظر ڪئي ۽ ڪجهہ ڪچڻ پچڻ بنان اٿي هن جو هٿ وٺي هن کي نديءَ جي ڪپ تي آڻي ويهاريو.

”تو اڄ نديءَ کي ٽهڪ ڏيندو ٻڌو دوست، پر تو سڀ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٻڌو جو ان تو کي چوڻ چاهيو. هاڻي اڄ تہ ويهي درياءَ شاهہ جو سنڌيس ٻڌن، اڄ تون گهٽوڻي ڪجهہ ٻڌندين.“

سڌارت پوري ڌيان سان سڄيت ٿي نديءَ جا آواز ٻڌڻ لڳو. هن نديءَ جي آئيني ۾ سڀ شڪليون ڏٺيون جيڪي هو زندگيءَ ۾ هيستائين ڏسي چڪو هو، پيءُ، گووند، پاڻ، پٽ، ڪملا ۽ ٻين جون صورتون نديءَ جي پاڻيءَ جو ئي انگ هيون. سڀ دکي، سڀ هڪڙي چڪر ۾ ڦرندڙ، سڀ هڪڙي ئي ماڳ ڏانهن هلندڙ، سڀ هڪڙي ئي ناتي ۾ جڪڙيل، سڀ هڪٻئي ۾ لپيٽيل ۽ پنهنجي پنڌ تي ـــ انهيءَ سڄي مانڊاڻ کي ئي تہ سنسار يا دنيا چئبو آهي. اهي طرح طرح جا آواز ڀانت ڀانت جا درد، قسم قسم جون آڪيرون ارمان اهي سڀ سرهاڻيون، اهي نيڪيون، اهي بديون، انهيءَ مڙني مجموعي کي تہ دنيا چئبو آهي، ۽ انهن شين جي حالات ۽ واقعات جي تسلسل کي زندگي، يا زندگيءَ جو سنگيت....

۽ جڏهن سڌارت انهن مڙني آوازن کي هڪ ڪري ٻڌو تہ هن جي من ۾ وري اهوئي هڪ اکر واسو ڪري ويو جو انهن مڙني آوازن جو مجموعو هو، ۽ جنهن هن کي ٻيهر هتي اچڻ تي شانتي ڏني هئي. ڏڍ ڏنو هو. سهارو ڏنو هو.

واسديو سڌارت جي من جي ڀاوَ کي پروڙي ويو ۽ اهائي نور ڀري مرڪ هن جي چهري جي گهنجن ۾ جهلڪا ڏيڻ لڳي. اها ئي مرڪ ساڳي وقت سڌارت جي منهن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ڀڪڙڻ لڳي. هن جو زخم ڀرجڻ لڳو. ميسارجڻ لڳو. هن جو درد دفع ٿيڻ لڳو ۽ هـن جي ذات، هن جي خودي، وحدت ۾ جذب ٿيڻ لڳي. ادراڪ جـو سڪون هن جي چهري تي ڀڪڻ لڳو ۽ هن جي مقدر سان جوٽيل جنگ ختم ٿيڻ لڳي. هن جي اندر ۾ خواهشن جـي چڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ ختم ٿيڻ لڳو، هن جو ذهن حالات جي ڏاري سان هم آهنگ ٿيڻ لڳو. زندگيءَ جي ڏارا ۽ حالات سان ناهه! ۽ هن پنهنجو پاڻ کي وحدت جي حقيقت جي سپرد ڪري ڇڏيو.

واسديو سڌارٿ جـو اهو تغير پروڙي ويو ۽ هن جي منهن تي ڪامل مرجاتا ڏسي اٿي کڙو ٿيو. هـن پيار سان سڌارٿ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو:

”مون کي هن ويل جوئي انتظار هو، ۽ هاڻي جڏهن ته اها ويل اچي چڪي آهي منهنجا دوستا! ته هاڻي منهنجي موڪلائي اٿئي. مون طويل عرصو ٻيڙيءَ وارو واسديو بڻجي گذاريو آهي، هاڻ جڏهن ته منهنجو ڪم پورو ٿيو، ته هاڻي نديءَ کي الوداع، ٻيڙيءَ کي ۽ ڪٽياکي الوداع ۽ سڌارٿ کي الوداع_!“

سڌارٿ واسديو جي اڳيان نمڙي چيو:

”مون کي معلوم هو، تون ٻنواس وڃندين؟“

”ها، آءٌ ٻن ۾ ويندس، آءٌ وحدت ڏانهن موٽي وڃندس.“

واسديو جو منهن نور سان ڀڪڻ لڳو.

۽ واسديو رمندو رهيو. سڌارٿ هـن کي ڏسندو رهيو. سڌارٿ سرهائي ۽ گنڀيرتا سان هن هستيءَ کي تڪيندو رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي وک وک ۾ اطمينان ۽ آسودگي هئي، جنهن جي منهن تي چانڊاڻ هئي. ۽ جنهن جو روپ سراپا نور هو.

٧

گووند ڪجھ عرصو بن ۾ ڀٽڪندو رهيو، مهاتما ٻڌ جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ من جي شانتي ۽ مڪتيءَ جي تلاش ڪندو رهيو ۽ پوءِ ڪجھ وقت وچيانهيءَ باغ ۾ گذاريائين جيڪو ڪملا ٻڌ ڀڪشوئن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. اتي هن اهو چوڀول ٻڌو ته نديءَ جي ڪپ تي هڪ هنڌ هڪ رشي پيدا ٿيو آهي، جو ظاهر ۾ ته هڪ معمولي ملاح آهي پر ونس معرفت جي مئي آهي ۽ جنهن وٽ ڪيترا ماڻهو اچي فيض پرائيندا آهن.

گووند، جو اجا ڪامل شانتي نه ماڻي سگهيو هو، سو هن رشيءَ جي درشن جو سانباهو ڪري اتي هليو ۽ جڏهن پتڻ تي پهتو ته وري به سڌارٿ کي سڄاڻي ڪان معذور رهجي ويو. سڌارٿ جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي هن ڪانئس سوال ڪيو:

”پير مردا! تون مسافرن تي، فقيرن تي ۽ جوڳين تي ڏاڍو مهربان ٿو ٿئين، هنن سان سهڻو سلوڪ ٿو ڪرين، ڇا تون به حق جو ڳولائو آهين؟“

سڌارٿ مرڪي جواب ڏنو. ”تون پاڻ کي به ڳولائو ٿو سمجھين ڇا پريا مڙس؟“

”آءٌ ته اجا ڳوليندي نه ٿڪو آهيان ۽ ڳوليندو رهندس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهوئي منهنجو مقدر ٿو ڀانئجي. پر سمجهان ٿـو ته، تو کي ڪجهه هڙ حاصل ضرور ٿيو آهي. ڇا مون کـي ڪجهه نه ٻڌائيندين؟"

"آئون انهيءَ ڪان وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهان ته تون انهيءَ ڳولا ۾ تمام گهڻو اڳتي نڪري ويـو آهين ۽ انهيءَ گهڻي ڳولا جو نتيجو هي نڪرندو جو منزل ڪڏهن به پائي نه سگهندين. جيترو گهڻو ڳوليندين اوترو گهڻو منزل کان پري رهندين."

"سو وري ڪيئن؟"

اهو هيئن، ته ڳولا جي ميدان ۾، انسان جي نگاه فقط پنهنجي منزل تي هوندي آهي. هو فقط پنهنجي انهيءَ منزل جي باري ۾ سوچيندو آهي ۽ نه ڪنهن ٻي حقيقت تي. هن جي ذهن تي فقط هن جي اها منزل سوار هوندي آهي. مراد جي ڳولا ٻي ڳالهه آهي ۽ ان جو پائڻ ٻي ڳالهه. مراد، برابر ڳولجي ٿي پر پائجي تي تڏهن جڏهن خيال کي هڪ طرف ڪري نه، بلڪ آزاد ڪري ان کي هر موجود شئي ۾جذب ڪجي. سو تون ڳولين ته پيو، پر انهيءَ ڳولا ۾ ائين هڪ طرفو وڃندو ٿو وڃين جو پنهنجي آسپاس جـي حقيقتن تي تنهنجي نظر ئي نٿي پڌي."

"بزرگـــــ، مون کي تنهنجي ڳالهه اڃا سمجهه ۾ نه آئي." گووالد چيو.

"ڪي سال اڳ تون هتي آيو هئين، هڪ ماڻهوءَ کي ستل ڏسي هن جـي رکشا خاطر هتي ويهي رهيو هئين، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي سچائي نہ سگھيو هئين گووند."

”هان! تہ ڇا تون سڌارت آهين؟“ گووند هيسيل آواز ۾ چيو ”يار آءٌ هن ڀيري بہ توکي سڃاڻي نہ سگهيس. سچ تہ توکي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي، يار ڏاڍو بدلجي ويو آهين. هاڻي ملاح بنجي ويو آهين ڇا."

سڌارت گرمجوشيءَ سان کليو پوءِ گ. وند کي پاڻ سان پنهنجي جھوپڙيءَ ۾ وٺي آيو. رات جو هڪ ٻئي سان خوب حال احوال اورياڻون. ٻئي ڏينهن گووند اٿي آسھڻ جي ڪئي. وچڻ کان اڳ هن سڌارت کان سوال ڪيو:

”انهيءَ کان اڳ جو آءٌ هليو وڃان، دوست، مون کي هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ. تو آخرڪار ڪهڙو متو، ڪهڙوعقيدو، ڪهڙو علم، حاصل ڪري ورتو آهي، جنهن تي تون قائم آهين ۽ جو توکي زنده رهڻ ۽ نيڪي ڪرڻ ۾ مددگار ٿو ٿئي؟"

سڌارت جواب ڏنو:

”دوست توکي تہ خبر آهي تہ جوانيءَ ۾ جڏهن سنياسين جي سٿ ۾ هوندو هوس تڏهن بہ عقيدن، متن ۽ انهن جي سکيا ۽ سبقن تي منهنجي دل نہ ڀڄندي هئي، هيستائين مون کي گهڻائي استاد مليا آهن. پر ڪنهنجي بہ ڳالهہ مون کي پورورنگي راس نہ ڪيو آهي. مون کي تہ هڪ خوبصورت وئشيا وٽان، هڪ وڏي واپاريءَ وٽان، وڏن جوارين وٽان توڙي تو جهڙي ٻڌ ڀڪشوءَ وٽان بہ گهڻائي سکيا جا سبق مليا، پر مون گهڻو ڪجھہ هن نديءَ کان سکيو آهي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسڌيو ڪان، جو ڪو وڏو مفڪر ڪونہ هو بلڪ هڪ سادو سلوڻو ماڻهو، بلڪ سچ پچ تہ هڪ وڏو رشي هو."

"پر پنهنجو پاڻ کان بہ تہ گهڻو ئي ڪجهہ سکيواٿئي. ڪجهہ انهيءَ ادراڪ مان چار ڪڻا مون کي بہ ڏي."

"برابر. مون ادراڪ پرايو آهي. خيال ۽ علم اڪثر منهنجي ذهن ۾ واسو ڪيو آهي، بلڪ اهڙيءَ طرح جيئن زندگي جسم ۾ واسو ڪندڙ آهي، پر توکي خبر ناهي تہ عقل ۽ سياڻپ هڪ انسان کان ٻئي انسان تائين پهچڻ واري شيءِ نہ آهن. جي ڪو ڏاهو ماڻهو پنهنجي ڏاهپ ٻئي تي ظاهر ڪرڻ يا هن جي ذهن ۾ اوتڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ اهو چڻ حماقت جو ڪم ٿو ڪري.

مون اڄ تائين اهو پيڊ پرايو آهي تہ علم ٻين تائين برابر پهچائي سگهجي ٿو پر عقل ۽ دانائي نہ.

انسان دانائيءَ کي تلاش ڪري سگهي ٿو، ان کي حاصل ڪري سگهي ٿو، ان پٽاندر زندگي گهاري سگهي ٿو، ان جي پناهہ ۽ امان ۾ رهي سگهي ٿو، ان جي ذريعي ڪرامتون ڏيکاري سگهي ٿو پر ان جو پرچار نٿو ڪري سگهي. ان کي ٻين جي ذهن ۾ منتقل نٿو ڪري سگهي. اهو آئون منهنجي ذهن ۾ جوانيءَ کان ئي پيدا ٿيل هو. تنهن ڪري آءٌ اڪثر استادن کان بيزار رهندو هئس.

آءٌ هڪ فيصلي تي پهتو آهيان تہ: سچ جو ضد بہ سچ آهي، حقيقت جو ٻيو پاسو حقيقت ئي آهي. هر حقيقت جي مقابلي ۾ بہ حقيقت آهي. لفظن ۾ جو سچ بيان ڪجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو سوهڪ طرفو هوندو آهي. مڪمل نه هوندو آهي جيڪا
به حقيقت سوچجي ۽ چئجي ٿي سا ڪماليت ۽ قطعيت کان
خالي هوندي آهي. مهاتما ٻڌ به اهوئي ٿــه سيکاريو آهي ته
هڪ طرف سنسار ۽ مايا آهي ۽ ٻـي طرف مڪتي ۽ نرواڻ
آهي. هڪ طرف سراپ آهـي ۽ ٻئي طرف سچ هڪ طرف
ڀوڳنا آهي ته ٻئي طرف نجات.

هرڪنهن استاد وٽ سکيا جو اهو ئي رستو آهي. ٻيو
ڪو رستو آهي ئي ڪونه. پر حقيقت هيءَ آهــي ته دنيا،
جا اسان جي اندر ۾ به آهي ۽ اسان جي اردگرد به موجود
آهي، سا ڪنهن به صورت ۾ هڪ رخي شئي ناهي. ڪوبه
ماڻهو يا هن جو ڪوبه عمل نه سڄي ساري نيڪي آهي نه
سڄي ساري بدي، نه ڪو سڄو ئي سنسار آهـي نه ڪوئي
سڄو نــرواڻ، اســان کي البت ائين ڏسبو ۽ پائنبو ضرور
آهي ڇاڪاڻ ته اسين سمجهون ٿا ته وقت يا زمانو ڪا
حقيقت آهــي، جڏهن ته اها اسان جي خـام خيالي آهـي.
حقيقت ۾ وقت يا زمانو ڪا حقيقت ڪانهي. هر بار آءٌ
ڦري گهري انهيءَ ئي نتيجي تــي پهتو آهيان. سو جڏهن
وقت يا زمانو ڪا حقيقت ئي ناهي ته پوءِ اها حد، جيڪا
اسان کي هن دنيا ۽ ابدي دنيا جي وچ ۾، دکــــ ۽ آنند
جي وچ ۾ ٿــوڙي نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ ٿي ڏسڻ ۾
اچي سابه اسان جي نظر فريبي آهي.

ٻڌ دوست، جيڪو اڄ گناهگار ۽ بدڪار آهـي، سو
سڀائي نيڪوڪار ۽ فلاح پائيندڙ بڻجي سگهي ٿو. بس اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اچ“ ۽ ”سياڻي“ ئي حقيقت ۾ خام خيالي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته نيڪوڪار انسان ۾ بدڪار انسان موجود آهي، ۽ بدڪار انسان ۾ نيڪوڪار انسان موجود آهي، گناهگار انسان ۾ مهاتما پڻ مخفي آهي، جنهن جو آئندو اڳ ئي موجود آهي، اهو ڳجهو مهاتما اسان کي انهيءَ بدڪار مان، توهان، بلڪ هرهڪ انسان مان سڃاڻڻ چاهڻ گهرجي. گووند دوست! دنيا ناقص ۽ نامڪمل نه آهي، جا اسين پانيون ٿا ته هڪ طويل راه اڪاري نيٺ وڃي ڪماليت کي رسندي ـ نه، بلڪ دنيا هر وقت هر گهڙيءَ مڪمل آهي، ڪامل آهي، هرهڪ شر جي اندر خير لڪل آهي. هرهڪ ٻار جي اندر ۾ هڪ پوڙهو موجود آهي. هر ڪير پياڪ ٻار جي اندر ۾ فنا لڪل آهي.

موت ۾ ابدي زندگي آهي، ڏاڙيل ۽ جواريءَ جي اندر ۾ ڌرماتما آهي، برهمڻ جي اندر ۾ چور آهي. جيڪر ڪوڙهو گيان ڌيان ڪجي ته هوند وقت ۽ زماني جا پردا هٽي وڃن ۽ ماضي، حال ۽ مستقبل ٿئي جيڪر هڪ ئي وقت ڏسڻ ۾ اچن تڏهن ئي ڏسڻ ۾ ايندو ته هرهڪ شئي خير آهي. ڪامل آهي ۽ پاڪ آهي.

تنهن سبب منهنجو اهو اعتقاد آهي ته جيڪا شئي به موجود آهي. سا خيرئي خير آهي، زندگي توڙي موت، پاپ توڙي پن، ڏاهپ توڙي مورکپائي سڀ خير آهي، شر نه آهي.

جنهن شئي لاءِ مان چڱو انومان رکندس ۽ ان کي چڱو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيندس ۽ ان ۾ چڱائي پائيندس. سا مون لاءِ چڱي ٿي ثابت ٿيندي مـَدي نہ. مون پنھنجي جسم ۽ جان مان اهو پراڊو آهي تہ گناہ، شھوت، دولت جو موه ۽ انھن جي نتيجي ۾ ڪراهت وغيره ورتـائڻ مون لاءِ ضروري هو تہ جيئن سنسار جي چڱيءَ طرح جاچ پرک ڪان پوءِ مون کي سنسار سان محبت ٿئي. دنيا مون لاءِ محض خيالي نہ بلڪ حقيقي دنيا بنجي وڃي. بس دوست مون تہ پنھنجي اندر مان اهو ٿي ڪجھہ سکيو آهي. وڌيڪ ڇا چوان، جيڪي ڪجھہ اندر ۾ هوندو آهي سو ڪامل طور تي لفظن جو ويس نہ پهري سگھندو آهي نہ پوري طرح بيان ٿي سگھندو آهي."

گووند خاموشيءَ سان سڌارت جي ڪٿا ٻڌندو رهيو. سڌارت هڪ پٿر هٿ ۾ کڻي چيو:

"هي ڏس پٿر، هي ماضيءَ ۾ ڇا هو. هاڻي ڇا آهي ۽ اڳتي وڃي ڪهڙي صورت ۽ حيثيت اختيار ڪندو، تنھن ڪان قطع نظر، هي بہ هڪ چاهڻ جھڙي شئي آهي، دنيا ۾ جيڪا بہ شئي موجود آهي سا چاهڻ جي لائق آهي، ندي، وڻ، پٿر توڙي هڪ معمولي ڇوڏو. انھن سڀني شين ڪان اسين سکون ٿـا. جڏهن تہ انسان جي ڳالهايل لفظن مان سڀڪجھہ نٿا سکون، تنھن ڪري لفظن سان نہ، پر حقيقي شين سان محبت هئڻ کپي. لفظن ۾ تہ نڪاکهراڻ هوندي آهي نڪاڪوملتا، نڪي رنگ، نڪيڪنبون ۽ڪناريون، نڪا بـوءِ نڪو سواد، تون فقط لفظن جـي چالڪي تـي پنھنجي سچي سڪون ڪان پري رهجي ويو آهين. اهو خير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شر، فقط لفظ ئي تہ آهن، نرواڻ بہ ڪووجود تہ ڪونهي، نرواڻ بہ هڪ لفظ ئي آهي."

"نرواڻ فقط هڪ لفظ نـاهي دوست." گـووند چيو، "نرواڻ هڪ فڪر آهي، تصور آهي."

"برابر گووند، نرواڻ هڪ فڪر آهي، تصور آهي، پر مون کي تہ فڪر ۽ لفظ ۾ بہ ڪو گهڻو تفاوت نٿو ڏسڻ ۾ اچي. آءٌ فڪر کي ڪا اهميت ئي نٿو ڏيان. آءٌ تہ شئي کي وڌيڪ اهميت ڏيان ٿو، هر شئي جـا سنسار ۾ موجود آهي — ندي، هوائون، پکيپکڻ، ڪڪر، پسون ۽ جيت.... اهي سڀ الاهي علم جا مرڪز آهن ۽ اسان کي اهو سڀڪجهہ پڙهائين ٿا جيڪي ڪجهہ ڪتاب ۽ استاد اسـان کي نٿا پڙهائي سگهن." "پر اهي "شيون" ڇا واقعي ڪا حقيقتئي آهن؟ اهي سڀ مظهر محض نظر جو دوکو نہ آهن ڇا؟ ڇا اهو محض مـايا جو ڇل ناهي ڇا؟" "مون کي تہ انهيءَ سوچ بہ ڪو گهڻو نہ ستايو آهي، جي اهي سڀ شيون محض سراب آهن تہ پوءِ آءٌ پـاڻ بہ سڪڻو سراب آهيان. تـہ بس جيڪا انهن شين جي فطرت آهي، سائي انسان جي فطرت آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي انسان کي انهن شين سان چاهہ ٿي پوي ٿو. انسان جهڙي فطرت هئڻ سبب شيون محبتلائق بنجيو ٿيون وڃن ۽، دوست گووند! ڪلجانءِ نـہ، منهنجو عقيدو هي آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اهـم شئي آهي، محبت. وڏن مفڪرن لاءِ دنيا جي اهميت فقط ايتري آهي تہ ان (دنيا) کي پرکين، ان جـي تشريح ڪن ۽ ان کـي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪارين. پر منهنجي نظر ۾ دنيا جي اهميت هيءَ آهي ته دنيا محبت ڪرڻ لائق آهي، نه ڌڪارڻ لائق. اسان کي جڳائي ته هڪڙي سان ڌڪار جو رستو رکن بدران هڪڙي سان، توڙي سنسار سان محبت جو ناتو جوڙيون. محبت جو، مان ۽ لحاظ جو، عزت جو ۽ عقيدت جو."

"پر انهيءَ محبت کان ئي ته پاسو ڪرڻ جي اسان کي تعليم ملي آهي! مهاتما ٻڌ اسان کي دیا جو، صبر جو، ضبط جو، همدرديءَ جو ۽ تحمل جو سبق ڏنو آهي چاهه جو نه. هن ته اسان کي سنسار جي شين جي چاهه ۽ موه کان پاسو ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي."

"بس اهوئي ته لفظن جو کورک ڌندو آهي گووند يار. اها لفظن جي هير ڦير آهي. منهنجو متو مهاتما ٻڌ جي سکيا جي ابتڙ اصل ناهي. لفظن جي الهيءَ گمراه ڪندڙ پاڙ ڪري ئي ته مون کي لفظن کان وير آهي. اها اصل منجهه جهڙي ڳالهه نه آهي ته مهاتما ٻڌ ڪو محبت جو مخالف هوندو. هو جو سچي انسانيت جي ٻي حقيقي ۽ فنائيت جي حقيقتن جو پارکو آهي ۽ تنهن هوندي به انسان ذات سان عشق اٿس جنهن ڪري پنهنجي سچي حياتي انسان جي ڏکن جي علاج لاءِ وقف ڪري ڇڏي اٿس، سو عشق کان اڻ ڄاڻ ڪيئن هوندو؟ البت منهنجي نظر ۾، هن جي زندگي ۽ هن جا عمل هن جي لفظن کان وڌيڪ اهم آهن. هن جي هٿ جو هڪ اشارو هن جي راءِ کان وڌيڪ اثرائتو ۽ اهم آهي. هو پنهنجي گفتگو جي سبب نه بلڪ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عملن جي سبب مهان آهي.“

تنهن بعد ڪيتري وقت تائين هي ٻئي دوست خاموش رهيا. گووند سڌارت جي گفتگو کان ڏاڍو متاثر ٿيو. سڌارت جون سڀ ڳالهيون هن ڪي پوري طرح سمجهه ۾ نه ويئيون. پر سندس دل ۾ هن لاءِ وڏي عقيدت ۽ محبت پيدا ٿي پئي. مهاتما ٻڌ کان پوءِ سڌارت پهريون شخص هو جنهن کان هو ايترو متاثر ٿيو هو. سڌارت جي ڳالهين تي غور ڪندي هن جي دل ۾ يقين ڏوڙي بي يقيني ۽ خيالن جو ٽڪراءُ پيدا ٿي رهيو هو مگر تنهن هوندي به هو احترام عقيدت کان سڌارت جي آڏو بار بار نوڙي ٿي پيو. هن سڌارت جي اڳيان ڌري گهڻ سجدو ڪندي هن کي ايلاز ڪيو:

”سڌارت! پنهنجيون عمرون هاڻي پوڙهپي پنجي ويون آهن، وري يا نصيب الائي هن جنم ۾ ملون نه ملون. آءٌ ڏسان پيو ته تو کي شانتي ملي چڪي آهي، جڏهن ته آءٌ اجا ان کان محروم آهيان. منهنجا مانوارا دوست! ڪو اهڙو اکر ٻڌاءِ جو آئون سمجهي سگهان، دل سان هنڊائي سگهان، جو منهنجي رهنمائي ڪري، سڌارت يار آئون اڪثر اونداهي ۽ اڙانگي وات تي هلندو رهيو آهيان.“

سڌارت ماٺي مرڪ سان هن ڏانهن نهاريو گووند جي اکين ۾ مرڪ هئي، اڪنڊ هئي ۽ انتظار هو. چهري تي لاڳيتي جستجو ۽ لاڳيتي ناڪامي جا دفتر لکيا پيا هئا. سڌارت هن جي ڪن ۾ سرگوشي ڪئي: ”اجا وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪي پڻ دوست، ويجهو اچ ۽ منهنجي پيشانيءَ کي چمي ڏي.“ گووند ششدر ٿيندي به اندر جي ڪنهن امر جي تحت سڌارت جي هدايت تي عمل ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو. هن جهڪي سڌارت جي پيشاني تي چمي ڏني. اهو عمل ڪندي به هن جي دل ۽ دماغ ۾ عجيب هلچل مچي وئي. سڌارت جي مٿن ۽ عقيدن ڪو هن جي دل ۾ پوري طرح واسو نه ڪيو هو مگر انهيءَ شڪ ۽ يقين جي حالت ۾ هن جي پيشاني تي چمي ڏيندي هن کي سڌارت جي هڪ چهري ۾ ڪئين چهرا ڏسڻ ۾ آيا. ڪئين سوَ هزار چهرا، جي ظاهر ٿي وري الوپ ٿيو ٿي ويا ۽ وري ظاهر ٿي ٿيا. بدلجندڙ ۽ وري ساڳي صورت وٺندڙلڪندڙ ۽ وري ڏيکائي ڏيندڙ چهرا! ۽ انهن سڀني ۾ اهوئي ساڳيو سڌارت موجود!

نندي مڇي وڏي مڇيءَ کي پٺي ڳڙڪائي، نئون چاول پار، روئڻ جي ڪندڙ، هڪڙو انسان ٻئي انسان کي چرو هڻي قتل پيو ڪري، وري جلاد انهيءَ قاتل جو ڪنڌ پيو لاهي. اگهاڙا مرد ۽ اگهاڙيون عورتون هڪٻئي کي عيش جون آڇون ڏيندڙ. لاشن جا انبار، طرح طرح جا حيوان ۽ مرون، ڪرشن مهاراج ۽ اگني، اهي سڀ چهرا هن هڪٻئي سان هڪڙي ئي رشتي ۾ جڙيل هڪٻئي سان هر معاملي ۾ سهڪار ڪندڙ، هڪٻئي سان محبت ۽ نفرت جو وهنوار ڪندڙ، هڪٻئي کي مارڻ ۽ جيارڻ جو ڪاروبار ڪندا ڏٺا. سڀ فاني، پر وري وري پيدا ٿيندڙ، ڪو مري نه پيو باڪ وري وري روپ بدلائيبدلائي پيو وارد ٿئي، — انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولي بدلائڻ واري مهل جي درميان ۾ فقط وقت جو سنڌو پيو ڏسجي،— هڪڙي هستي ٻي هستيءَ ۾ پئي جذب ٿئي— ۽ انهيءَ سچي ماندائي ۽ انهيءَ سچي نظاري جي مٿان هڪ موهوم، باريڪ ۽ دائمي هلڪو پردو پيو ڏسجي ۽ اهو آهي سڌارٿ جو مرڪندڙ منهن، جنهن کي هو چپن سان چمي رهيو هو. ۽ گووند کي انهيءَ نقاب جهڙي مرڪ تـوڙي مهاتما گوتم ٻڌ جي ساننيڪي، مهرباني، ڳـوڙهي توڙي حڪمت ۽ ادراڪ سان ڀرپور مرڪ ۾ڪوتفاوت نه پيو ڏسڻ ۾ اچي.! مهاتما ٻڌ به ته ائين ئي مرڪندو آهي—!

—وقت به ڪو مـوجود آهـي يـا نه، هي نظارو هڪ پل جو هـو يا صدين جو، اتـي ڪو سڌارٿ موجود هو يا مهاتما ٻڌ، هو خود موجود هو يا ڪي ٻيا جيو به اتي آهن؟—

گووند انهن مڙني ڳالهين کان بـي نياز ٿـي ڪنهن الاهي اوزار جو گهرو گهاءَ کائي، سچو سـارو ڪنهن منڊ ۾ منڊجي پنڊ پهڻ بڻيو بيٺو رهيو، ۽سڌارٿ جي چهري کي تڪيندو رهيو، جنهن تي اهو سچو کيل ٽيندو ڏٺو هئائين، ۽ پوءِ وري ادب ۽ احترام سان هن جي آڏو سجدي ۾ نمي پيو، تان جو سندس نراڙ وڃي ڌرتيءَ سان لڳو. سڌارٿ جي مرڪ هن کي هـر شئي جـو اهو عشق عطا ڪري ڇڏيو، هر شئي جي اها عقيدت ۽ اهميت عطا ڪري ڇڏي جا هن کي اڳ ڪڏهن به نصيب نه ٿي هئي—!!

———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيپٽمبر 1982ع ۾ شايع ٿيندڙ ڪتاب

الطاف شيخ

جو نئون ڪتاب

جـــپـــان رس

پنهنجي نوعيت جو منفرد ۽ دلچسپ ڪتاب

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان

جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

روح جي ڳولا (ناول)
(SHADOWS IN THE WALL)

سـپـون
(جبران خليل جي مختلف افسانن ۽ مضمونن جو ترجمو)

عاشي جي واپسي
(THE RETURN OF SHE)

قـلـنـدر
(قرة العين جي ڪهاڻين جو مجموعو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊ پبليڪيشنس جو شايع ٿيل اوڻيهون ڪتاب

عـاشـــي SHE

هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان به گهڻو اڳــ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بـي پناه قـوت، لازوال حسن ۽ غير معمولي سياڻپ جي مالڪ هئيـــ!

جنهن ڪروڙ ۾ اڇـي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجو انتظار ڪندي رهـي.... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هلي آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو....!

مصري قوم کان به گهڻو اڳــ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عاشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئيـــ! مگر هـن جي صورت ڏسڻ به ڪين نصيب نه ٿي هئيـــ!

هوءَ هڪ لاشن سان ڀرئيل پيرنمڊ ۾ رهندي هئي!

She جڳ مشهور مصنف هينري رائڊر هئگرڊ جي مڃئي ناولن مان مقبول تـرين ناول آهي. انهيءَ جـو اندازو هن امر مان لڳائي سگهجي ٿو، ته هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هتون هٿ کپندو اچي. هن ئـي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن.

سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

ڪل صفحا: 400

قيمت : 25 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊوولي محمد، حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشن جو شايع ٿيل ستاويهون ڪتاب

غلامن جو ٻيڙو

هي ڪتاب ايــرڪ ڪارڊر جـــي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جيو بيليشن ۾ وار ڪاندارينڌڙ جهيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڱ ڪانڊارينڌڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڊوڪي جو انت. عياش هارينبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ کي داءَ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به ٿي خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺي هينئين وارو پڙهي اسگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ کڻندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري.
هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪئين نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

خوبصورت ٽائيٽل
ڪل صفحا 288
قيمت — /20 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:
نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هڪ ٻئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اِڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪِڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book